# ماڇيءَ ڪڪرالي
# ۽ ڪاري جي ٻولي

حافظ حبيب سنڌي

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد - سنڌ

سنڌي ٻوليءَ جي جغرافيائي محاورن يا ٻولين جو مطالعو

سلسلي جو چوٿون ڪتاب

# ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي

مصنف

حافظ حبيب سنڌي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

۱۴۱۴ھ/ ۱۹۹۴ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جا حق ۽ واسطا قائم

سال: ١٩٩٤ع
ڇاپو: پھريون
تعداد: ھڪ ھزار

قيمت: ٥٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم نيشنل هاءِ وي
حيدرآباد، سنڌ

۽

مرڪزي ڪتاب گھر نمبر٩٧٢
گل شاھ محلو گاڏي کاتو
حيدرآباد، سنڌ
پاڪستان

هي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ٿيو ۽
اداري پاران اشاعتي نگران امين لغاري ڇپائي پڌرو ڪيو.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## پيش لفظ

سنڌ ۾ سنڌي ٻولي جنّ جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائجي ٿي، تنهن جي تفصيلي مطالعي جي ضرورت گهڻي وقت کان وٺي پئي محسوس ڪئي وئي آهي. اهڙي مطالعي سان هر ڀاڱي جي مقامي لفظن ۽ اصطلاحن جي ڄاڻ حاصل ٿيندي جنهن سان استادن کي ان ڀاڱي جي اسڪولن ۾ پڙهندڙ معصوم ٻارڙن جي ٻوليءَ جي پروڙ پوندي ۽ کين پڙهائڻ ۾ سولائي ٿيندي. هر ڀاڱي جي عوامي ٻوليءَ مان واقفيت حاصل ٿيندي، جنهن سان سماجي ڪم ڪندڙن زرعي کاتي جي ڪامگارن ۽ ٻين ڪارڪنن کي ان ڀاڱي ۾ عوام سان هم زبان ٿي ڪم ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي. وڏي ڳالهه ته هر ڀاڱي جي ٻولي لکيت ۾ محفوظ ٿيندي جنهن سان سنڌي زبان جي لغات جو دائرو وسيع ٿيندو.

انگريزن جي دور ۾، سرڪاري طور تي هندوستان جي ٻولين جي لساني جائزي (Linguistic Survey of India) جي هڪ وڏي رٿا عمل ۾ آندي وئي جنهن جو سربراهه جي. اي. گِريئرسن هو. ان رٿا هيٺ سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين جو مطالعو جڻ ٻن پيٽين طور ڪيائون، ۽ ان حيثيت ۾ اهو هڪ ساڳئي جلد(Volume III,Part- II) ۾ مرتب ڪيو ويو. ان کي به ڪافي عرصو گذري ويو، ۽ انهيءَ قسم جي ٻئي جائزي جي ضرورت انگريزن جي آخري دور ۾ محسوس ڪئي وئي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هڪ جامع رٿا هيٺ سنڌ جي مختلف ڀاڱن توڙي سنڌ سان لاڳو ٻين صوبائي علائقن ۾

سنڌي ٻولي جڻن ڳالهائجي ٿي تڻن ان جي مطالعي جي شروعات ڪئي وئي آهي. ان رٿا موجب هيٺين ٻارهن ٻولين جا مطالعا ڪيا ويندا:

١. سِبي جي ٻولي ٧. ڪڇي ـ سنڌي ٻولي
٢. ڪڇي ـ ناڙي جي ٻولي ٨. ٿري ـ ڍاٽڪي ٻولي
٣.ماڻيلي ـ اوٻاوڙي جي ٻولي ٩. اتراڌي ٻولي
۴. ڪاڇي جي ٻولي ١٠. لاڙي ٻولي
۵. لاسي ۽ ڪوهستاني ٻولي ١١. ڪن خاص شهرن جي ٻولي
٦.ماڇر،ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي ١٢. ڪن خاص قبيلن جي ٻولي

"ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" جو هي مطالعو هن سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن ڪم کي سال ڪن اڳ محترم حافظ حبيب سنڌي جي حوالي ڪيو ويو.جنهن پنهنجي وس آهر وڏي ڀڄيا ۽ محنت سان ڪم پورو ڪيو آهي.

هي ڪتاب ٻارهن بابن تي مشتمل آهي؛ جن ۾ ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف رهندڙ قومن جي ٻولي جو لهجو ۽ اتي استعمال ٿيندڙ انوکا لفظ سهيڙي گڏ ڪيا ويا آهن.جيتوڻيڪ ڪاري جي لغات تي وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي پر هيءَ ڪتاب اهڙي تحقيق جو بنياد آهي. ۽ اميد تہ اداري طرفان موجوده دور ۾ هلندڙ سنڌي ٻوليءَ جي وسيع مطالعي واري رٿا ۾ هيءَ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي وڌيڪ کوجنا ۾ ڪارگر ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ
٢٣ ڊسمبر ١٩٩٣

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
چيرمين
سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

# عنوانن جي فهرست


| عنوان | صفحا |
|---|---|
| مهاڳ | 7 |
| باب پهريون: ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جون حدون | 11 |
| باب ٻيو: ماجر، ڪڪرالي ۽ ڪاري ۾ رهندڙ ذاتيون | 30 |
| باب ٽيون: مهاڻڪي ٻولي | 39 |
| باب چوٿون: جتڪي ٻولي | 58 |
| باب پنجون: ماجر جي ٻولي | 73 |
| باب ڇهون: ڪڪرالي جي ٻولي | 82 |
| باب ستون: ڪاري جي ٻولي | 104 |
| باب اٺون: جاتي جي ٻولي | 119 |
| باب نائون: ڪي خاص، پتا ۽ بگڙيل لفظ | 131 |
| باب ڏهون: پهاڪا ۽ چوٽيون | 164 |
| باب يارهون: مقامي لوڪ گيت | 183 |

# مهاڳ

ڪتاب "ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي" لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ۽ استاد ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو احسان مند آهيان جو هن صاحب مون ڪم مايه ۽ هيچمدان کي ان لائق سمجهيو.

ڪتاب ۾ ڏنل ٻارهن بابن جو مختصر تعارف هن طرح آهي پهريون باب: ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي جغرافيائي حدن ۽ انهن جي تعارف تي مشتمل آهي ۽ ٻيو باب وري انهن علائقن ۾ رهندڙ ذاتين تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪل ۴۲۳ ذاتين جا نالا ڏنا ويا آهن. جن کي تعلقي وار ترتيب ڏني ويئي آهي. ٽيئن باب اندر مهاڳڪي لهجي وارا محاورا ڏنا ويا آهن، هر باب جي ترتيب هن طرح رکي آهي جو هر باب ۾هر علائقي جي ٻولي، لهجو ۽ اُن تي ٻين لهجن جا اثر، لهجي ۾ مروج خاص لفظ ۽ محاورا ڏنا ويا آهن.

ڪتاب جي چوٿين باب اندر خاص لفظ. بگڙيل لفظ ۽ ٻٽا لفظ ڏنا ويا آهن. پنجين باب ۾ جتن جي ٻوليءَ تي بحث ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ جتن جي ٻوليءَ جا خاص لفظ پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ڇهين باب ۾ ماڇر جي ٻوليءَ جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ستون باب ڪڪرالي جي ٻوليءَ جو آهي ۽ اٺين باب ۾ ڪاري جي ٻوليءَ تي بحث ڪيل آهي. نائين باب ۾ جاتيءَ جي ٻولي ۽ انهي جي لهجي تي بحث مباحثو ڪيو ويو آهي. ڏهون باب ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف عام مروج پهاڪن ۽ چوٽين تي مشتمل آهي،جنهن کي ٽِنَ ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي: (۱) پهاڪا (۲) چوٽيون (۳) منظوم

ڇوٽيون ۽ (۴) گڏيل ڇوٽيون، سيئي ذاتيون، توڙي لفظ وغيره الف، بي جي ترتيب سان ڏنا ويا آهن. ڪتاب جو آخري يعني يارهون باب ماڄر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف رائج لوڪ گيتن تي مشتمل آهي، جن ۾ مقامي ٻولي استعمال ڪيل آهي. هر باب جي آخر ۾ اُهي مُحاورا بہ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي اُن علائقي جا ماڻهو روزمره واري عام گفتگو ۾ استعمال ڪن ٿا.

ڪتاب لکڻ وقت جن دوستن احبابن ماڄر جي ٻولي لکڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي سي هي هئا: محترم عزيز جعفرائي، سائين محمد خان مجيدي، جناب سرويچ سجاولي، آپا مريم مجيدي، قاضي احمد ڪٽي، مسٽر غلام محمد جوهر ٻنورائي، مولانا حافظ غلام مصطفيٰ قادري (ڪٽي) ۽ مسٽر بخشڻ خان زنئور. جاتيءَ جي ٻولي واسطي: محترم رسول بخش تميمي، سائين احمد خان ڪَنادِ، وڏيرو گل محمد ٿهيم، وفا حسين جت، آغا محمد يحيٰ لوهار، محمد طيب ڪٽي، چاچو محمد عارف ڪٽي، ذاڪر حسين ڪٽي، جناب خليفو عبدالمجيد، مولانا عبدالشڪور نعيمي، مولانا نظر محمد جت، حاجي محمد خان ڪٽي، محمد نسيم ۽ زاهدا اسحاق سومرو.

ڪڪرالي ۽ مهاڻڪي ٻوليءَ لاءِ تعاون ڪندڙن ۾ پير شاهہ دين شاهہ قادري، سائين محمد جمن مشتاق جلباڻي، ڪامريڊ محمد عثمان جلباڻي، غلام رسول شاهہ بخاري،محمد اسحاق سرواڻ، سيد احمد شاهہ بخاري، سيد ڇتن شاهہ، لال خان سولنگي، عبدالشڪور شاداب، غلام رسول شاهہ سانگهرائي، سيد علي اڪبر شاهہ ينيوريءَ وارو، وزير احمد صَنم ڪنيار، سائين الهہ بچايو

ڪنيار، الهڏنو اداسي ۽ صالح جادوگر (ملاح).

ڪاري جي ٻوليءَ لاءِ ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي، چاچو محمد (حاجي عمر ڪٽيءَ جو فرزند) محمد رحيم شهبگي جت، حاجي مير محمد ۽ ايوب خاصخيلي، عبدالجليل آزاد، عبدالله مُرگهر، چاچا محمد اسماعيل شيدي (رٽائرڊ سپروائيزرنگ تپيدار)، عبدالستار ناز شيدي ۽ ميان محمد عثمان ڪٽيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

جتڪي ٻوليءَ بابت خاص طرح نوجوان اديب جتڪي ٻوليءَ جو شاعر، جتڪي ٻوليءَ جي لغت جو باني، تاريخ جت قوم جو خالق محترم عبدالله ابن عارفاڻي (ماهيڙ جت) قابل ســتائش آهي، ان ڪان سواءِ ميان نور محمد مياڻي، فقير محمد اسماعيل سالاراڻي، سائين علي محمد جت، ميان احمد مياڻي، وڏيرو محمود رتاڻي، الهه بچايو جانيو (جت) ۽ ان ڪان سواءِ آئون خصوصًا پنهنجي والدِ گرامي مولانا محمد عثمان صباغ (رٽائرڊ سپروائيزنگ تپيدار) جن جو نهايت ئي مشڪور آهيان. بالخصوص پنهنجي ترَجي سڄڻ، اديب، شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڪالم نويس مُحترم عبد ماجونيءَ جو بہ تهدل سان ممنون آهيان جنهن وقت بوقت ڪتاب جي ترتيب سڌاري ۽ واڌاري لاءِ نيڪ ۽ ڪارائتا مشورا سان نوازيو، آخر ۾ اُنهن مائن ۽ ڀيڻن جو پڻ شڪر گذار آهيان جن لوڪ گيتن واري ڪمَ ۾ منهنجي هر وقت مدد ڪئي.

چوهڙ جمالي — حافظ حبيب سنڌي

۷ صفرالمظفر، ۱۴۱۴هہ

۲۸ جولاءِ، ۱۹۹۳ع

# باب پهريون

## ماجر، ککرالي ۽ ڪاري جون حدون

سنڌو درياءَ جو وهڪرو ٺٽي ضلعي کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ٿو، ساڄي ڪَپ واري علائقي ۾ سڀ ڏويزن ٺٽو ۽ کابي ڪَپَ واري پاسي ۾ سب ڏويزن سجاول اچي وڃي ٿي. هن سب ڏويزن ۾ پنج تعلقا: ميرپور بٺورو، سجاول، شاهبندر، جاتي ۽ ڪاروڇاڻ شامل آهن، رونيو ڪاتي جي انتظاميه هن وراهَه کان سواءِ لِساني لهجي جي ڳانڍاپي جي ڪري ڪيٽي بندر به هن مطالعي ۾ شامل آهي. لِساني اعتبار کان هي سب ڏويزن ٽن وڏن تاريخي علائقن ماجر، جاتي ۽ ککرالي سان سڃاتي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ ڪاري ڇاڻ وارو علائقو به بنيادي طور تي ککرالي واري خطي جو هڪ حصو آهي، پر ٻولي ۽ لهجي جي لحاظ کان پنهنجو الڳ مقام رکي ٿو.

**ماجر:** ماجر بابت "تاريخ سجاول" جو مصنف: آئين اڪبري ۽ پيرومل جي حوالي سان لکي ٿو ته سجاول واري علائقي جو ذڪر ابوالفضل جي "آئين اڪبري" ۾ ملي ٿو، جنهن ۾ "ماجر" کي ٺٽي سرڪار جو پرڳڻو ڪري ظاهر ڪيو ويو آهي، ابوالفضل مغل دور حڪومت جي سرڪاري ٺٽي جي سورنهن پرڳڻن مان ماجر کي پندرهون نمبر پرڳڻو ڪري ڄاڻايو آهي. (۱)

"ماجر" لفظ بابت لکيو ويو آهي ته "ماجر" دراوڙي ٻوليءَ جو

---

(۱) آئين اڪبري جلد اول ص ۱۰۵۱، ابوالفضل، مطبوعه سَنگِ ميل پبليڪيشن لاهور.

هڪ لفظ آهي. جيڪو اصل ۾ ”ماڱر“ آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”چار رڪندڙ مهاڻو“. (۱) ڀيرومل مهرچند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته، اڳاٽي زماني ۾ هن علائقي اندر دراوڙ قوم آباد هئي، جن مان ٻه ذاتيون؛ ”اوڏ“ ۽ ”ماڱر“ آباد هئا. سجاول وارو پاسو سنڌو نديءَ جي پاڻي هيٺ ٻُڏو پيو هوندو هو. انهيءَ سموري ايراضيءَ ۾ ”ماڱر“ ذات جا مهاڻا رهندا هئا. ”ماڱر“ لفظ جي بدلجڻ بابت لکي ٿو ته، سجاول پاسي ”ماڱر“ ٻَدران عام طرح چَون ”ماڄَر“ يعني ”ڱَ“ حرف کي مَٽي ”ڄ“ ڪيو اٿن، نه ته لفظ ساڳيو ئي دراوڙي ٻوليءَ جو آهي ۽ بنيادي معنيٰ اٿس چار رڪندڙ يعني ”مهاڻو“، اِهي ماڄر يا ماڱر ذات وارا هن پاسي گهڻا هئا جو اڄ به سڄو سجاول وارو پاسو سنڌن نالي پٺيان ”ماڄر“ سڏجي ٿو. سجاول ۾ ”ماڄر“ نالي هڪ ڍنڍ هن وقت به موجود آهي، انهن اڳاٽن مهاڻن جو اولاد اڄ تائين سجاول طرف جنهن ڳوٺ ۾ رهي ٿو، سو ڳوٺ به سندن نالي پٺيان ”ماڄر“ سڏجي ٿو. (۲)

صحيح سنڌي لفظ ”ماڄَر“ آهي جيڪو مڄِر مان نڪتل آهي ”ماڄَر“ واري لفظ جو ذڪر ڀٽائي صاحب رح پنهنجي ڪلام اندر ڪيو آهي:

موڙي ”مَڄَرَ“ تاريون ڇانگا ٿا ڇَرو. (۳)

---

(۱) تاريخ سجاول، مصنف عزيز جعفراڻي، ص ۵۰، محمد بن قاسم لائبريري سجاول،
(۲)سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، از ڀيرومل آڏواڻي ص ۱۹۵٦.۱۲۴ع ص- ا-ب حيدرآباد
(۳) سُر ديسي، مرتب ر-ع ڏيلائي ص ۲۳۹.

ٻئي هنڌ فرمايو اٿس تہ :

"هيٺ جر مٿي "مَجَرِ" پاسي ڪان وَڻ راهہ" (١)

هتي "مجر" جي معنيٰ ساوڪ آهي، انهيءَ لحاظ کان "ماجَر" جي معنيٰ "سرسبز ۽ شاداب" ٿي سگهي ٿي. گهڻين ڏندين جي ڪري هيءُ علائقو سدائين سرسبز ۽ شاداب پئي رهيو آهي، جڏهن تہ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب "مَجَرَ" جي معنيٰ پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي ۾ وڻن جو ٻُور لکي آهي. (٢)

انهيءَ کان سواءِ هتي "ماجريا" ذات جا مهاڻا سجاول، جاتي ۽ شاهبندر تعلقن ۾ گهڻي تمداد ۾ رهن ٿا، ان کان سواءِ سجاول تعلقي ۾ راڻن ۽ سُورجن جي وچَ ۾ "مجريا" واهہ جو قٽل وهڪرو بہ موجود آهي. (٣)

ماجر جي حدَ : ماجر وارو علائقو ديگهہ ۾ تعلقي ميرپور بٺوري جي الهندين ڏيهن کان شروع ٿي تعلقي جاتيءَ جي اولهہ طرف ختم ٿئي ٿو، جڏهن تہ ويڪر ۾ جاتي تعلقي جي اترئين طرف واري ڏيهن کي اورانگهي اُتر ۾ درياہ سنڌ جي ڪاہي ڪَپَ تي ختم ٿئي ٿو.

(٢) ڪڪرالو: ماجر وانگيان "ڪڪرالو" بہ هڪ تاريخي پرڳڻو آهي ۽ سنڌ جي قديم رياستن مان هڪ آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي تصنيف "لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ "سمنڊ جي ڪناري سان لاڳيتي علائقي کي "ڪڪرالو" چيو

---

(١) شاهہ جو رسالو، مرتب؛ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سُر ڪاموڏ ص ١٩٧. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، ١٩٧٧ع

(٢) ايضا ڏسو ساڳيو رسالو

(٣) تاريخ سجاول ص ٥١ . عزيز جعفراڻي

ويندو آهي، هي پرڳڻو پهرين سنڌ جي حڪومت جي ماتحت هو، پر پوءِ ڪافي زماني تائين مغل حڪومت کان اڳ، سمن ڄامن (ڪيهرن) جي آزاد حڪومت هيٺ هو، نيٺ غلام شاهہ ڪلهوڙي هي خطو فتح ڪري سنڌ سان ملائي ڇڏيو. (١)

تاريخ ۾ هن علائقي جي نالي بابت ڪئين صورتون ملن ٿيون، تاريخي اصطلاح ۾ هن خطي کي "ڪڪرالو" چيو وڃي ٿو. جنهن لاءِ مختلف مؤرخن هن کي مختلف صورتن ۾ لکيو آهي مثلاً : يونانين ۽ ايرانين، هن کي "ڪروڪل، ڪوڪل يا ڪَروڪولاهہ" جي نالن سان سڏيو آهي. ان کان سواءِ "ڪَنڊ ڪڪڙالو، ڪڪرالہ، ڪڪراره ۽ ڪڪراڙو" جي نالن سان بہ ياد ڪيو ويو آهي، هن علائقي تي سمن (ڪيهرن) جي حڪومت هُئي ۽ انهن جو مورثِ اعليٰ "ڄام ڪڪرالو يا ڪڪراڙو" هو، جيڪو ڄام ڪيهر جو پاءُ هو، انهيءَ سبب هن علائقي تي اِهو نالو پئجي ويو هُجي! ليڪن محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي راءِ مطابق تہ "ڪڪراڙو يا ڪُنڊ ڪڪراڙو اصل فارسي صورت وارو نالو آهي، ڪڪراڙو اسم خاص آهي، لکت ۾ ان جي ڪا تحرير ڪونہ ڏني ويئي آهي، البت ٿي سگهي ٿو تہ اها ايراضي پٽرائين رهي هُجي. تڏهن ان کي ڪڪراڙو سڏيو ويو هجي، يا ٿي سگهي ٿو تہ اها ايراضي سال جو ڳچ حصو جُهڙ ۽ ڪڪرن سان ڇانيل رهي ٿي، ان ڪري ان کي ڪڪراڙو چيو ويو هجي، ڪنڊ وارو علائقو شايد

---

(١) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، مصنف: ڊاڪٽر غلام علي الانا، مطبوعہ سنڌالاجي ڄامشورو.

”ڪڇ“ وارو آهي ۽ ٻنهي جي لاڳيتي هئڻ ڪري ڳڏيل نالو ”ڪَنڊ ڪڪراڙو“ رائج ٿيو هجي. (١)

ڪڪرالي جي حدن ۾ سڀ ڊويزن سجاول جا ٻہ تعلقا شاهبندر، ڪارو ڇاڻ مڪمل،۽ جاتي تعلقي جو اولهہ ۽ ڪاڇيليون حصو اچي وڃي ٿو، هن علائقي جي ڏاکڻين حصي ۾عربي سمنڊ ۽ اولهہ ۾ ڪيٽي بندر ۽ گهوڙا ٻاري تعلقا اچي وڃن ٿا. هن علائقي ۾ عربي سمنڊ ڪان ڪاري پاڻيءَ جون ڍوريون، ناريون ۽ وهڪرا درياءَ ۾ اچن ٿا ان سان گڏ سنڌو بہ هتي نڙي ٿو. جيڪو ڪڪرالي جي ٽن تعلقن کي گهيري ۾ آڻي ٿو. انهن مان ٻن تعلقن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي، باقي ڪاري ڇاڻ جو ذڪر تہ ڪاري واري جاگرافيائي صورتحال واري ڀاڱي ۾ ايندو. شاهبندر ۽ جاتي ۾ وهندڙ ڪارين، دريائن ۽ ڇاڇين جو ذڪر هت ڪجي ٿو:

شاهبندر واري علائقي ۾ وَهندڙ درياءَ: شاهبندر تعلقي جي اُتر ڪان سنڌو درياءَ جو هڪ وهڪرو اچي ٿو. جنهن کي ”حيدري“ چيو وڃي ٿو. اهو اڳتي هلي تعلقي ڪاري جي درياءَ ”مٽڻي“ ۽ ٻين ۾ اولهہ پاسي (تعلقي ڪاري جي اوپر ڪان) پوي ٿو. جڏهن تہ ان جي ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ آهي ۽ عربي سمنڊ جي بلڪل لڳ اُتر طرف جيڪي ننڍيا وڏا درياءَ، ڪاريون، ڍورا ۽ ڇاڇيون نڪرن ٿيون، اُنهن ۾ واڙي (ننڍي ۽ وڏي) جهمپ، ڏٻو، ڪاجهرِ، ٽانگو، لُنياري، شُڪرانُو، ٻَچاڙَ، وچاڙَ، لوٽو، گِسَرِ، ڪٽين وارو ڍورو، مَنڊڙيءَ وارو ڍورو، نيائينءَوارو ڍورو، ماڙيءَ وارو ڍورو، ٻَڊِيسَرِ، ڪَڏو، ٻٿَنِ وارو

---

(١) جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن جو خط مؤرخہ ٣ - ٢ - ١٩٨٩ع (حيدرآباد) ۽ راقم جو مضمون ”ڪڪرالا جا اثار قديمہ“ جنوري ١٩٩٢ع.

ڍورو ۽ مَل دِرياهہ شامل ذڪر آهن. هي سڀ دريائي وهڪرا، ڍورا ۽ ڪاريون حيدري درياهہ مان نڪري "ستاهَہ" درياهہ مان لڳهندي ڪاري ڇاڻ جي اولهہ ۾ پون ٿا ۽ اوير ۾ تعلقي جاتيءَ ۾ پون ٿا. جڏهن تہ ڏکڻ طرف عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا. (١)

جاتيءَ واري علائقي ۾ وَهندڙ درياهہ: جاتي تعلقي جي اوير ۽ ڏکڻ واري ڪُنڊ ۾ ڪاڇيل طرف نڪرندڙ ۽ وهندڙ دريائن جا نالا هن طرح ملي سگهيا آهن: سِيرَ (ڪاري سير بہ ڇَون جيڪو شاهبندر تعلقي ۾ بہ اچي ٿو) سَندبو، ڪَڏو، هَمراهہَ، ڪَربَلا، وِنگڙ، باندو، حَرامي، لڪي، ڍِڳهڙو، شاتَرِي، ڪينجَهرِ، بکارَ، پَکهاڙ، پاڏالو، مَنبڙي، خونيائي، گهوڙو، نئون درياهہ پٽي وارو ڍورو، ڏِڙيون ڍورو، ڪاجَهر (شاهبندر واري درياهہ جو حصو) لوڏيءَ وارو ڍورو، ڪُور وارو ڍورو، ڪوري وارو ڍورو، سنهڙو سانگڙو ڍورو، وڻاڻ ڍورو، پيهہ وارو ڍورو، قسمي وارو ڍورو، ٿٽو ڍورو، بڇاهہ وارو ڍورو، ڪارو ڍورو ۽ ٿٽل مَلِ، (هيءُ انڊيا پاسي اڳتي هلي ڇتونءَ واري ڍوري ۾ پوي ٿو.) (٢)

ڪارو ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر: هيءُ علائقو ڪڪرالي جي خطي جو هڪ حصو آهي. ليڪن ٻولي ۽ لهجي جي لحاظ کان پنهنجو منفرد وجود رکي ٿو. ويجهڙائيءَ واري عرصي (٧٦ - ١٩٧٥ع ڌاري) ۾ هن کي "محال" جي صورتحال مان ڪڍي باقاعدي هڪ تعلقي جي حيثيت ڏني وئي.

---

(١) شاهہ بندر جي تاريخ (قلمي) تصنيف: حافظ حبيب سنڌي، ڇوهڙ جمالي.
(٢) وڏيري گل محمد ٿهيم جي ڳوٺ ۾ ٿيل ڪچهري، حاجي خميسي ٻهراڻي سان حال احوال مؤرخہ ٢ - ٢ - ١٩٩٣ع (تعلقو جاتي)

سنڌ جو جاگرافيدان ماهر ايم پناوالا لکي ٿو، تہ ڪوري ڪاري، جنهن کي سنڌونديءَ جي ڇوڙ جي سڀ کان پراڻي منزل چئي سگهجي ٿو،جتي پُراڻ درياءَ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. اِهو ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ اهڙيون ڀارهن ڪاريون هيون جن مان "بگهاڙ" ۽ "ستاهہ" ٻاڦَ جهازِ رانيءَ جي قابل هئا. ١٨٢٦ع ڌاري قلندري ڀاڻ جيڪو نئي جي اُتر کان ٿيندو گهاري ڪاري ۾ ڇوڙ ڪندو هو جيڪو پوءِ سُڪي ويو. ان کان پوءِ ١٨٣٧ع ۾ "ڪيدي واري" "ڪُوڪيا واري" ڪاريون ڇوڙ واري" ايراضيءَ ۾ قابل ذڪر ماڳ هئا. انهيءَ مان ڪوڪيا واري کان پوءِ جامڙي درياءَ وَرِ وَرتو سنہ ١٨٤٨ع ۾ درياءَ پنهنجو رُخ بَدلايو ۽ اهڙي طرح "نئين ڪَپَ" تي وري "ڪيٽي بندر" جو شهر آباد ٿيو. هي بندر "وِڪر بندر" جي ريٽجڻ کان پوءِ سنڌو ڊيلٽا جو مشهور بندر ٿي رهيو آهي.

١٨١٩ع ۽ ١٨٦٩ع واري سمنڊي زلزلن جي ڪري هن علائقي ۾ ڪافي تبديليون آيون، جنهن ڪري شاهبندر جيڪو درياءَ (شاخ) تي هڪ وسندڙ بندر هو ويران ٿي ويو. ڪيٽي بندر جڏهن عوج ۽ جوانيءَ کان موٽيو ۽ هستي، مستي ڇڏي ويو تہ ڪاري جي سرسبز ۽ شاداب علائقي ۾ وري هڪ ننڍڙي بندرگاهہ "سوکي بندر" جنم ورتو. ڪاري ڇاڻ جي انهيءَ علائقي کي سنڌو درياءَ تي بيراجن نڪرڻ کان اڳ "لاڙ جو ڪشمير" ڪوٺيو ويندو هو. ساريال گهٽي هئڻ ڪري هتان جي چانورن جي هڪ جنس "ڪارائي گنجا" اڄ بہ هن ترَ ۾ مشهور آهي. (١)

---

(١) مضمون ڪاروڇاڻ تاريخ جي آئيني ۾، لکندڙ عبدالجليل آزاد ڪٽي، روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي ۴ - آڪٽوبر ١٩٩١ع.

ڪاري ۽ ڪيٽي بندر مان نڪرندڙ درياهه: ڪاري وارو علائقو ننڍن وڏن دريائن، ڇاڙين ۽ ڪارين ڪري مشهور آهي. ڪاري جي شهرن "ڪارو ڇاڻ" ۽ "ڪيٽي بندر" کي مرڪزي حيثيت ڏيندي هرهڪ شهر جي چوڌاري وهندڙ دريائن جو ذڪر ڪجي ٿو:
ڪاروڇاڻ: ڪاري ڇاڻ جي اُتر طرف سنڌونديءَ جي ڇوڙ وارو دريائي ڦاٽ وهي ٿو، جنهن مان ٻيا درياهه نڪري سمنڊ ۾ داخل ٿين ٿا. ڏکڻ طرف کان ڪٽنڊِ درياهه ڦاٽ مان نڪري وري گهوڙي واري نار ۾ پوي ٿو ۽ وَنو درياهه بہ ڦاٽ جي ڏکڻ مان نڪري اچي گهوڙي واري نار ۾ داخل ٿئي ٿو، جڏهن تہ "راڄ واري" جيڪا هنيئر خود هڪ دريائي نار آهي، اُها بہ ڦاٽ مان نڪري سڌو سمونڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. درياهه ڦاٽ جي اُتر طرف کان "ترسياڻ" درياهه نڪري ٿو جنهن مان وري ٻيا درياهه نڪرن ٿا، هڪ ڪوبر جي اُتر طرف سڌو وڃي ڪيٽي بندر شهر ۾ وڃي ٿو داخل ٿئي تہ ٻيو "ڪانگڙي" بہ اُتر طرف ڪيٽي بندر ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ آخر ۾ ڏکڻ طرف وڃي درياهه "تُرسِياڻِ" ۾ پوي ٿو. ڪيٽي بندر جي اولهہ طرف ۾ "حجامڙو" درياهه نڪري ٿو، جيڪو اڳتي هلي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪاري جي اوپر طرف اصل درياهه مُٺي آهي، جنهن مان اڳتي هلي دريائي وهڪرو ميرواهہ نڪري ٿو. اُهو اڃان اڳتي هلي الهندي طرف ۾ وڃي گهوڙي جي نار ۾ داخل ٿئي ٿو (هن نار تي سوکي بندر هو.) مُٺيءَ درياهه جي الهندي ۾ درياهه سنهڙي وارو وَهي ٿو جيڪو اڳتي هلي سمنڊ ۾ پوي ٿو.

ڪاري جي الهندي طرف درياهه واڻِ آهي جيڪو پڻ سمنڊ ۾

پوي ٿو. مُنٿي درياهَ مان نڪرندڙ اپرندي طرف وارا ٻه وڏا درياهَ "پڪيٽڙو" ۽ "نانگ واري" آهن، پڪيٽڙو منٿيءَ مان نڪري اپرندي طرف "ٺٺين ڪانٽر" درياهَ کي اورانگهي مَلَ درياهَ جي الهندي ڪاري (تعلقي شاهبندر لڳ) ديهه "ڪُن" ۾ ڇوڙ ڪري ٿو ۽ نانگ واري مُنٿيءَ مان نڪري اوڀر ۽ ڏکڻ طرف آڏياڙيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. درياهَ اُڏياڙي باغ واري ڇاليءَ مان نڪري سمنڊ ۾ ڏکڻ طرف ڇوڙ ڪري ٿو، باغ واري ڇاڻي واري مَلِ مان نڪري درياءِ ڪانٽر ۾ پوي ٿي، جيڪا ديهه اُڏياڙيءَ جي اُتر اوڀر طرف کان درياهَ ڪانٽر مان نڪري سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو. درياهَ مَل جيڪو سنڌو درياهَ مان نڪري اوڀر ڏکڻ طرف ٻن تعلقن (ڪاروڇاڻ ۽ شاهبندر) کي آباد ڪندو، ديهه جوشيواري مان لنگهندي سمنڊ ۾ پوي ٿو، جڏهن ته اوڀر طرف ۾ رهڙو درياهَ ديهه ڪينجهر ۽ رَيڙ مان نڪري درياهَ مَل ۽ لنياري (تعلقو شاهبندر) ۾ داخل ٿئي ٿو (١).

ڪيٽي بندر: ڪيٽي بندر جي اوڀر طرف کان گهٽن وَرن وَڪڙن وارو هڪ ڊگهو درياهَ نڪري ٿو. جيڪو ڪيٽي بندر جي اُتر ۾ ڇوڏاري اولهه طرف کان گولائي واري صورت ۾ اچي ڪوبر ۾ پوي ٿو. ان کي "اوچتو" ڦاٽ چوندا آهن. ڪيٽي بندر جي ڏاکڻين طرف کان درياهَ ڪيڏي واري درياهَ ۾ ٻه اوچتو اچيو ڇوڙ ڪري انهن مڙني درياڻن جو ڇوڙ ڪاري ڇاڻ تعلقي جي درياهَ "ڦاٽ" ۾ آهي. (٢)

---

(١) ڪارو ڇاڻ ۾ ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي، محمد الرحيم شهبگي جت ۽ علي محمد بدرالي (مهاڻا) سان ڪيل رهاڻ مؤرخه ١ -٣ - ١٩٩٣ع.

(٢) چاچا محمد اسماعيل شيدي (رٽائرڊ سپروائيزنگ ٽپيدار) ۽ محمد عثمان ڪٽي سان ڪيل رهاڻ مؤرخه ١٧ - مئي ١٩٩٣ع.

**پکيڙ:** ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري واري علائقي جي مجموعي پکيڙ هم چورس ميلن جي صورت ۾ چار هزار ٻه سو ستونجاهه ميل آهي. جڏهن تہ هي علائقو ۲۷،۵، ۴۲٦ ايڪيڙن تي مشتمل آهي. (۱)

**ٻولي:** ماڇر، ڪڪرالي، جاتي ۽ ڪاري طرف عام طرح سنڌي ٻوليءَ جو "لاڙي لهجو" ڳالهايو وڃي ٿو، جڏهن تہ بلوچ قوم "سرائيڪي"، "جتڪي" "بلوچي" " براهوي" ڳالهائين. هتان جا خاص لهجا، "ماڇرڪو"، "ڪڪرالي" "جاتيءَ وارو" "مُهاڻڪو"، "شڪارڪو"، "ٻيلڪو" ۽ "ڪاري" جو لهجو عام استعمال ۾ اچن ٿا.

**طبعي ڀاڱا:** ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي علائقي کي ڇهن طبعي ڀاڱن ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو. (۱) ميداني (۲) هيٺاهون (۳) ڪَس يا ڪچو (۴) ڪارو.

**ميداني:** هن علائقي جي نَهري پاڻيءَ تي آباد ديهن ۾ ڪڻڪ، ساريون، ڪَمند ۽ تيلي ٻج پوکجن ٿا.

**هيٺاهون:** هن علائقي ۾ ڊنڊن واري ايراضي ۽ ٻي هيٺاهين زمين اچي وڃي ٿي، هن ڀاڱي ۾ ساريون، ڪمند، تيلي ٻجن کان سواءِ ڀاڄيون پڻ اُپايون وڃن ٿيون، سم نالين نڪرڻ کان اڳ هيءُ علائقو ڊنڊن جي پيدائش سبب گهڻو مشهور هو.

**ڪَس يا ڪچو:** درياءَ جي ڇڏيل زمين کي "ڪس" يا "ڪچو" ۽ ڪچو ٻَل بہ چيو وڃي ٿو.

---

(۳) اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول جو رڪارڊ (بمحمد ابراهيم سمون، (ڪلارڪ) ۽ محمد رمضان ڪناد جي مهرباني.)

**كارو :** هن علائقي ۾ اهي ديهون شامل آهن، جن کي ڪارو پاڻي پاڻي ٿو. ڪاري جي زمين جا ٻه قسم ٿين: هڪ "دريا خوردي" يعني اها زمين جنهن کي ڪارو پاڻي ڪاٽي ويو هجي ۽ ٻيو قسم "دريا بُردي" يعني اها زمين جنهن تي ڪارو پاڻي وهي وڃي يا اُها ڪاري پاڻي هيٺ رهي ۽ آبادي‌ءِلائق نہ رهي هجي.

**ٻيلا:** هتي ٻن قسمن جا ٻيلا ٿين: هڪ قدرتي ٻيلا ۽ ٻيو هٿراڌو رڪايل ٻيلا. هتان جي مشهور ٻيلن ۾ مولچند ٻيلو، جوراڙ، ڪڏي، رملَ مولچند ۽ ميرانپور، ٻيلو پناهَ، هُديراڻي، پَڪو سورنجاڻي، ڪچو سورجاڻي، ڪوٽ عالمون، ڪِيرَ سَر، ڪيٽي ڪچو، علي بحر هزاري ۽ ٻيلو گنج بهادپور ٻيلو، مَنارڪي، ڪوسن جي ڪيٽي، ڇڇ ڪيٽي، مڙهو، ٽَڪَر وارو ٻيلو، ڪُونج، ٻڏاڻي، ڪاري وارو ٻيلو شامل ذڪر آهن.

**ڍنڍون:** هن ڪان اڳ جڏهن سم ناليون اڃان نہ نڪتيون هيون، تڏهن هيءَ سمورو علائقو ڍنڍن ۽ ڍورن جو ديس ڪوٺيو ويندو هو، ليڪن سم نالين جي نڪرڻ سان هتي ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ ڪمي اچي وئي آهي، تڏهن بہ هن علائقي ۾ ڍنڍن جو وجود اڃان باقي آهي، ماڇر ۽ ڪڪرالي طرف جيڪي بہ موجوده ڍنڍن جا نالا ملي سگهيا آهن، انهن ۾ پاٻڙي، ٻوٽڙو، ٽوبَتَ، ٽِيماڻي، گَپَ، ڦَلڪَ، آباد، نيلاڻِ، رانئين، وَنگارو، اهي هاڻ ختم ٿي چڪيون آهن. اَڃَ، ڪُڙِ، خريدَ، ڏاڏاواهَ، تاڏو، مور ۽ هنجَ تَلَ، جاجَهَ، جِهم، تلِ، چَماهي ڪانگن ڪاڏي، ڪوچار، رائين، چوٻٽي، ڪاجَهري ڪلڪان، ڪَتڪُو، ڪَنِ راڄ شيخ بچل، غلام شاهَ، ڇهہ هٿو ڪُن، دوهو،

ماڇي، ڪوٽرو، جاوو، سَيلين وارا ڳجا، سانيشيڙو، جاگير، پُندَن واري، گونگڙي، ڇيچ، مَڪڙا، پَڙوَ وارو ڪُن ۽ عُمر جوان وارو ڪُن شامل ذڪر آهن. هنن ڍنڍن مان ٻيھ، ڪاني، پَن، ٻُور، ميچي، پڪي، ڪُم (مثال ۽ ڪڙال جا) لوڙهيون (مثال ۽ ڪڙال) ڪُونئيون (مثال ۽ ڪڙال) گندَ (مثال ۽ ڪڙال جا) پبڻ (پابوڙا) ۽ پيڙَ وغيره ملن ٿا. جن کي ماڻهو نہ صرف عام استعمال ۾ آڻين هنن جو باقاعدي واپار بہ ڪن.

**آبپاشي نظام** : هن علائقي ۾ آبپاشيءَ وارو شرستو انگريزن جي وقت کان اڳ بہ قائم هو، پر انگريزن جي ١٨٤٣ع ۾ اچڻ ڪري هن نظام کي ڏاڍو پسند ڪيو ويو. درياءَ جي بلڪل لڳ هئڻ ڪري هن علائقي جا ڪيترائي واهہ سِڌو سنئون درياءِ سنڌ مان وهندا هئا، جيڪي بعد ۾ الڳ ڪيا ويا ۽ هاڻ وڏين برانچن مان نڪرن ٿا.

١٨٥٦ع ۾ سنڌو نديءَ مان جيڪي ننڍا وڏا واهہ نڪرندا هئا انهن ۾ چنڊڻ راڄواهَ، ڪَمبرا، انب واهَ، گهار واهَ، ڪِيرال، نصيرڪَلانِ، هيڪَرَا، چار، مَٽلا، وڏو، ڊِينگانِ، مير سمان، ميرواهَ نواب، محمودا واهہ، ٽيڪنارام، ٻوسانو، ڇهہ هٿو وڏو، ڇهہ هٿو ننڍو ان کان سواءِ گونگڙي ڀيجاري عرف گونگڙو، مالهيا، شاهہ ڪپور شاخ، مير خانا، بيگنا، آمَر جي، تنبو شاخ، تنگو شاخ، گڏاپ، شير خانا، جاتي مائينر، ننڍي گونگڙي، وڏي گونگڙي، قيضي، رُهڙو، رهڙيا ۽ مُلان مائينر اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه ستاهہ واَهہ، ڪانٽو واهہ، گهار واهہ، ميرواهَ، پور واهَ، ڪوڏاريو واهہ (هن کي پنج گزو بہ چون) ڪُڙ دَم (خورد) ماڇڪي نالي، راڄن شاهہ مائينر، رطول، پَڪار، راڄ واهہ، جاجيا واَهہ، اسلام ڳڙهہ نالي

۽ شاهه ميهڙو، جا نالا قابلِ ذڪر آهن. بئراج مان نڪرندڙ واهن جي ڪل ڊيگهه نوانوي ميل آهي.
بَندَ: هن علائقي ۾ درياءَ جي ڪاهي ڪَپَ کان شروع ٿيندڙ بَچاءَ بند، جنهن کي عام طرح "ڪچي وارو بند" چيو ويجي ٿو. اُهو سجاول تعلقي کان شروع ٿي تعلقي شاهہَ بندر ۾ ختم ٿئي ٿو، اهو بند مختلف هنڌن تان لنگهڻ سبب مختلف نالن سان سڏيو وڃي ٿو. مثلا: تعلقي سجاول ۾ هن کي "بيگاري بند" جي نالي سان پڪاريو وڃي ٿو ۽ تعلقي شاهبندر ۾ "مولچند شاهبندر بند" جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جيڪو تعلقي سجاول جي ديهه راڻئا ۾ چويهه ميل کان شروع ٿي ٢عہ ٥٨ ميلن تي ختم ٿئي ٿو ۽ ان کان پوءِ تعلقي جاتيءَ مان وڃي تعلقي شاهبندر ۾ پهچي ٿو. هن علائقي جي ٻين لوپ بندن ۾ نصير لوپ بند، ٻيلو لوپ بند، ڪوٽ عالمون لوپ بند، سورجاٺي لوپ بند، راڻئا لوپ بند، لنڊي بند، گونگڙي ڪارڊ بند، جا نالا قابلِ ذڪر آهن.، ان کان سواءِ تعلقي جاتيءَ ۾ مٺارڪي بند، جيڪا روڊ موري وٽ ختم ٿي تعلقي شاهبندر ۾ پوي ٿي جتي ان کي "مولچند شاهبندر بند" چيو وڃي ٿو. جيڪو اڳتي هلي "قادر ڏنہ شاهہ بند" جي نالي سان سڏجي ٿو. ان کي ١٨٩٤ع ۾ ڇڏيو ويو انهيءَ جي جڳهہ تي ڪاٺي واهہ جي سڄي پاسي واري بند کي دريائي بند طور تبديل ڪيو ويو.مذڪور بند اڳتي هلي وري ڪَوڪا وارو بند ڪوٺجڻ لڳو.

انهن دريائي بندن کان سواءِ حڪومت پاران هن علائقي کي ساموندي ڪاري پاڻيءَ جي اُٿلن کان محفوظ رکڻ واسطي، تعلقي

جاتيءَ جي اوپر ڪاڇيل طرف کان هڪ وڏو بند ڏنو پيو وڃي، اهو بند جاتي تعلقي جي ڳوٺ "راڄ ملڪ" جي ڪاڇيلان، پاڪستان پاران عالمي بينڪ جي تعاون سان لڳي رهيو آهي، هن بند جو سرڪاري نالو "ٽائيڊل لِنڪ بند" آهي، عام ماڻهو ان کي " وڏو بند" سڏين.

**نيڪالي سرشتو:** هن علائقي جي "برينيج" سسٽم يعني بيڪار ۽ سم واري پاڻيءَ جي نيڪال جو ذريعو، ڍنڍون ۽ ڍورا هوندا هئا ليڪن ان کان پوءِ ڇنڊڻ جي نظام کي سُڌارڻ جي ضرورت پيش آئي، جنهن ۾ ماهر جون ڇنڊڻ ڳپ، ڇنڊڻ ڏندو، فلڪ ڇنڊڻ، سکٺ ڍورو ۽ نانگڻ ڍورو جا نالا قابل ذڪر آهن.

جڏهن تہ جاتيءَ واري حصي ۾ اينڊز ڇنڊڻ شاهہ ڪپور، مير خانا، بيگنا، آمرجي، قبضي، تنبو، ٽنگو، گڏاپ، شيرخانا، رُهڙو، ڪارو گونگڙو، ان کان سواءِ حڪومت پاران بہ وڏيون سم ناليون کوٽايون ويون آهن، جڏهن تہ تعلقي شاهبندر ۾ جيڪي ڍنڍون ۽ ڍورا ڇنڊڻ جو ڪم ڏين انهن ۾ پيرائي ڍورو، شيديءَ وارو ڪُن، ڪَوَهَہ وارو ڪُن، ننڍي گونگڙي، پڙڻو وارو ڪن، عُمر جُوان ڪن ۽ مڪڙا شامل آهن.

**زراعت :** سنڌ ۾ زراعت هڪ قديمي پيشو آهي، هن علائقي ۾ ڍنڍن، ڍورن، ڇَڇَنِ ۽ ڇنڊڻ سبب بڻراج کان اڳ جا سمورا واهہ درياءَ سنڌ مان نڪرندا هئا، خريف، توڙي ربيع جا سمورا فصل ڏاڍا ڀلا ٿيندا هئا. پر هن وقت ساريون، ڪمند، ڪڻڪ، جَوَ، ٻاجهر ۽ توريو وغيره ٿئي. ساريال جي فصل ۾ گنجا، موتيا، رتڙيا، ڪَنگڻي، سَنيا، چالهيئڙا، ڳُجائي، گنجا ڪارائي (انهن کي مامرُو بہ چَون) اچي

جنس، جيرائي (انهن کي جيراشاهي بہ چون) ڳاڙهي جنس، ٽمٽيا اڇا، ٽمٽيا ڳاڙها (انهن کي ڳجائي بہ چون) اِيري ٦ ميڪسي پاڪ ايري ٨ ايري ٧٦، ايري ٨٨، سارين جي فصل ۾ اڪثر رَتي، روڙِي (رُهڙو) گڏر ۽ ڪوئي جو خطرو رهندو آهي.

وڻ، ٽڻَ، گاهَ، ٻوٽا، وَليون : لاڙ جو هيءُ علائقو شروع کان وڻن سرسبز رهندو پيو اچي، وڻن ۾ ديسي ٻَير، ولائتي ٻَير، پپر، ٻڙ، ڪَنڊ ٽالهي، سريل، ڪاهون، نِم، آمرو، ٻير، چار، لَئي ، آسرا لوا، مٺي آمري، گدامڙي ڪجي (ٽروٽو) آڪ، دارون، لاٺو، ميندي، ريڙ جو وڻ، وڏي گيدوڙي، ننڍي گيدوڙي (ليسوڙي) کان سواءِ ديويءَ جا نالا قابلِ ذڪر آهن. ميوائي وڻن ۾ انب، ليمون، ڄمون، چيڪو، لِيارِ، توت، زيتون، ناريل، پپيتو (ڪاٺ گدِرو بہ چون) وِلائتي ڪيلو، الائچي ڪيلو، ڳاڙهو ڪيلو، سنڌي ڪيلو وغيره شامل آهن، انهيءَ کان سواءِ ٻيلي کاتي وارن جي جفاڪشيءَ سان ڪاري، توڙي مٺي جي ٻيلن ۾ مختلف قسمن جا وڻ لڳايا ويا آهن. ڪاري جي ٻيلن ۾ سنڌي ننڍي ٽمر سان گڏوگڏ جپاني ٽَمِر جو وڻ جنهن کي "زائيزو فوريا" چيو وڃي ٿو اُهو پڻ گهڻي انداز ۾ پوکيو ويو جنهن کي هت "وڏو سنڌي ٽمر" چيو وڃي ٿو. ان کان سواءِ مٺي جي ٻيلن ۾ وري گُل مَهر، بوڪِيسِ ۽ ولائتي نم پوکيا ويا آهن.

گاهہ: اڪڙي، لوسڻ، برسيم، جَنتَر.

**فصل وارا گاهہ:** مڪئي، جَوَ، ٻاجهر، جُوارِ، مَٽرَ، اُڙدَ ۽ مُگَ، انهيءَ کان علاوه سارين جا پَنَ گاهہَ طور استعمال ٿين ۽ جڏهن کان ڪمند جي پوک شروع ٿي آهي، تہ ڪَمند جا پَنَ بہ گاهہ طور

استعمال ڪيا وڃن ٿا.

**سُکلَ گاهَه:** پَلال (سارين جو) بوهَه، پُڏي،

**ساوا گاهَه:** مُگَرال، ٿوپ، بيڪون، سورائي، پَتر، هو، چيڻُو، سئي، ڪَلَ، ڊامَڻ، اواندبو، پَرٽ، لَنوارو، ڏنگڙي، پواڙي، سَنَورِ، منڊيٽڙو، ڳنڊير، ڏيرِ، چِبَر، ٻُڪَنَ، اوئنِ، ناڙو، سانوڻي، ٻِڏ، پاڙ، ڊيوري، ساوڙي، سائون، ڪيهَ، ڪَلُوري، ڃِهل، چيهو، مَٽرِ، مريڙو، داجُوري، لُلرِ، ڏنوئي، سونهڻ، موٺ، لِچَڻِ، ڪِرنُو، ڪندبو، ٽڙ، ڊبر.

**ٻوٽا:** ٻوٽن مان ڪانٽل پيرو، ڪِپَ، پوتو، ڦاڙَ، رنگَ وڻ، پيرون، اُبت ڏنگڙي، ڏتورو، منڊيري (ننڊي ۽ وڏي) ڪانٽوبو، ڪانڊيرو، جابلو ٿُوهَر، گگر، سَر، ڪانَهنَ، ٽڪُنڊي، ايريال، (مني ۽ ڪاري) زنگي گُل، گدَرَ پُچِي، نانگ ڦَڻِ، ٿور لاٺو، (هي سيني کان وڏو ٿئي) ٽاچ لاٺو،(هن مان ڪار ٿئي) ٻاڙ، (ننڊي قسم جو ٿئي درياءَ پاسي ٿيندو آهي، هن کي انيون (ڏاچيون) ڪائين) سَهي لاٺي، ڪَڙِ لاٺي (ڪاري لاٺي بہ چَوِنِ)، ڦيڙَ لاٺي، ( ڪارين ۽ ڏندين ۾ ٿئي) مني لاٺي باغن ۾ ٿئي ۽ گل لاٺي، گُل مور، خليفو، ڪَنَ ڪيوَڙي ۽ پَٽر ٽوڙِ (پٽرچٽ) ٻوٽي.

**وليون:** ماجر ڪڪرالي ۽ ڪاري جي علائقي ۾ هينئين قسم جون وليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، ٻي پاڙي، دودڦلو، گرل، اڦيري، ٿُوهَہ، گولاڙو، اپريشن، ندا، ڪاٽيل، نانگ وَلِ، چيڙ، ڪندرو چيڙ، ڪريلو، ڪَرِڪڙي، مُنڊيل وَلِ، هرڻ لاٺي، ڊاماهُہ ۽ رات جي راڻي.

**چوپايو مال:** هيءُ علائقو چوپائي مال جي ڪري بہ گهڻو مشهور آهي، هتي مينهن، ڳئون، اُٺ، رڍ ۽ ٻَڪري ڪير ۽ گوشت

وغيره لاءِ پاليا وڃن ٿا.

**جانور:** جهنگلي جانورن ۾ سيهڙ، ڦاڙهو، مِرُو، (سُور) ڀنگولين (ڇلرو مرو) گڏڙ جهنگلي ٻلو، ڪُتو، تر جائو ڳِرهه، سانڊيو، نوريئڙو، نور، ڳوهيرو ۽ گلوئي اچي وڃن ٿا. ڪنهن وقت ۾ ڪڪرالي ۾ هَرڻ به هئا ليڪن هاڻ انهن جو نسل اٿليو آهي، پاڻيءَ جي جانورن ۾ لوڌڙا، ڪڇون، سيانتا، واڳو، سيسا.

**مڇي :** هيءَ علائقو ڍنڍين ۽ ڍورن جو مرڪز هئڻ ڪري، مڇيءَ جو به خاص مرڪز رهيو آهي. هتي ٻن قسمن جي مڇي ملي ٿي. ”هڪ مٺي جي مڇي“ ۽ ”ٻي ”کاري جي مڇي“. مڇيءَ جي بي شمار قسمن مان مشهور قسمن جا مختصر نالا ڏجن ٿا.

**مٺي جي مڇي:** مٺي جي مڇيءَ کي وري ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هڪ ڇيلري، ٻي ليٿي (بنا ڇلرن جي) ڪُرڙي، موراڪي، ٽيري، پلو، ڏنيرو، ڏائي، ڳانيرِ، گندڻ، سريو، مٺي جا سانا، مُنڍي، مُنڍڙو، پوپري، ڏيو، مُٺي، دائر، ليٿي مڇي، ڄرڪو، ٻُوهڻِ، سينگاري، لوڙهه، ڦابڙو، رڙو، ککو، کگِڻير، ڏُترڙو.

**کاري جي مڇي:** هن ۾ به ٻه قسم ٿين هڪ ڇلرن واري ٻي ليٿي، (بغير ڇلرن جي). ڇلرَن واري، ڇوڏيون، ڦاڙَ، حَڪمَ (سيٿي مٺي جي سانن کان سواءِ) ڊاِنگري، گولي، سيٺرِ، پِتُون (هن کي پاپليٽ به چَون) ٽوٽا (گولي مڇيءَ جي ٻچن کي چوَن) دوٽر، سُرمائي، پَڏڻِ، وائرِ، مُريو، ڪريڙَ، سِٽي، لچَڪَ، سُوئو، ڇِلوَري، بنا ڇلرن جي، مور مڇي، ڳانير، آل، ڏُترِ، منگرو.

**پکي:** سُکي جا پکي: پورو تِتَرِ، ڪارو تِترِ (ايراني تتر به ڏسڻ ۾

آيو آهي) ڪبوتر، ڳيرو، وَنهيو، چيٽي، لغڙ، ڪاٽ ڪُتو، هُدِ هُد، جهنگ ڪَڪڙ، جهرڪي، پونتريو، چَتُون، ٻوليرِ چانهَ، ڪانگ (ڪاري طرف بلڪل ڪارو ڪانو بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي) ڪَبر (ڳاڙهي چُنهب واري بہ هتي ليي) پِروڙي باز، ٻُلبلو، جَهارِ، پيرِ، ڪارپڏي، ننديو ليلهو، ڪار ڊونهاري، مالار، ڳجهہ، پيلو باز، سِرڻِ، ٽيٽيار، چاپانگو، مينٽر، هَڪو، پُورِ، ابابيل، ٻوڙي، ڏُنهائي، ٽيٽيهو، ٻابيهو، ٻم، مرچ، تاڙو، چِپَ (چپرو)، بحري باز، ڪَرنا، هُورا، اڇوڪنگرِ، ڳاڙهو ڪنگر، چپرو، انهن ۾ چانهہ ۽ هُد هُد ٻاهريان پکي آهن جيڪي موسم آهر هر خطي ۾ ڏسبا آهن.

ڊانديي پکي: ماڇر، ڪڪرالي ڪاري طرف جيڪي پاڻيءَ جا پکي نظر اچن ٿا انهن ۾ ٻُڏتُو، آڙي، ڪينٽالي، ٽُرهَندو، هَنجَرَ، ڊگهوشِ، نِيرڳي، ٻوهاڙ، ڳهَٽُو، رونوارو، ڦاراهو، رَتُونَبُو، چيڪلو، سيندر ڏوٽيلو، لاڪي ڄاڄي، ڪُوٽي، چنوڙو، ٻاهو، ڪُڪڙاٽ، مَنگهہ سوهٽي، گگهہ، ڪنگر ڪلوتو، پُونسَ، ڏلاريو، هاڙهي، لَلو هنج، ٺُهايو، لَڙانيو، پوراڙو، ٽوپيار، چِيهَ، ٽوبر، ٽُور، تَلورُ، سارڙيون، ڪُڪِٽي ڪيتاهَ، سانَهن، ڪانئيرو، ڪينائي سَنگِ، ڪونگَ، ڪُنيو، پرولي، توهو، ڪَڳِ، فيري، سيلَڙِ، ڪَولَ پِٽڪَ، شوڪو، ڪُونج، سَتالو، ڪوبائي ڏاريو، جڏهن تہ پاليل پکين مان چتون، ڪبوتر (اڇو) هنج، ڪُڪڙ مور، ڪانئيرو، ڊيلَ ۾ ٻَدَڪَ.

ڳوٺ ۽ شهر : وڏن شهرن ۾، ميرپور ٻٺورو، دڙو، سجاول، جاتي، چوهڙ جمالي، جهرڪَ، ڪاروچاڻِ، جڏهن تہ مشهور ڳوٺن ۾، عنايت پور، ٻيلو، لاڏيون، چچ جهان خان، شاهہ يقيق، دڙي موري، چار جو ڳوٺ، چُريٽائي، ابڙال، ڪوٽ عالمون، مولوي عبدالعزيز جاڙيجو،

لائق پور، ٻنو، گگها ڳوٺ، راڻونٽ، والي شاھ، ٻڍو ٽالپر، موزور لغاري، نوڏو ٻارڻ، ٽنڊو عالم، خليفو احمد، مراد پور، سيدپور، ڳوٺ گاھي خان، ٻوهڙن جو ڳوٺ، مريد کوسو، جاتي چوڪ، شاھ ڪپور، ڳوٺ مکڻ ٿهيم، راڄ ملڪ، تڙ خواجہ، بيگنا موري، روڊ موري، ٻارڻ آباد، نهڙيا آباد، ڪُتڪو، انڙيا، ڪوٺي مُلان، قادر ڏنو شاھ، جونگو جلباڻي، شيخ محمود، ملان عباسي، منو خان جلباڻي، موليڏو هالو، حافظ پنيو مانڌريو، گل محمد اپلاڻ، جيئند زنگيجو، حاجي عارب ڪيهر، علو دل، باگاڻ، اسماعيل چارڻ، عالي ٻارڻ، حسين منڌرو، ڪوڏاريو، حاجي غني جت، گل محمد ڪليري، حاجي ابراهيم دَل، ڪانتو موري، شاهبندر، حاجي عبدالرحيم گيانچ جت، نوڙهي، حاجي حنيف جت، وڏيرو محمود رتاڻي جت، حاجي اسماعيل ڪاتيار، ميان احمد جت، گونگاڻي (ٽالپر)، حاجي صالو سولنگي، موسيٰ ٻاٻيهو، مورچڏائي، حاجي غلام حسين پيروزاڻي، سڄڻ واري، ڪاروچاڻ، ناري واري، حاجي مانجهي اوٺو ۽ حاجي مير محمد خاصخيلي جا نالا قابل ذڪر آهن.

---

# باب ٻيو

## ماجَر، ڪڪرالي ۽ڪاري ۾ رَهندڙ ذاتيون

ماجَر، ڪڪرالي ۽ ڪاري وارا حصا سنڌو درياءَ جي ڪاهي پاسي واري سب ڊويزن سجاول، پنجن تعلقن: ميرپور بٺورو، سجاول، جاتي، شاهبندر ۽ ڪاروڇاڻ تي مشتمل آهي. ان ڪان سواءِ ڪارائي ياڳي ۾ سب ڊويزن ميرپور ساڪري جو تعلقو ڪيٽي بندر وارو علائقو پڻ اچي وڃي ٿو.

هن باب ۾ ذاتيون تعلقي وار سلسلي سان هيٺ ڏنل آهن جيئن خبر پئجي سگهي تہ ڪهڙي تعلقي ۾، ڪهڙيون ڪهڙيون قومون ۽ ذاتيون رهن ٿيون. البت تعلقي ڪيٽي بندر جي ڪجهہ اهڙين ذاتين کي بہ ڏنو ويو آهي، جيڪي لاڳو ڪارائي ياڳن ۾ رهن ٿيون:

**تعلقو ميرپور بٺورو:** سنڌ ۾ قومن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هڪ سماٽ، ٻيو بلوچ، ٽيون سيد. هن تعلقي ۾ بلوچ قوم جون ڪل سورهن، چار آباد پنجابي، اٺ غيرمسلم، هڪ پٺاڻ ۽ ٻيون سڀ سماٽ قوم جون ذاتيون آهن:

**(الف)** آرائين، ابڙا، اُڏيجا، اعوان. **(ب)** بالاچ، بِروهي، بڪڪ، بُڪيرا، ٻهرائي، بِرهمڻ (هندو). **(ڀ)** ڀَارَچ، ڀارڻ، ڀٽيتال، ڀاگهل، ڀابڙا، ڀانهيپوٽا، ڀوڙائا، ڀَبر، ڀيلائي. **(پ)** پُنا، پَٽ، پَٽي، پُرِڳڙي، پنيرا، پَنگي (هريجن) پيل، (هندو). **(ت)** تُرڪ، تيتَرِي، تماچي. **(ٿ)** ٿيبا، ٿهيمَ. **(ٽ)** ٽانڪ، ٽانڊائي، ٽَڳڙ، ٽيمَڙا. **(ٺ)** ٺارائي (مهاٺا). **(پ)** پاريي، پالاري، پارِهيڙي، پَرهياڙ، پَخالي، پٺاڻ، پَترا،

متياروي)، سومرا، سهتا، سَمان، سوها، سولنگي، سميجا، سانگي، ساندَ، سورجا، سَخيراڻي، سوڍا، سَنَڙا، سيڪڙا، سرواڻ، سَنيا، ساندائي، سائي (مهاڻا) سَسِيا (مهاڻا)، سورائي، سِرائي، سامي (غيرمسلم). **(ش)** شورا، شيناَ، شيخ، شيدي (قمبراڻي)، شاعر (مهاڻا)، شڪاري (هريجن). **(ع)** عباسي، عمراڻي. **(ق)** قراليشي. **(ڪ)** ڪوريجا، ڪناند، ڪَهيري، ڪڇي، ڪِيڙانا، ڪانت، ڪِيريا، ڪنگاڻي (مهاڻا)، ڪندراهـَ، ڪوچائي (مهاڻا)، ڪوچاريا (مهاڻا)، ڪوٽي (مهاڻا)، ڪانيائي (مهاڻا)، ڪُونجڙا (مهاڻا)، ڪَهراڻي (مهاڻا)، ڪارڙا (مهاڻا)، ڪوٽائي (مهاڻا)، ڪنڊائي (مهاڻا)، ڪَلاڻي (مهاڻا)، ڪڪاڻي (مهاڻا) ڪهيرائي (مهاڻا)، ڪولهي (غيرمذهب)، ڪوڪڙي (غيرمسلم)، ڪَمبُوهـَ (پنجابي)، ڪاسائي، ڪنيار. **(ک)** کَٽي (ڪڇي ۽ سنڌي)، کَڏاَ، کوڙ، کوسا، کاٽڙائي (مهاڻا). **(گ)** گشڪوري، گُرماڻي، گدا، گاڏارَ، گندرا، گوگيڙا (غيرمذهب)، گُوندل (پنجابي). **(گھ)** گهوٽا، گهوبلا، گُهريائي، گهُوٽ، گهُمڙائي. **(ڳ)** ڳاڙها، ڳَنيير (مهاڻا). **(ل)** لاشاري، لونيا، لُوٽِيا، لوهارَ، لَنگا، لَنڊا، لڳائي (مهاڻا)، لاٽا (مهاڻا)، لُوٽائي (مهاڻا)، لَڙائي (مهاڻا)، لاڙائي (مهاڻا)، لوهاڻا (هندو). **(م)** ميمڻ، مگڻهار، ملاڻا، موراجَ، مُڇارا (مهاڻا)، مُنارا، مُغلَ، مُنا، مينڌرا، ميرجت، موچي (مُسلم)، ماڇي، ميراڻي، مَنڊڙا، مَچولاڻي (مهاڻا)، مَلاراڻي (مهاڻا)، مَنجري، موڙيا (مهاڻا)، مينگهواڙ، منڌرا، مگريا. **(ن)** نندا (هندو)، نانگيا (مهاڻا)، ناريجا، ناهِيـَ، نظاماڻي، نوتڪاڻي، نوحاڻي. **(و)** واڍا، وڪِيا، وَلڙا، ويجَ،

ولاسيا (مهاڻا)، ولهاري (مهاڻا). **(هہ)** هولائي (مهاڻا)، هيٺار (مهاڻا)، هيلاياڻ، هالا، هنگورا، هنگورجا.

**تعلقو جاتي** : تعلقي جاتيءَ ۾ رهندڙ ذاتين ۾: ٻارهن بلوچ، ويهه پنجابي هڪ عيسائي ذات "ڪيٿولڪ" (جيڪي پنجابي زبان ڳالهائين)چار هندو قومون ۽ پناڻ انهن کان سواءِ باقي ٻيون سڀ سماٽ آهن:

**(الف)** آٿلا، آرائين (پنجابي) اَبڙا، اونا. **(ب)** بروهي، بَشيرَ، باگڙي (هندو)، بُوهَڙَ. **(ڀ)** ڀُهريا، ڀَروچَ، ڀارڻ. **(پ)** پَڏالا، پَٽي، پنگي (غيرمسلم). **(ت)** تُرڪَ. **(ٿ)** ٿهيمور، ٿهيمَ. **(ٽ)** ٽالپرِ، ٽُوها، ٽيمڙا. **(ٺ)** ٺاڪرا. **(پ)** پاڏائي، پاهيڙي، پرهياڙَ، پَنهورَ، پناڻ (سنڌي)، پناڻ (سرحدي)، پير. **(ج)** جَت (تقريبًا سڀ اوڙڪون)، جمالي، جتوئي، جوٺيجا. **(جهہ)** جَهانگياڻي. **(چ)** چانديا، چارڻ، چوهاڻ، چالڪا، چيرِيا. **(خ)** خاصخيلي، خُواجا. **(د)** دَرسَ. **(ڏ)** ڏانڌل. **(ڏ)** ڏَچَرَ. **(ڍ)** ڍُهَڙَ. **(ڊ)** ڊينڊڙيا، (مُهاڻا) ڊيرا. **(ر)** راجا، رَجا، رند **(ز)** زِيندَ پُورِيا. **(س)** سيد، سومرا، سيڪڙا، سَميجا، سيال، سولنگي،سماڻ،ساند،**(ش)**شيخ، شڪاري (غيرمسلم) شيدي. **(ع)** عيسائي (ڪيٿولڪ) عباسي. **(ق)**قاضي، قريشي. **(ڪ)** ڪاتيار ڪنيار، ڪرمتي، ڪيهر، ڪوڪڙي (هندو). **(ک)** کٽي (سومرا)، کِنيرا، کوسا، کوڙ، کوکر (پنجابي)، کِتري (ڪجي کٽي). **(گ)** گُرماڻي، گدا، گُجر (پنجابي). **(ڳ)** ڳاڙها. **(گهہ)** گهَگهيرا، گُهنا. **(ل)** لاکا، لُوهار (سومرا)، لوڌا، لُنڊَ. **(م)** مالهيا، مالاڻا، مانڌريا، ميربحر، موچي

(مسلم)، ميراسي، مگٿهار، مينگهواڙ (هندو)، مُهاجَرَ، منڊرا، مَجولائي، مُنارا، ماڇي. **(ن)** نُهڙيا، نوتيارَ. **(و)** واڍا (سومرا)، وَنگائي. **(هـ)** هنگورا، هنگورجا، هندو ڀگت.*

**تعلقو شاهبندر:** تعلقي شاهبندر ۾ ذاتين جو تعداد هڪ سو ٽيهتر آهي جنهن مان ٽيرهن بلوچ قومون آهن. جيڪي سرائيڪي، براهوي ۽ بلوچي زبان ڳالهائين. جڏهن تہ هن تعلقي ۾ پنج پنجابي ڳالهائڻ وارين ذاتين کان سواءِ سنڌي ۽ سرحدي پٺاڻ بہ رهن ٿا، انهن کان سواءِ ٻيون ذاتيون گهٽ ڪري سماٽ آهن: تعلقي جاتي ۽ ڪاروڇاڻ ۾ رهندڙ ”جت“ قوم جي اوڙڪن ۽ پاڙن جو ذڪر ”جتن جي ٻوليءَ“ واري باب ۾ ڪيو ويو آهي. باقي ٻين ذاتين جو ذڪر هن طرح آهي:

**(الف)** آٿلا، آخوند، آرائين (پنجابي)، اوٺا، اوڍيجا. **(ب)** ٻُدا، ٻُنڙا، ٻُڪيرا، ٻوهڙ، بروهي، باگڙي (هريجن). **(ٻ)** ٻارڻ، ٻگهيا، ٻاٻڙا. **(پ)** پائلَ، پَٽَ، پَٽي، پيل (غيرمسلم)، پَٽي (پنجابي)، پرگڙي، پنگي (هريجن)، پَندَ، پاڏائي (مهاٽا). **(ت)** تارڙا، تارڙ (پنجابي). **(ٿ)** ٿهيمَ، ٿيٻا (ڪڇي)، ٿُڙيا، ٿهيمورَ. **(ٽ)** ٽالپر، ٽانديا. **(پ)** پارابي، پٽافي، پرهياڙ، پارهيڙي، پنهور، پَنيارَ، پنجارا، پٺاڻ (سنڌي)، پير، پڪاڙا. **(ج)** جمالي، جلباڻي، جتوئي، جمالي (سنڌي)، جوٽيجا، جَتَ، جويا، جَنداڙا، جَٽَ (پنجابي)، جکَڙ، (پنجابي). **(جهہ)** جهولائي (مُهاٽا). **(چ)** چانديا، چاڪي، چاوڙا، چانگ، چَراهَا، چِيما (پنجابي)، چيريا. **(ڇ)** ڇَريجا، ڇڇائي (مهاٽا).

---

* تاريخ جاتي- از رسول بخش تميمي.

ڇڄر. **(ح)** حَجام، حُليا. **(خ)** خاصخيلي، خليفا، خروٽي (پٺاڻ). **(د)** دَلَ، درسَ. **(ڌ)** ڌانڌل، ڌاڙيا، ڌنڌڻ. **(ڏ)** ڏڇر، ڏيسرا، ڏيٿا. **(ڊ)** ڊومڪي. **(ر)** راجسي پوٽا، رَنا، رحما، رند، رڀيسپاري (غيرمسلم). **(ز)** زَنگيجَا، زرداري. **(س)** ساندَ، ساڙها، سومرا، سميجا، سمان، سهتا (ڪڇي ۽ سنڌي)، سڳُوريا (مهاڻا)، سرواڻ، سيد، سامي (غيرمسلم)، سوڍا، سوڍائي، سَنگهارَ، سَسِيا (مهاڻا)، سمگڻ (مهاڻا)، سورها، سيالَ (پنجابي)، سِيائي (ڪتولڪ) سُليمان، خيلِ (پٺاڻ). **(ش)** شيخ، شِڪاري (غيرمسلم)، شورا، شيدي. **(ع)** عالماڻ، عباسي، عمراڻي، عيسائي (پنجابي ڳالهائين). **(ڦ)** ڦُلاڻي. **(ق)** قريشي، قادياني (پنجابي ڳالهائين). **(ڪ)** ڪانياڙا، ڪاتيار، ڪانت، ڪُنيرَ، ڪوري، ڪوريجا، ڪيهر، ڪهيري، ڪونجائي (مهاڻا)، ڪيڇي، ڪَناند، ڪونگائي (مهاڻا)، ڪوڪڙي (هريجن) ڪلهوڙا، ڪندراهَ. **(ک)** کوڙَ، کوکر، کوکر (پنجابي)، کٽي (سنڌي ۽ ڪڇي)، کارئي (مهاڻا). **(گ)** گُرماڻي، گکڙ (پنجابي)، گُجر (پنجابي)، گدا. **(ل)** لاشاري، لاکاٽيا، لوڊا، لَشَاري، لورا، لوهاڻا (هندو) لوهار (سمان)، لغاري، لُنڊَ، لَکَ (پنجابي). **(م)** ماڇي، مگٿهار، ميمڻ، مِرگهَل، ميراسي، مَمبراڻي، ميربَحر (ملاح مهاڻا)، ماچريا (مهاڻا)، ماجوني (ڪڇي)، مَندرا، مانڌريا، مُلان، مگسِي، مَنڇرا، مهر، مَهر (پنجابي)، مَلڪ (پنجابي). **(ن)** نومڙيا، نُوحاڻي، نُهڙيا، نوحاڻي (مهاڻا). **(و)** واهياڻي (مهاڻا)، وِگهامَ، ولاسيا، واديلا، وڙيچ (پنجابي)، وِرڪَ (پنجابي)، وَٽُو

(پنجابي). **(هہ)** هالا، هِنگورا.*

**تعلقو ڪاروڇاڻ:** هي آباديءَ جي لحاظ کان تمام ننڍو تعلقو آهي، بيراجن پوڻ ڪري هن علائقي ۾ ساموندي اثر سبب ڪارو پاڻي وڌڻ لڳو، جنهن ڪري هتي روزگار جا ذريعا پڻ اٿلپ ٿي پيا ۽ گھڻي ڀاڱي ڪافي آبادي هن علائقي کي ڇڏي ويئي آهي، تنهن هوندي بہ اڃان هتي تقريبا سٺانوي ذاتيون رهن ٿيون، هتي ڪجهہ بلوچ ذاتين کان سواءِ باقي ٻيون سڀ سمات ذاتيون آباد آهن. هن تعلقي جي ذاتين ۾ اُهي ذاتيون بہ شامل آهن جيڪي تعلقي ڪيٽي بندر جي ڪاري واري علائقي ۾ رهن ٿيون:

**(الف)** اُترادي، اوٺا، اُنڙجا. **(ب)** ٻَدالا، ٻَدرائي (مهاڻا)، بلوچ، باريچا (جَت)، ٻَگدا. **(ٻ)** ٻالائي (مهاڻا) لوهار. **(پ)** پَڙج، پَتَڙَ، پائلَ. **(ت)** تيلگرَ. **(ٿ)** ٿارابي، ٿاٿاريا، ٿارهيڙي، ٿَرهياڙَ، ٿُونيَر، ٿير. **(ج)** جَکِتَ (هي جکِدا بہ سڏجن)، جوٺيجا. **(جهہ)** جَهيِرَ. **(ڄ)** ڄيرا. **(ڃ)** ڃيلگرَ، ڃولائي بلوچ، **(خ)** خاصخيلي. **(د)** دبائي جَتَ، دَبلا، درس، ديرائي (مهاڻا). **(ڏ)** ڏانڊل، (ڏبڙا. **(ر)** راٺا، رونجها، رَجيرا بلوچ، رٺائي (مهاڻا)، رَجَهڙيا. **(س)** سَيتِيا، سَهتا، سَمان، سوڍائي، جت، سومرا، سِيمائي جت، سوڍائي (مهاڻا)، سيد، سِنيٺرا، سميجا، سَهگڻ، سانگهرائي (مهاڻا). **(ش)** شيخ، شيدي، شُهبَگِي جت، **(ع)** عامر جت. **(ڪ)** ڪَرمان، ڪاتيار، ڪوريجا، ڪوڏڻَ، ڪلهوڙا. **(ک)** کٽي (ڪڇي ۽ سنڌي)، کاٽڙائي (مهاڻا). **(گ)** گبوا، گُلڙي، گُجڙيا (مهاڻا)، گَن،

---

* تاريخ شاهبندر (قلمي) از حافظ حبيب الله سنڌي "ذاتين ۽ قومن وارو ضميمو".

گُرٻائي، گوڙَچَ (مهاڻا)، گُڙبَ. **(ڳ)** ڳنيپرَ. **(گھ)** گهوگهٽ، گهلڙا، گهوٽا. **(ل)** لاڪاٽيا، لوهار، لڪيا (ونگرن جو پاڙو). **(م)** مُغَلَ، ميمڻ، مُرگرَ (بلوچ)، منڊِيئر (بلوچ)، مالِهيا، ميربحر، ماڇي، مانجهو واڻي (هيءُ پاڻ کي خليفا سڏائين)، مگٺهار، مورجَهرِيا، مُنارا، مَڇائي. **(ن)** نوتيارَ، نوحاڻي (مهاڻا)، ناريجا، نُهڙِيا. **(و)** واڍا، ونگرا، ونگاڻي جت، وِگهامَ، ولاسِيَا، وَرياهَ. **(هه)** هنگورا، هالا.*

* ذاتين بابت معلومات ڪاري ڇاڻ شهر ۾ هيٺين بزرگن کان مِلي جن مان محمد ولد حاجي عمر ڪٽي، ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي، محمد عثمان ڪٽي، محمد رحيم شهبگي جت، مولانا محمد جُمن ڪٽي (صالح محمد جو پٽ) جا نالا قابلِ ذڪر آهن.

# باب ٽيون
# مُهاڻڪي ٻولي

ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي انيڪ لهجن ۽ محاورن مان "مهاڻڪو" محاورو به هڪ آهي، هيءُ اُنهن مهاڻن جو لهجو آهي، جيڪي سدائين دريائن، ڍنڍن ۽ ڍورن ۾ مڇي مارڻ جو ڪَم ڪن ٿا. مُهاڻڪي لهجي کان سواءِ "شڪارڪو" لهجو (جيڪو مهاڻڪي سان مُشابهت رکي ٿو) ۽ هن علائقي ۾ پنهنجو وجود رکي ٿو.

"مُهاڻڪي لهجي" تي ٻين لهجن جو اثر آهي درياهَ جي ڪناري تي رهڻ ۽ ڪڇ جي ويجهو هئڻ جي ڪري اُتان جي ماڻهن (ملاحن) سان ميل مُلاقات سان معلوم ٿئي ٿو تہ "مُهاڻڪي لهجي" تي ڪارائي ۽ ڪڇي لهجي جو اثر آهي، ٻيو تہ هتي جت قوم جا ماڻهو بہ دريائي ڌنڌو ڪن ٿا، اُن سبب بہ مهاڻن جي سنڌي لهجي تي اُنهن (جتن) جي ٻوليءَ جو اثر موجود آهي، ٽيون اثر ان لهجي تي ڪاري جي مُهاڻن جو آهي، چوٿون ان لهجي تي "شڪاري لهجي" جو اثر آهي.

مهاڻن جا بہ قسم آهن، هڪ اُهي مهاڻا، جيڪي درياهَ ۾ مڇي مارڻ جو ڪم ڪن ٿا ۽ هميشہ درياهَ، ڍنڍن، ڍورن ۽ ڪورين (ڪُهرين) جي ڪنڌين تي رهن ٿا، اهي پوريءَ طرح مُهاڻڪي لهجي ۾ ڳالهائن ٿا. ٻيا اُهي مهاڻا جيڪي درياهَ منجهہ رهي، ٻيڙين وسيلي مڇين مارڻ جو ڪَم ڪن ٿا، انهن جو تعلق ڪارائين، ڪڇين ۽ جتن سان هئڻ ڪري. انهن مهاڻن جي ٻوليءَ تي بہ انهن جي لهجن جو اثر آهي. ٽيانن اهي مهاڻا جيڪي شهرن ۾ رهن ٿا، اُنهن جي ٻولي ۾ اڃان تائين

پنهنجو ”اصلي مُهاڻڪو لهجو“ موجود آهي. جوتان اهي مهاڻا جيڪي گهڻو ڪري شڪارين جا پاڙيسري رهيا آهن ۽ اُنهن سان لاڳاپي ۾ رهيا آهن تن جي لهجي تي وري اُنهن (شڪارين) جو اثر تي ويو آهي، اِهي اڪثر ڏورانهين ڀَراڙين ۾ رهن ٿا.

**ڀَراڙين ۾ رهندڙ مهاڻن جو لهجو:** مهاڻا قوم جا اهي ماڻهو جيڪي ڀَراڙين ۾ رهن ٿا، تن وٽ پنهنجو اباڻڪو ۽ اصلوڪي لهجو محفوظ آهي، اُهي گهڻو ڪري ”ي“ جي بجاءِ ”ز“، ”ز“ جي بدران ”ج“، ”و“ جي بجاءِ ”ب“، ”غين“ جي بجاءِ ”گ“، ”ڪ“ جي بجاءِ ”گ“، ”ب“ جي بدران ”پ“، ”ع“ بجاءِ ”الف“ اچارين. ”س“ بدران ”ث“ ۽ ان جي اُبتڙ به ڪن. اهڙي طرح ”ڪ“ کي ”ک“ ۽ ”خ“ بدران ”ک“ ۽ ”ش“ جي بَدلي ”ڇ“ استعمال ڪن.

| اصل لهجو | مُهاڻڪو لهجو |
|---|---|
| يَادِ | زادِ |
| زال | جَال |
| وزير | بَجيرِ |
| غائب | گيبِ |
| ڪَدِ | گدِ |
| ٻِه | پہ |
| عُثمان | عُسماڻ |
| عُوثو | اوسُو |
| عثمان | اسمان |
| شُڪر | شکر |

| | |
|---|---|
| خيرات | کيرياٽِ |
| خُوشِ | ڪُوڄ |
| اي | لي |
| هَتِ | اٽِ |

### جملن جو استعمال

| | |
|---|---|
| زادِ ڪيج | ياد ڪج. |
| گيبِ تي يو | غائب تي ويو. |
| گدِي ڇڏارِ | ڪدي ڇڏي ٻار؟ |
| ڪٿس ڪبر هوندي | ڪي خبر هوندي. |
| لي جَالَ | اي زال. |
| زارِيَتَ ڪي سِين | زيارت ڪئي سون. |
| سناسي ڪارندِ | شناختي ڪارڊ. |
| مکي آزموتو آئي | مون کي آزمودو آهي. |
| اٽِ گدي ڇڏارِ | هٿ ڪدي ڇڏي ٻار. |
| اُسماڻ کي پہ کيرياتِ ڏينج | عثمان کي بہ خيرات ڏج. |
| لي بَجِيرَ ڪوڄِ آهين | اي وزير خوش آهين؟! |

**درياءَ تي رهندڙ مهاڻن جو لهجو:** مهاڻا قوم جا اُهي ماڻهو جيڪي درياءَ ۾ ٻيڙين وسيلي رهي پنهنجو ڪاروبار ڪن ٿا، انهن جي لهجي تي ٻين قومن جي لهجي: جهڙوڪ ڪارائي، ڪڇڪو، ۽ جتڪي جو ڪافي اثر آهي، جيڪي انهن سان گڏ رهن ٿا ۽ روزانو ميل ميلاپ ٿيندو رهين ٿو. تنهن هوندي بہ مهاڻن جو پنهنجو ذاتي لهجو برقرار آهي، ڪڏهن ڪڏهن مٿين ٿنهين لهجن وارا لفظ بہ ڳالهائي

وجن ٿا پر اهو بہ تڏهن جڏهن انهن ماڻهن سان ڳالهائن ٿا.

**ڪارائي لهجي جو اثر:** مُهاڻا قوم جا اُهي ماڻهو جيڪي خاص طرح درياءَ تي رهي درياءَ جي ڪاري پاڻيءَ ۾ مڇي مارين ٿا. انهن جو هر وقت ڪاري جي قبيلن سان گڏ اُٿڻ، ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ لڳ لاڳاپن جي ڪري انهن جي اصل لهجي تي ڪارائي مهاڻن جو اثر آهي، مثال طور: ڪنهن کي ايندي ڏسن تہ ڪارائي مهاڻن وانگر اُن کي مخاطب ٿيندي چوَن: ٻي پاڙي (اي ميان) ۽ وري ڪنهن کي پنهنجي طرف اچڻ لاءِ چون: ابي پاڙي هينگوري آ. گوري لفظ سنڌي ۽ ڪڇي زبان جي گڏيل لفظ ”گهڙيءَ“ جي بگڙيل صورت آهي (مَهَل يا ساعت) هاڻ ان جي معنيٰ ٿيندي هن گهڙي، ساعت يا مَهَل يعني هن مَهَل ئي اچ، تُرتُ اچ وغيره، يا ڪو چوندو تہ مون کي ڏئي تہ ڪارين وانگر چوندا ”مِڪي ڏئي“.

**ڪڇڪي لهجي جو اثر:** اهڙي طرح درياءَ تي رهندڙ مهاڻن تي ڪارائي لهجي وانگر ڪڇ جي ماڻهن سان مِلڻ، جُلڻ جي ڪري سندن لهجي تي ”ڪڇڪي لهجي“ جو بہ اثر آهي. هُو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ٻين لهجن سان گڏوگڏ ڪڇڪي لهجي ۽ ٻوليءَ وارا لفظ بہ استعمال ڪندا آهن، مثلا: هُو ڪنهن کي وٺي اچڻ لاءِ ڪڇي زبان جو لفظ ”ڳِني“ تورو بگڙيل صورت ۾ ڳِنهي استعمال ڪندا آهن ۽ اُجلڻ لاءِ بہ ڪَڇڪو لفظ ”ڦِڳائڻ“ استعمال ڪن، مثلا: ڪنهن کي چون ڪُرو تو ڪرين يعني ڇا ٿو ڪرين يا سڙين کي سيين، يا چوَن ڳنهين هلداسين (هلنداسين) اِهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪافي لفظ استعمال ڪن ٿا.

**جتڪي لهجي جو اثر:** دريائي ملاحَن جي مهاڻڪي لهجي تي ٿيون اثر "جتڪي لهجي" جو آهي، هي ماڻهو پنهنجي روزانو واري گفتگو دوران، گڏ رهندڙ جتن سان ميل ميلاپ ۽ اُنهن سان اُنهن جي ٻولي ۾ ڳالهائڻ ڪري، سندن جي لهجي تي جتڪي لهجي جو پڻ ڪافي اثر آهي، مثال طور: هُو پنهنجي گفتگوءَ ۾ "منهنجي" يا "مون ڪي" بجاءِ جتن وانگيان، "ماڳي" يا "ماجي" استعمال ڪن. اهڙي نموني "ڪڄاڙو" جي بجاءِ "ڇاڙو (شاڙو به) چون، يا هيڏانهن اچڻ ڪي "هيٽي اچ" ۽ هوڏانهن يا هُتي لاءِ چوَن "تِتي"، يا ٻن ڄڻن کي ٻيهي چوَن، جيئن مرد کي مخاطب ٿيڻ لاءِ "لِنيا" ۽ عورت لاءِ "لِتي" چون، اهي لفظ اڪثر ڪري جت به ڳالهائين. اِهڙي قسم جا ٻيا به ڪيترائي لفظ آهن جيڪي شاهبندر جا مهاڻا پنهنجي "مهاڻڪي" لهجي ۾ استعمال ڪندا آهن.

**شڪارڪي ۽ ڀيلڪي لهجي جو اثر:** درياءَ کان سواءِ مهاڻا قومُ جا ماڻهو جيڪي شهرن کان تمام ڏوراهين ٻهراڙين ۾ رهن ٿا ۽ سندن گذران مڇي تي آهي، پر پاڙيسري ناتن جي بنياد تي سندن اُٺڻ، ويهڻ شڪارين ۽ ڀيلن سان ٿئي ٿو، تنهن ڪري سندن لهجي تي شڪارين ۽ ڀيلن جي "ڪڇي لهجي" جو اثر به محسوس ڪري سگهجي ٿو، جيئن شڪاري ۽ ڀيل "س" جي جاءِ تي "ش" اُچارين، مثلا: "سائين، "بجاءِ "شائين" چوَن ۽ "اڙي" جي بَدران "آڙيي" چوَن، يا "بي" بجاءِ "بي ڪٽين" يا "دي پٺيان" بجاءِ "لي نيان" چون. ان کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي شڪارين ۽ ڀيلن جي ٻوليءَ جا لفظ مهاڻي قومُ جا ماڻهو به پنهنجي لهجي ۾ ڳالهائيندا رهندا آهن.

جيڪي ”شڪارڪي لهجي“ واري ڀاڱي ۾ هن ئي باب ۾ ڏنا ويا آهن.

**مهاڻڪي لهجي وارا ڪي خاص لفظ ۽ مُحاورا:** مهاڻڪي لهجي وارا اهي خاص لفظ جيڪي تعلقي شاهبندر جي مهاڻن وٽان ملي سگهيا آهن:

**مهاڻڪي لهجي وارا ڪي خاص لفظ:**

| | |
|---|---|
| **آهيرِ** | مرد ماڻهو |
| **آڙيي** | اڙي |
| **اِيَ** | اِها- مونث ۽ مذڪر ٻنهي لاءِ استعمال ٿئي |
| **اِيي** | اِيهي- جمع لاءِ استعمال ڪن |
| **اوچڻ** | مٿان ڪرڻ وارو ڪپڙو |
| **ٻَجِير** | چڱو مُڙسِ |
| **ٻَڙِي** | جيڏڙي، يا ساهيڙي |
| **ٽاٻي** | والاري خالي ڪرائي ڪڍڻ |
| **ٽو، ٽو** | ڪوشش ڪرڻ |
| **ٽيندو** | ٽِيندو |
| **ٽِپ** | ٻه |
| **پُساڻا** | درياهَ تي مڇي مارڻ وقت پاتل ڪپڙا |
| **پُڇ** | پوتي- گندِي جو ڪپڙو |
| **د ي** | مار- هي عجب طور مَرد ۽ زالون ٻئي استعمال ڪن |
| **ڊوڪا** | نظرداري، يا نگاهه ڪرڻ |

| | |
|---|---|
| **راڱا مُندا** | ڳاڙها مُندا |
| **روپاھ** | نندڙي ٻيڙي، جنھن ۾ چڙھي وڏي ٻيڙي تائين پھچي |
| **سيجو** | سعيو ڪرڻ، تياري ڪرڻ |
| **سوسِ** | ٻچت، يا آسَرو |
| **سُرتِ** | سنيال |
| **سينڌي** | دوست عورت |
| **ڪَنُسِ** | سندس يا ڪيس |
| **ڪٽين** | توڪي |
| **ڪيئِ** | ڪَڄ |
| **ڪو** | ڇو؟ |
| **ڪيڙي** | ڪھڙي |
| **لڳڙ** | ڪَپڙو |
| **ليپ** | مٿان ڪرڻ واري وڏي سَوڙِ |
| **لاڙِھيا** | پُراڻا لِيڙون ٿيل ڪپڙا |
| **لَنِي** | ڪا عورت ٻيءَ عورت کي مخاطب ٿيندي چوَي، لَنِي يا ٻڙي چوَن |
| **لَنِيَا** | ٻيلي، ھي اڪثر مرد ڳالھائين پَرَ عورتون بہ پنھنجي مردن کي سڏڻ لاءِ بہ چون. |
| **مارڪو** | ڪچھري |
| **مڙسالُو** | مُڙس ماڻھو، پر مُڙسالا بہ استعمال ٿئي |
| **نان** | نہ- جئين ناڪار لاءِ چون نان ڙي نان. |
| **نَھارِ** | نِيھارِ، نگاھہَ ڪَرِ |

نَپٽ        صَفا، بِنهه، قطِعي

نِرجو        هي نِرجو بہ استعمال ٿئي جٿين نَڪَ نِرجو.

## مَردن جا مُحاورا:

■ ڪنهن کي غيرمعمولي صورت ۾ ڏسڻ تہ عَجبَ وِچان چوَن: ري پيٽان.

■ اگر ڪو ڪنهن کان پُڇي تہ فلاڻي جي فيصلي تي اوهان ويا يا نہ؟ تہ چوندا: اسين ڪون اُٿياسُون.

■ ڪچهريءَ جي وچ ۾ ڪنهن ڳالهايو تہ چوَندا: ڪُو ڪو.

■ اگر ننڍي ڪنهن سرِيال کان اڳ، ڪنهن ڳالهہ جو جواب ڏنو تہ سوال پڇندڙ هٿ اُچلي ڪاوڙ مان چوَندو لي (اي) تُوڪو.

■ ڪنهن پَڇندڙ بابت چوَن: اڇو تہ اِن جي پويا مڙُونس.

■ جيڪڏهن ڪو ڪنهن کان پُڇي تہ فلاڻي سان اوهان جو پرچاءُ ٿيو يا نہ؟ تہ جواب ۾ چوندا: ها ادا، اسان اُن جو تڏو وڃي ورتو يا جهليو.

■ ڪنهن ماڻهوءَ بابت ملاحَن کان پُڇبو تہ جواب ۾ چوَندا: آلاءِ ڪِڏان گيٿب ٿي يو.

■ ڪو ڪچهريءَ لاءِ ٻين کي چوَندو تہ هن طرح چوندو، ڪچورو ڪونہ تا ڪِين.

■ مڇي وڪڻڻ بعد گهر اچي مڇيءَ جي اگهہ نہ هئڻ ڪري چوَندا، اڄ شارَ (شهر) ۾ مڇي ايتري سستي هُئي جو تڪي ٽانڪ (ڇڳو) ٿئي وڪِي.

■ فيصلو تئي ۽ وري ٿئي وڃي تہ اُن لاءِ چوَن: رات پہ مُڙسالا (عورتون مڙسالُو چون) گڏيا راڄ مِڙي آيو مُڙسالا پہ گهاٽا هُوا پَر نياءُ ڪونہ ٿيو.

■ جيڪڏهن ڪو همراهہ ڪنهن جي لاءِ اجايو ڳالهائيندو تہ چوَندا: فلاڻي کي تہ وات ڏگرِي ڪانهن (ڪونهي).

■ جيڪڏهن ڪنهن کي بس ڪرائين تہ چوندا: بس ڪَر نہ تہ ڏگرِي لاهيندو سنئين.

■ مڃي وڪڻڻ وقت، گراهَڪَ کي مُتوجهہ ڪرڻ واسطي هوڪو ڏينـدي چوَن: هن جي (مڃيءَ جي) پيٽَ ۾ دوريون (ڌُهريون) اٿئي دوريون، يا چوَن: هيرا، جوار (جواهر) اٿئي جوار.

■ اگر ڪو مڃيءَ بابت پُڇي يلا مڃي ٿُلهي آهي نہ؟ تہ جواب ۾ چوندا: ڪيڙيون تو (ڪهڙيون ٿو) ڳاليون پڇين اصل گيهہ، اٿئي گيهہ، يا چون: انگورَ اٿئي انگُور.

■ ڪنهن ڳالهہ تي عجب کائيندي چوَن آبُول.....

■ ڪنهن جي ڳولهڻ بابت چوَن ميان مون تہ مُلاڪَ (مُلڪ) هَٿِي پَٽَ اُٿلائي وڌَم.

## عورتن جا محاورا:

■ مهاڻن جون اڪثر عورتون گهٽو ڪري، ڪنهن عورت کي سڏين تہ چون ”اٿي لَئِي“ يا مرد کي سڏين تہ ”آئي يا لي لَئيا“ چون.

ملاحن جي گهرن ۾ عورتون هڪ ٻئي کان آن اٿو اُڌارڻ لاءِ وڃن تہ پَهرين عورت جي گهرُڻ تي گهر مالڪياڻي چوَندي سيڪين جَجهو.

- هڪ عورت ٻئي عورت تي ڪاوڙبي تہ اُن کي چوَندي بَس ڪر/ بَڪَ بند ڪر نہ تہ ايڙو (اهڙو) تي مِڙان نين جو جاد ڪيندينءَ.
- جيڪڏهن ڪو غيرمعمولي واقعو ٿيو تہ ملاحن جون عورتون گوڏي تي يا چاتيءَ تي هٿ هڻندي چون: ٿي گهوڙا بگداد (بغداد) تي يو.
- ڪنهن عورت جي ڳالهہ کي سمجهڻ خاطر ٻيهر ٻڌائڻ لاءِ چوَن: اِئي/ لِتِي ڪُواڙو، يعني ڪُجاڙو.
- هڪ عورت ٻي عورت جي ڳالهہ جي تصديق يا تائيد ڪندي چوي: ٻيو نَڪو.
- هڪ عورت ٻي عورت کي ڌمڪي ڏيندي چوي: ٻڙي هاڻ ٿهيو، ٿهلو ماٺ ڪر نہ تہ ايڙي (اِهڙي) ڪَريندي سين.
- هڪ ٻئي سان وڙهندي چون- ليَ ادي ماڻ ڪَرِناتَ ايڙو ٿي اگهہ ڪريانين تہ ڀقلَ ڀَتيو تي ٻُجڪو ٿاهيان لاڙهين وجهڻ جو.

**گڏيل لهجا:** مهاڻڪي لهجي واري ڀاڱي ۾ اهو ذڪر ٿي چڪو آهي تہ ”شڪارڪي لهجي“ کان سواءِ ٻيا بہ ننڍا ننڍا مختلف لَهجا ڪافي آهن جن جو ذڪر اڳتي ڪنداسون، انهن لهجن ۾ ”پيلڪو لهجو“، ”جوڳيڪو لهجو“ ”ڪولهيڪو لهجو“، ”ساميڪو لهجو“، ”ڪوڪرين جو لهجو“ ۽ ”شڪارڪو لهجو“ شامل هن هر هڪ لهجي جو مُختصر ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

**شڪارڪو لهجو:** تعلقي شاهبندر ۽ جاتي واري علائقي ۾ نہ رڳو مَلاحن جي لهجي تي شڪارڪي لهجي جو اثر آهي، بلڪ هن علائقي کان سواءِ هتان جي ٻين علائقن، مثلا: تعلقي ميرپور بٺوري،

سجاول ۽ ڪاري (ڪاري ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر) جي علائقن تي بہ ان جو اثر آهي. شڪاري ٻن قسمن جا ٽين هڪ گوگيڙا جي ڪوٺا مارين ٻيا سوبي جي سِبَ گڏ ڪِن.

**شڪارڪي ۽ مهاڻڪي لهجي ۾ فرق:** شڪارڪي ۽ مهاڻڪي ڳالهائيندڙن ۾ لهجي جو ٿورڙو فرق آهي، جنهن جو اندازو روزاني واري گفتگوءَ جي مثالن مان لڳائي سگهجي ٿو. شڪاري پنهنجيءَ گفتگوءَ دوران "الف" جي بجاءِ "ل"، "ص" ۽ "ذ" بَدران "ج"، "س" بجاءِ "ش" ۽ وري "ش" بدران "ڇ" ڪَتب آڻين. "د" جي جگهہ تي "ت" ۽ "ي" جي جاءِ تي "ج" ڪم آڻيندا آهن. اهڙي طرح "ڇ" جي جاءِ تي "ش" اُچارين. جڏهن تہ ڪ ۽ "غ" بدران "گ" جو استعمال ڪن، انهيءَ کان سواءِ "ٽ" جي جاءِ تي "ت" ۽ "ڦ" بجاءِ "ف" استعمال ڪن.

**هڪڙن اکرن بدران ٻين جي استعمال جا مثال:**

| شڪارڪو لهجو | صحيح لهجو |
|---|---|
| لِ/ لي- تُون تہ | اي تُون تہ |
| **ز، ض ذ، ظ** | |
| جَڪاتِ | زڪوات |
| مَجبُوتِ | مضبوط |
| جاتِ | ذاتِ |
| جَعيڦِ | ضعيف |
| **س، ش ۽ ڇ** | |
| شائين/ ڇائين | سائين |

| | |
|---|---|
| ڇوهورِ | شهر |

**د، ت، ي ۽ ج**

| | |
|---|---|
| آجمُوتو | آزمودو |
| جادِ ڪَجهِہِ | يادِ ڪج |

**ڪ، غ ۽ گ**

| | |
|---|---|
| گدِ | ڪَدِ |
| گُلانِدِ | غلام محمد |

**ٽ، ت**

| | |
|---|---|
| ڪونِ ٽاڪيُون | ڪونہَ ٽا ڪائون |
| ڪَمِ ٽيو جانان | ڪَمِ ٽيو يا نہ |

**ڦ، ف**

| | |
|---|---|
| فاڙي شَڏِيو | ڦاڙي ڇڏيو |
| ڦڪر ناڪار | فِڪر نہ ڪر |

**شڪارڪي ٻوليءَ جا خاص لفظ:** اُهي لفظ جيڪي شڪاري قوم جا ماڻهو نجي گهريلو زندگي ۾ ڳالهائين، تن مان ڪي هن طرح آهن:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڪَرِمَت | پيالو |
| ڪامَتِ | ديڳڙي |
| ڪرشو | گلاس |
| تَبُو (طنبُو) | گهر |
| پگرِي | گوڏڙي |

| | |
|---|---|
| ڪاڄِي | قاضي |
| چوهور | شَهر |
| شورو | چورو |
| نُشڪانِ | نُقصانِ |

**شڪارڪي لهجي جا محاورا:** شڪاري قوم جا ماڻهو پنهنجي ڪچي لهجي سبب مرد ۽ عورتون هڪجهڙا محاورا استعمال ڪن ٿا. نموني طور ڪي محاورا هيٺ ڏجن ٿا:

- مَرد پنهنجي زال کان پُڇي ٿـ: فلاڻن جي شاديءَ ۾ دعوت پاڻ کي بـ ڏني اٿن يَلا هلون؟ تـ عورت جواب ڏيندي تـ، پاڻ فيري کانـ اُٿيا، پاڻ پـ کانـ تاڪِيون.
- ڪاوڙ مان ٻئي چوَن: لِ تون تـ.
- اگر ڪو پُڇين تـ فلاڻو ڪم ڪيئن ٿيو تـ جواب ڏيندا، ڪَٿانِ (اوهان کي) کهبَر هوتَدنِ.

ڪنهن پَري واري ڪَمَ لاءِ ڪنهن کي چئبو تـ اُهو لُنوائڻ خاطر چوَندو: ڪيرتو ٿاڪر ٿاڪي (يعني ٿَڪرَ ڪير ٿو ٿَڪن. يا پرانهين پنڌ تي ڪير ٿو وڃي).

- ڪنهن عورت کي ڪا ڏِپ واري شيءِ ڏيکاربي تـ چوَندي: کو ڪَڏَسِ.

**پيلڪو لهجو:** هن ترَ ۾ شڪارڪي لهجي کان سواءِ ”پيلڪو لهجو“ بـ عام آهي. ليڪن انهن ٻنهي ۾ ڪو خاص فرق نـ آهي، پيل بـ شڪارين وانگيان عجيب مذهب آهن، هيءُ شڪارين وانگيان نڪاح بـ پڙهائين، طُهر بـ ڪرائين ۽ ميت دفن بـ ڪن، پر حَرام

(مردار) کائڻ سبب اِهي ٻئي قومون مسلمانن ۾ شمار نہ ٿيون ڪيون وڃن. بهرحال اِهي ٻئي لهجا (شڪارڪو ۽ ڀيلڪو) لاڙ واري پاسي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا انتهائي بگڙيل لهجا آهن، انهن لهجن جي سڃاڻپ صرف صوتياتي بنياد تي ڪري سگهجي ٿي. ان ڪان سواءِ انهن جي سڃاڻپ جو ٻيو نشان سندس لباس آهي، ڀيلن جو لباس پڙو ۽ آڏي (ڳچيءَ وارو چولو) آهي، جڏهن تہ شڪارين جو اصل لباس هن وقت ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، ممڪن آهي تہ اڳ ۾ ڪو خاص لباس هجي پر تَنهن جي بہ پڪ نہ آهي. ڀيلن جي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جملا، لفظ، محاورا، توڙي انهن جي گفتگوءَ جو انداز سواءِ معمولي فرق جي شڪارين وارو ئي آهي، انهيءَ ڪري اسان انهن جي لهجي جا لفظ ڪونہ ڏنا آهن، ڇاڪاڻ جو هُو بہ شڪارين وانگيان، يتيمِ، ڪي جتيم ۽ يَڪَا ڪي جَڪا وغيره چَون.

**جوڳين جو لهجو:** ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي علائقن ۾ غيرمسلم شڪارين ۽ ڀيلن ڪان سواءِ جوڳي قوم بہ هتي رهي ٿي، هي ٻنهي ۽ نانگن جهلڻ ڪان سواءِ هارپو بہ ڪن. بقول انهيءَ قوم جي سترِيالن جي جوڳين جون ٻيون، مختلف برادريون جهڙوڪ: ٿُنيرَ، چوهاڻ ۽ دل بہ. جوڳي گهڻو ڪري ڳوٺن ۽ شهرن جي ڀرپاسي ۾ پڪا اڏي ويهن ٿا.

هنن جي ٻولي سرائڪي (پنجابي مائل) هندي (گُجراتي) ۽ سنڌي ڳاڏڙ آهي. جنهن جو اندازو هيٺ ڏنل چَند مثالن مان ٿي سگهي ٿو:

### خاص لفظ:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| آوَ | آءٌ | پرڻو | شادِي |
| اُورڪو | هيڏانهون | سگائي | مڱڻِي |
| اِيها- اِيهيا | هِتان | وَهُو (ودِ) | تُهن |
| اُتي | اُتِي | بوڳهِي | ٻہ مُنهين ٻَلا |
| بيس | وِيهہ | سُسَرو | سُهرو |
| ڪُتو | ڪيڏانهن | تماليو | مانجهيو |
| ڪاريهير نانگ ڪارو نانگ | | مارو | منهنجو |
| رالِي | رَلهِي | نِباهُو | فيصلو |
| روٽي | مانِي | ڪابِين | ڪدين |
| سِيرڪ | سَوَڙِ | شڪِي | چڱو مڙس |
| تُو | تون | ڪفڻِ | ڪفنِ |
| مَنِ | مون ڪي | پيرو | پيڙو |
| رَجنُو | نانگ | ساسُو | سَسُڻ |
| جَهالِ | جَهلِ | ڏبڪِي | ڏٻي |

### خاص جملا:

| | |
|---|---|
| تُو مَن ڪِي ڪرِي سِي | تُون مون ڪي ڇا ڪندين؟ |
| ٿاري گهران نٿو ڪان | تنهنجي گهران نٿو ڪِيان |
| بيماري بلڪل وني گِئي اِي | بيماري بلڪل وني ويئي آهي |
| ڏاگدر نُو پيرو ڪرو | ڊاڪٽر ويجهو ڪريو، يا پڙو ڪريو |
| مارو نياهُو تو پَر تين پَر ٿيّايو | منهنجو فيصلو ٿيو هو، پر تو اچي ٿيّايو |

| | |
|---|---|
| رَجنُو سُرتِ ڪري جَهالِ | نانگ کي خيال سان جهل |
| اي پَرڻِ پيــنـي ســي سـوچ | اِها لُندي (نانگ) وينـي آهي |
| ڪري جهال | سوچ ڪري جهلِ |
| اي بي گهُرِي اي | اها بي گهُرِي آهي |
| هڪ ٻيجان دي ويڻ ڪاڍي | هـڪ ٻـئـي جا ويـڻ ڪـڍي |
| رکياسين | رکياسون |
| لَڏي پڇاڙي وڙهِ پياسين | لڏي پڇاڙي وڙهي پياسين |

**ڪولهيڪو لهجو:** ڪولهين جي هڪ جدا ٻولي ۽ لهجو آهي. سندن هاٺوڪي ٻولي گُجراتي ٻوليءَ جي بگڙيل صورت نظر اچي ٿي. البت جوڳين جي ٻوليءَ تي سرائيڪي، هندي ۽ سنڌي جو به ڪافي اثر آهي، پر ڪولهين جي ٻوليءَ جي مشابهت بگڙيل گُجراتي ۽ ٿري ٻوليءَ سان ڪجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، ڇو جو هيءَ ٻولي سرائڪي ۽ هندوستان پنجابي (سِکَن واري) ٻوليءَ جي اثر کان آجي آهي، البت هن ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو اثر ضرور قبول ڪيو آهي، ان جو سبب شايد سنڌي ٻوليءَ ۾ هندي ٻولين جو ميلاپ به ٿي سگهي ٿو.

**ڪولهيڪي لهجي ۽ سامِيڪي لهجي ۾ فرق:** جهڙي طرح مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي ته ڀيلڪي ۽ شڪارڪي لهجي ۾ ڪو خاص فرق نه آهي، اِهڙي ريت ڪولهيڪي ۽ سامڪيڪي لهجي ۾ به ڪو خاص فرق ظاهر ڪونه ٿي سگهيو آهي، البت سنڌ ۾ رهي هيءَ قوم ڪافي حد تائين سنڌي ٻوليءَ جو اثر قبول ڪري چُڪي آهي، پر ان سلسلي ۾ جوڳيڪو لهجو انهن کان به گوءِ کڻي

ويو آهي، ان جي پيٽ ۾ ڪولهي ۽ سامي وري گهٽ اثر هيٺ نظر اچن ٿا. ڇاڪاڻ جو هي ٻئي مُذڪر کي مونث ۽ مونث کي مذڪر ڪري اُچارين، انهن ٻنهي جو فرق صرف صوتياتي بُنياد تي محسوس ڪري سگهجي ٿو. جڏهن هُو اباڻڪي لهجي ۾ سنڌي ڳاڙ ڪري ڳالهائين ٿا تہ اهي لفظ ڏاڍا مزيدار لڳندا آهن، هڪ ٻہ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

اِي سِيرَڙو، سِيرڙو، ڪَٽِي اُدوجا يعني هيءَ ڳس، ڳس ڪٽي سِڏو وڃجان هن ۾ پهريون لفظ "اِي" اصل ۾ اِهو يا اِهي ۽ "ڪٽي" لفظ تہ سڏو سنئون سنڌي ٻوليءَ جو آهي. قسم ڪڻن لاءِ چوَن، انڪين ڦوتي. يعني اڪيون نڪرن. پائي مَري- (هي بہ قسم لاءِ چون،) يعني پاءُ مري. هنن ٻنهي جملن ۾ سنڌي لفظن جو ميلاپ ظاهر نظر اچي ٿو.

**ساميڪو لهجو:** سامي بہ هتان جي آڳاٽن خانہ بدوشن مان آهن، هنن جا مرد نانگ جهلي وڪڻن، باقي عورتون پنڻ يا وري رَلهيون ناهڻ جو ڪَم ڪن. هنن جي رلهين جي بہ هن علائقي ۾ هاڪ وينل آهي. هنن جا مرد گهڻو ڪري قميص ۽ گوڏ، پهرين، مٿي تي سنڌي ٽوپي پائن يا وري پٽڪو ٻَڌن، جڏهن تہ عورتون هڪ ڊگهي چولي پائين ،جنهن کي هُو چوري بہ چوَن ۽ سَلوار ٻَدران تمام وڏو پڙو پائين هنن جي عورتن جي وارن سنوارڻ جو بہ هڪ جُدا ۽ نرالو انداز آهي، خاص ڪري وارن ڳُتڻ ۾ ماهر آهن.

سامين جي ٻولي بہ پنهنجي جدا حيثيت رکي ٿي. سامي پنهنجي ٻولي صرف گهر ۾ ڳالهائين، ليڪن جيئن ٻوءِ تيئن پنهنجي ٻوليءَ جي

اصليت وجائيندا ٻيا وڃن. ڇاڪاڻ جو هتن جي ٻوليءَ تي سنڌي ٻوليءَ جو گهڻي ڀاڱي اثر ٿيندو پيو وڃي. ان کان سواءِ ساميڪي ٻوليءَ تي هڪ ٻيو قديم اثر گُجراتي ۽ مارواڙي زبانن جو آهي. ساميڪي لهجي ۽ ڪولهيڪي يا جوڳيڪي لهجي ۾ به فرق صوتياتي بنياد تي ئي ڪري سگهجي ٿو. سامي به پنهنجي لهجي ۾ هڪڙن لفظن/ اکرن بجاءِ ٻيا اُچارين. جيئن ”ڇ“ جي بَدران ”س“ استعمال ڪن. مثال طور: سوڪرو، يعني ڇوڪرو. يا ڇون، سُو ڪَري سُو، يعني ڇا ٿو ڪرين؟ اِهڙيءَ طرح ”ڏ“ جي بجاءِ ”ڊ“ اُچارين. ”ڳ“ بجاءِ ”گ“ جيئن ڳوٺ بدران ڳوٺِ ڇون.

ان کان سواءِ سامي گهڻو ڪري ”اي“ لفظ استعمال ڪَن جيئن اي سيٺ، يا ٻارَ کي هڪل ڏيندي چوَن، اي سوڪرو تہ، يا ڳالهہ ڳالهہ تي لفظ ”پاجو“ جيڪو سنڌي لفظ ”پنهنجو“ جي بگڙيل صورت آهي، استعمال ڪن. اِهڙي طرح سامي پنهنجي محاوري ۾ مذڪر کي مونث اُچارين. جهڙي طرح هُو پنهنجي ساميڪي لهجي ۾ چوَن، اسان جِي ڳوٺِ ۾ لارِي وڃي ڪونہ ٿو. يا چوَن تہ مُنهنجي توڪي قسم آهي، يا چوَن تون ڪٿي وِڃين ٿِي، يا واپاريءَ کان جُتي وٺندي چوَن اي سيٺ هي جُتي گهڻي جو آهي؟ رلهي، کي گُودڙي، گنديءَ (مٽي ڪرڻ جي) کي بگڙِ ۽ بستري کي وِڇاڻُو ڇون.

**ڪوڪرين جو لهجو:** ڪوڪري قوم بہ پنهنجي جدا مذهب رکڻ سان گڏ پنهنجي زبان ۽ محاورا بہ جدا رکي ٿي. پر سنڌ ۾ رهڻ ڪري، هو جڏهن پنهنجي اباڻڪي لهجي ۾ سنڌي ڳالهائين ٿا تہ انهن جي گفتگوءَ ڏاڍي مزيدار ٿئي ٿي، جنهن کي اسان پنهنجي زبان ۾

"ڪوڪَڙيڪو لهجو" سڏيون ته ڪو وڏاءُ نه ٿيندو.

هي برادري ٻين قبيلن جيئان پنهنجو الڳ لباس به رکي ٿي، هنن جو قديم روايتي خاص لباس خبر ناهي ڪهڙو هو، مگر هن وقت مرد قميص ۽ سلوار پائن، ڪڏهن سنڌي ٽوپي يا پوتڙو پائين يا وري مٿي اگهاڙي رهن ۽ سندن عورتون چولي جي جاءِ تي جيڪو لباس اوڍين اُن کي "پولڪو" چون باقي سَلوار بَدران "پڙو" پائين. ڪوڪڙين جون عورتون گهرو ڪم ڪنديون آهن، باقي مَردَ ميٽ وڪڻ، جَندَ آڙڻ ۽ وڪڻڻ کان سواءِ ڪُڪڙن جو واپار ڪن.

هنن جي ٻوليءَ، مارواڙي ۽ گُجراتي سان ملي ٿي. ڀنگي (هريجن) جيڪا ٻولي ڳالهائين سا هي به ڳالهائين ٿا. ليڪن هنن جي ٻولي ۽ لهجي جي مقابلي ۾ ڀنگين سنڌي لهجو جلدي قبول ڪري ورتو آهي، اهي جڏهن سنڌي ڳالهائن ٿا ته غلطيون گهٽ ڪن ٿا. ليڪن ڪوڪڙي سنڌي ڳالهائڻ وقت تمام گهٽ صحيح سنڌي ڳالهائي سگهن ٿا. ڪوڪڙي پنهنجي گفتگوءَ دوران بلوچن ۽ پٺاڻن وانگيان مونث کي مُذڪر ۽ مذڪر کي مونث ڪري اُچارين، ان کان سواءِ هي مُهاجَرن وانگر "ڀ" جي بَدران "ڦ" ۽ "ڏ" بجاءِ "ڊ" ۽ "ک" جي بَدران "ڪ" اُچارين. هيٺين مثالن مان مونث ۽ مُذڪر جي پروڙ پوندي ۽ لفظن جي ڦير گهير ۽ فرق جو پڻ پتو پئجي سگهندو:

واڊيرا، اسان توجي ڦاري ۾ ويٺا آهيون، اسان جو گڊو (ماڊي) تنهجو ڦوڪ ۾ پئجي ويو آهي."

يعني اي وڏيرا! اسان تنهنجي ٻاڙي ۾ ويٺا آهيون، اسان جي گڏهه، تنهنجي ٻوڪ ۾ پئجي ويئي آهي.

# باب چوٿون
## جَتڪِي ٻولي

جت قوم جي تهذيبي حالت هڪ نرالي حيثيت جي حامل آهي. ڪڇ ۽ سنڌ جي جاتي، سجاول ۽ بدين واري ڀاڱي جا جت ۽ ٻيا ڏٻائي جت، جيڪي ميرپور ساڪري ۽ گهوڙا ٻاري ڪاري ۾ رهن ٿا، سي سڀ نسل جي لحاظ سان بلوچ آهن. ڪڇ ۽ سنڌ وارا راڄا جت آهن ۽ سنڌن سردار سنڌ ۾ راڄا ملڪائي آهن.

رهايش ۽ ڏنڌي جي لحاظ سان جت قوم جا ٽي وڏا ڀاڱا آهن: (١) پڪي راڄ، (٢) مَنهون راڄ ۽ (٣) ٽنيار.

**پَڪي راڄ:** هن ڀاڱي تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو جو هو پڪي وارن گهرن ۾ رهندا آهن ۽ هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪندا رهن ٿا. هنن جي گهرن جي اڏاوت جو نمونو بہ الڳ هوندو آهي. انهن مان ڪن مستقل طور تي پنهنجا گهر پَڪا ٺهرايا آهن، انهن پڪن گهرن جي اڏاوت جو نمونو بہ پراڻي طرز جو آهي "جت قوم" جو اصل روپ بہ هن ئي راڄ ۾ سَمايل آهي. ڇو تہ هن راڄ جي اُٿي، ويهڻي، ڪپڙن جو اوڍڻ، رهڻي، ڪَهڻي ۽ ٻوليءَ ۾ اڃان تائين اصلوڪو روح موجود آهي. (١)

**مَنَهون راڄ:** يعني جيڪي منهن اڏي هڪ جاءِ تي ئي مستقل طور رهيا، تن کي منهون راڄ چيو ويو. جيتوڻيڪ هنن جي رهڻي ڪهڻي

---

(١) جت قوم جي تاريخ (قلمي) مصنف ابن عارفالي ص ١٠٠.

۽ اٺٺي ويھٺي ٻہ ٻين راڄن وانگيان آھي، پَر پنھنجي اصلي ٻولي وساري چڪا آھن. ھنن ۾ ميرجت، پنّڙيا ۽ شھبگي پاڙا شامل آھن.

**نٺيار:** معنيٰ "نَٺي وارا" اھي جت قبيلا جيڪي "نَٺي" يعني ڳويون ۽ ٻيو مال (سواءِ اٺن جي) پالين. پڪي راڄ وارن جي ڀيٽ ۾ ھنن جون لڏ پلاڻيون ننڍيون ٿين. اڳاٽي وقت کان وٽي مرد ڪاري ڪپڙي جي ڳوڏ، جنھن کي "پوت" چون، ٻَڌندا ھئا. قميص بدران "صَدرِي" پائين ۽ مٿي تي پَٽڪو ٻہ ڪارو ٻڌن، جنھن کي "ٽِڪَنِي" چوَن. ھن وقت صرف ڪي وڏڙا اھو لباس ڪن ٿا.

جڏھن تہ عورتن ۾ ساڳيو بلوچن وارو ڳگھو آھي، ھن ۾ ڪاري ۽ ڳاڙھي رنگ جي ڪپڙي جو استعمال ڪن. مٿي جي گنديءَ کي "مَٿيرڻ"، يا "چُنَڙي" چوَن، جتن جي خاص زيورن ۾ نٿ، ٻُولي، ٻانھي، نُورو ۽ ڏاندڙي وغيره شامل آھن، جيڪي بناوت جي لحاظ کان عام سنڌي زيورن کان مختلف ٿين.

جتن جي گھرن جي اڏاوت (جتڪي طرز سان) خاص ڪري جتن جون عورتون ڪَن. جنھن ۾ ھُو ماھر مڃيون وڃن ٿيون.

**جت قوم جا مختلف پاڙا ۽ اوڙڪون:** ماڃر، ڪڪرالي، جاتي، شاھبندر ۽ ڪاري طرف جت قوم جا مختلف پاڙا رھن ٿا، انھن اوڙڪن ۽ پاڙن جو خاڪو ھن ريت آھي:

**(الف)** آرياڻي، ابوراڻي، اَجاڻي، اوناڻي، آستر **(ب)** باريچا، ٻَڙ جانگ، بجاراڻي، ٻوتا ۽ بھادراڻي. **(ٻ)** ٻيراڻي: ٻَروچاڻي، ٻيلائي. **(پ)** پَڙاڻي، پَنيوراڻي، پنياڻي. **(ت)** تالي. **(ٺ)** نَٺيارَ. **(پ)** پَنّڙيا. پَڪَڙِيا. **(ج)** جِيٺنداڻي، جُماڻي. **(ڄ)** ڄانياڻي. **(ڇ)** ڇَمڙِيا.

**(ڇ)** ڇيهہَ. **(ح)** حاجيائي، حَمرائي. **(خ)** خانائي. **(د)** دبائي. **(ڏ)** ڏاتوائي.**(ر)** رنگوائي، رَتائي، راڏائي. **(س)** سوتڪائي، سهڪائي، سالارائي، سِياهِي. **(ش)** شادي، شهيگي. **(ع)** عيسبائي، عامَرَ.**(ف)** فقيرائي.**(ڦ)** ڦتوائي. **(ق)** قاسمائي. **(ڪ)** ڪاڇوائي، ڪارائي. **(گ)** گراسيا، گيانچ، گنبوائي. **(گھ)** گھُناءَ. **(ل)** لڪانائي، لالائي، لِڪائي، لُڳڙَ. لاڪائي. **(م)** متوآئي، مٺائي، موڏائي، ماروائي، مَنوائي، مياٺي، مَنڌائي، مڪڙا، ماهيئڙا، مسورائي، منهوراج ۽ ميوا.**(ن)** نولڪائي، نٿالائي، ناٿائي. **(و)** واگهائي، وزيرائي، ونگائي، ورِحمائي.

**ڄتڪي ٻولي:** ماڄَر، ڪڪرالي، جاتي، شاهبندر ۽ ڪاري ۾ رهندڙ ڄت قوم جي ٻوليءَ تي ٻين ٻولين جو اثر مليو ٿو، البت ڄت قوم جا اوٺي مال وارا راڄ پنهنجي اصلي لهجي ۽ ٻوليءَ کي محفوظ رکيو اچن. خاص طرح سان فقيرائي ڄتن وٽ پنهنجي آبائي ٻولي ۽ لهجو چڱي ريت محفوظ آهي، ڄتڪي ٻوليءَ ۾ ”ويهہ“ کي ”ٻيزِهہِ“ چوَن. ڀَرڪي ڄَتَ پاڙا اِنهيءَ لفظ کي ٻيزه بدران ”ويزهہ“ اُچارين جيڪو صحيح نہ آهي.

ڪڇ سان لڳ، لاڳاپي ۽ سنڱابندي هئڻ ڪري انهن جي ٻولي ۽ لهجي تي ڪڇي لهجي جو وڏو اثر آهي ۽ هُو پنهنجي عام گفتگوءَ ۾ ڪڇي ٻوليءَ جا لفظ استعمال ڪن ٿا:

| ڪڇي ٻولي | ڄتڪي ٻولي | سنڌي ٻولي |
|---|---|---|
| آوَڙو | اورو | ڏکيو |
| آڇڻ | آڇڻ | سُرمون |

| | | |
|---|---|---|
| ڳِنِي | ڳِنِي | وني |
| لمُون | لمُون | پري |
| **جتڪي ٻولي** | **جدگالي** | **سنڌي ٻولي** |
| ڪين جو | ڪتين جو | ڪنهن جو |
| ڳِنِي | ڳِنِي | وني |
| چاڙي | چاڙي | سيڙهي (چاڙهي) |
| مان ڪي | مان ڪي | مون کي |
| **جتڪي ٻولي** | **جفگالي** | **سنڌي ٻولي** |
| مان ڪي | مان ڪي | مون کي |
| گڏون | گڏون | ٻوڙو |
| گور بَندِ | گورَ بند | ٻارن کي تنجڻ واري ڏوري ۽ اُنن جي پٽي |
| لِبِي | لِبِي | لالچي |
| لانتي | لانتي | ناڪيلي |
| نِدان | نِدان | نيٺ يا آخر |
| چِتُون | شِتُون | نوڪون يا چُنهبون |
| گورَم | گورم | ڏڻ |
| تِڏي | تِڏي | تِڏِ |
| مِنهنِ | ميٺن | مِنهنِ |
| اِين جو | آئين جو | اِن جو |
| اُونجو | اونجو | اُن جو |

| جتڪي لفظ | فراڪي محاوري | معنيٰ |
|---|---|---|
| | ٻہ ساڳيا اچار | |
| ٻال | ٻال | ٻالھ |
| گڏون | گڏون | لوٺو |
| لٺوظ | لٺوط | لفظ |
| ڪِين جو | ڪِين جو | ڪنھن جو |
| سَٺُوزي | سٺُوزي | سبزي |
| ناڪار | نَھڪار | انڪار |
| خامخا | خامخا | خوامخواھ |
| بتليو | بتليو | بَدليو |
| آلوڙو | آلڙو | تازو ويامِيل ڏاچي يا مينھن جو کير |
| ٻُڄُ | ٻُڄُ | ڪپڙا |

جت قوم جا گھڻا راڄ ڪاري ۾ رھن ٿا. جن مان ڪي شاھبندر، جاتي گولاڙچي (ضلع بَدين) ۽ ميربور ساڪرو ۾ اچي آباد ٿيا آھن، ھونءَ بہ جت قوم جو اڪثر واسطو ڪاري (ڪاروڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر) واري علائقي سان آھي، تنھنڪري سندن ٻوليءَ تي پڻ ڪارائي لھجي جو اثر آھي.

| جتڪي/ ڪارائي | معنيٰ |
|---|---|
| واسَرو | اُلھندو |
| جُواڻِ/ جوان | وچ ٻوڪڻ جي وقت کي چوَن. |
| آرِيا | ڍِلو ڪري جھلڻ |
| سَنھاڙ | گڏ |

| | |
|---|---|
| هَين سات | هِن ساعت، هينئر |
| وِتائي | اُڇلائي |

**هڪ جي بجاءِ ٻيا استعمال ٿيندڙ اکر:** جتڪي ٻوليءَ ۾ ت جي جاءِ تي ٿ اُچارين، ۽ ش جي جاءِ تي ڇ جو استعمال عام ڪن، ڪ ۽ خ جي بدران ک چون ۽ ڪي اڌ اکري بگڙيل صورت ۾ ڳالهائين:

**ت جي بدران ٿ جو استعمال:**

| معياري | غيرمعياري | معياري | غيرمعياري |
|---|---|---|---|
| همت | همٿ | ساعتَ | ساٿِ |
| قُدرت | قُدرٿ | عادَتَ | عادٿ |
| بيت | بَيٿِ | | |

**ڇ جي بدران ش جو استعمال: ش بجاءِ ڇ جو استعمال:**

| ،معياري | غيرمعياري | معياري | غيرمعياري |
|---|---|---|---|
| ڇيهَ | شيهَ | شرط | ڇَرط |
| ڇَڇَ | شَشِ | شڪار | ڇڪارِ |
| ڇوڪرو | شوڪرو | شاهوڪار | ڇاهوڪار |
| ڇِتو | شِتو | شاهه | ڇاهَ |
| ڇا | شا | شوق | ڇونڪ |

**ق ۽ ڪ جي ي ۽ خ جو استعمال**

| معياري | غيرمعياري | کٿو | خٿو |
|---|---|---|---|
| کٿي | خَتِي | خالِ | کال |
| وقت | وکتِ | کِلَ | خِلَ |

## روزمره جي گفتگوءَ ۾ استعمال ٿيندڙ جملا:

| سنڌي | جتڪو |
|---|---|
| تون آيو آهين. | اٿون آئون آهون. |
| آئون اڄ هتي آهيان. | آجون اڄ هتي آهين |
| هڪڙو ماڙهو آيو آهي. | ڪڙو ماڙِ آئون آهي. |
| مينهن اُجهندان بَدي اڄ. | ميزَهہ وانتان بَدي اڄ. |
| هينئَرَ هِت هُئا. | هِجَرَ هِتي هُئا. |
| اچو ويهو! | اچي بيزِهي |
| اِهو ڇا ٿو ڪرين؟ | اُجهي ڇارڙو تو ڪرون؟ |
| اڳيان وَڃ بيهہَ. | جڳا وڃي بِيهہَ. |
| جيئن ڪرين تيئن وَسَ وارو آهين | جِگّهان ڪرون تِگّهان وَسَ وارو آهون. |
| هيڏانهن اڄ. | هيٺي اڄ. |

**جتڪي بوليءَ جا خاص لفظ:** جت پنهنجي روزمره جي گفتگوءَ دوران جيڪي لفظ ڳالهائين ۽ انهن لفظن کي جنهن طرح استعمال ڪن، سي هيٺ ڏجن ٿا:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُٺو | اُتيو | اُڃڙانگ | هوارائتو، بي سڪو |
| اُٺوڙ | ٻارنهن ميهن جو اوٺو اُجهي | | اُهي |
| | ٿر | اُداسي | تِتَر |
| اُڃُ | اُتِ | ٻَٺوئي | ٻاٺيءَ جي گِگهي |

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٻُرگيون | ڍورن جا هڪ ٻئي ۾ ٻدل ڇيڙا | ٽُوٽڪِ | حمام |
| | | ٿارِي | ٿالهه |
| ٻي گتو | ٻي عادتو | ٿَمِ | چورن وارو ڏڪ جتي مال لِڪائين. |
| ٻيڄڻِ | ڄانٺي يا ٻَرَڻِ | | |
| ٻيلڙو | اُٺ جو (نَر) ننڍڙو ٿُمُ ڦر | | ٻوڙي جو هيٺيون پاڙ وارو پريل پاڳو |
| ٻُسَ | گهُٽَ، رگهه | ٿو | ٿيو |
| ٻِلوڪِ | ٻَہ لَکُو | ٿِيان | ٿِيس |
| ٻاريون | ڍورن جا ڇيرا | ٿِکَڙِ | ٽـن سـالـن واري ڏارئينڊڙ اُٺي |
| ٻانڌاڻِ | مَحَبت | | |
| ٻيڙهہ | وِيهي | ٿَرِهوڙِ | هَڏائون |
| ٻڙا | ڍڙا | ٿڪارِ | ٿياڳو |
| ٻانجاڻِ | ٻَچ | ٿوپلي | ٿنڍڙي هَنڌي |
| ٻيڙيون | ڪَپا ڪَپِ ڪُنَ | ٿَڪُو | ٿياڳو ٻار |
| ٻِگَ | وَرِ- گُنبد | ٿانگرِ | ڦَنڊِي ڏاچي |
| ٻِگَ | ماٿِي | ٿَلَ | ٿَڌِ |
| ٿالهه | ٿِرڙ | ٿَهيان | ٿَهيس |
| ٿُرم | ڏَڪِ. (منهن وجهڻ جو) | ٿهو | ٿَهيُو |
| | | ٿونهَندوُ | ٿهندو |
| ٿَرَ | ٿُهہ | پانهه | پاهَ |
| ٿِگهان | ٿيڻ | ٻَرَڻِ | سَرائي |

| لفظ | معني | لفظ | معني |
|---|---|---|---|
| پَرياڻِ | سَنڌِ، يا ٻيڙ: | جَهارَڪُنُو | (سجاڳپ لاءِ نشان |
| پِينج | رَسي | | وجهڻ |
| پيهال | اُيرندو | چيڙتو | چِڙبَ |
| پَسيج | موڪلڻ | چُرهاڻِ | ننڍي ڏاچي |
| پوڻِ | ڪَڏِ | چِمَرِ | اُٺ جو نڪ |
| جَڌهون | جڏهن | چوڪار | چَنڊِچاڻ |
| جِڳهان | جِيءَ | چوپَ | نج |
| جِين | جَنهن | چامَلو | پاڇو، چانهه |
| جينڊِي | جِني | چِلِي | ڪُلِي |
| جيئندوئين | جيئندس | ڇيپ | مينهَٽوث |
| جايان | جايِسِ | ڇيڪو | ڏکهي منهن واري |
| جائوئين | جايو هوس | ٿي | ڪُٿي |
| جائو | جايو | ڇيندو | ٽيندو |
| جائين | جايمِ | حام | محبت |
| جوٽِيُون | اُٺَ جون ٽنگون | داگِينُو | وڏي پيتي، (ڪاٺ |
| جَهاڙِ | پڪڙيل ہوتو | | جي) |
| جهونڪاجي | هيٺو ٿي، ڪمزور ٿريون | | ٻَن جو سوڙهو پترو |
| | ٿي | | (پکو) |
| جهونٽِ | تِڪَ | دوڪڙيو | زور ڀَريل باهَ |
| جِهٽِڪَ | چِڙبَ، دڙڪو | ڏاڪَ | هاڪَ |
| جَهيڙَ | ڪَنَ ۾ چير | ٿانحِ | آنِ |

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| ڏاڏِري | گهر جو جَندبو | سَتاگيرو | ياڳ وارو |
| ڏبِڙ | چيڪي گپَ | سَجههَ | موقعو |
| ڏڙڪي | رَلِي | شاتہ | شايد |
| ڏرِي | ننڍو جَنڊائون پکو | طبو | علاج |
| ڏمَڏَ | گِنيگهي کي چون | ڦانَڪَ | ڪانيءَ جي سَنهي |
| ڏوا | ڏُڪارِ | | پٽي |
| ڏيحان | ڏيندسِ | ڦڙڪي | پَٽڪو |
| ڏوڙِ | سَختِ | ڦولرين | ڳوليمِ |
| ڏَپِ سِيار | گِدڙ وانگر ڊِجڻُو | ڦولرَ | ڳول |
| ڊوهي | روڪي جَهلي | ڦُولرنوئين | ڳوليندس |
| ڊِيارِ | ڊِجڻُو | ڪائو | ڪهڙو؟ |
| ڊائو | ڊاوَلِ، ڊايو | ڪُزهڻ | ڪهڻ |
| ڊايانِ | ڊائِيسِ | ڪَليپ | وهنج |
| رَسمينِ | ٽِيهاڻِ اُٿ | ڪَمپَيلِ | لالٽين |
| رُسندوئين | رُسَندَسِ (مذڪر) | ڪُوپو | ڪُتو |
| رَمِڻِ | ڪُڏڻِ، ڪيڏڻِ | ڪَرهوڻِ | ڦَنڊِي |
| رُسنديانِ | رُسنديَسِ، (مؤنث) | ڪانجاڻ | رَنڊڪَ |
| روههَ | عادَتِ | ڪنهور | اُجڙيل گهر |
| سَتِي | بَهادر | ڪُتو | هَنيو |
| ساٽ | ياڳ | ڪرو | تکو |
| سُٽانِ | سَجائي | گتِ | عادَتَ |

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| گتين ڪوتو | بَداخلاق | ناسِي | سياري ۾ اولهہ جي |
| گزهڻ | اُڳهڻ | | تيز هوا |
| گُواڇڻ | ڊوڙائڻ | نَڊِ | بنياد |
| گُهنين | اڳهيم | نَکو | نہ |
| ڳمِ | غمِ | نِوائو | صاف |
| ڳهَرَ | ننڊ | نِڇارَ | نونهن |
| ڳيچَ | ڳيچَ | منيس | ڪُوهہِ |
| لامَ | ڊيگهہ | واکرو | ڇڊو |
| لامَ | ڊگهي ٽاري | وينو | وِينڊين |
| لامَ | هِري | وارمِ | وڏي لهر |
| لُونسَ | ڄرَ | واڄَ | تيز هَوا |
| لِڄان | عادت، هيسَر | واڄ | هَلِ |
| مجوسِي | پيتي (ننڍي) | هُنيِي | شور، گوڙ |
| مِسَ | ٽالهہ | هورو | سِڪَ |
| موڪو | ڪوريئڙو | هَماتِ | سزا |
| مُڳا | اڳيان | هنيان هور | گهٽي سڪ وارو، |
| مَيڊ | طاقتور (ڪاري رنگ | | ياڊِنلَ |
| | وارو) | هُونُو | هوندين |

## پهاڪا ۽ چوڻيون:

- هُو سَڙو، هيءَ سَڙي جي مائي. ڪن جي ڪَسَر پُڄَ ۾ آئي.
  يَلي رَڙي بادام، جيڪهين جو ڦَر آهي ڦُڙو

■ ڪَڙيءَ ويو وڳ، ڪَڙيءَ مُهاڙِ ماڙهہ جي.

■ سَپَ مٿي گاهہَ، سپ ٻيڻو نہ وِسَري ڇِتِ وِٽيي ڏُڌَّ ڪهڙو ساءِ.

■ جي ڪين ۾ آنجڻ هُئا، تہ ٻُوترڪيون ڪِيهان ٻُويُون.

■ جَتَ سي جيندي، سسئي ڪي سَر هوٺي نہ ڏني.

■ ٻيٽون، سي ٻيٽون، ٻيون جَهڙيون اُوٺي ڪِيرَ جون ڦِيٽون.

■ ٻاءُ سي، ٻاءَ، ٻيا جهڙا يا هہُ جا واءُ.

■ سون هوندو تہَ ٻِہ ٻيٺِ ۾ لڳندو ٻيٺ ۾ ڪونہ پوندو.

■ ٻيٺ واريءَ لاءِ اُڪَڙِ (ڪُڪِ) وارو ڪونہ وڃائبو.

■ ٻوڪ موري ڇنيڊِي. هٿان نڪري هٿ نہ ايندي.

■ جِتي راڌا، تِتي ڪَهڙا ڪاڌا.

■ آنجَڻَ ٻہ اکين ۾ سُهندا.

■ آنجڻن ڪي اکيون ڪپن.

■ اکيون سي جي آنجڻ ٻنا سونهن.

■ سُنا ڪاڌا.وِلها وِيڻَ وڃي وسرندا.

■ لاکو ڦلاڻي روز ٿو ڀَرٽجي.

■ ڇَتي ڪوريءَ واري ٻوت ٿي.

■ ڪارو ٻوٽ هٿ ۾ جت جاتي ٿو وڃي

■ ڪَڙِي توڪي ايرِي آهي.

■ ڪَڙِي ٻولڙي ٻي ٻَٿُوئُن ڪُٿِي.

■ ڪَڙو ٻُڇَڙو ٻيو ڊِڦَ ۾ ٽِنيون ڏئي.

■ جاتو مَٿي ٻوءِ گيڊوڙا ٻہ انب.

■ ڪُتي واري ڪُريڊَ ٽِي.

ٻَرائي ماهَ ۾ ڪاتي، ڪپاهہ ڪان ٻہ ڪُنٽَرِي.

ڪَڙو ڪڪائو، ڪَڙو جُهڙو وڳِ تُرمَ ۾ ڀيو آجون خير سان آئوئين.

## عام محاورا:

جت قوم جي روزمره واري گفتگو دوران استعمال ٿيندڙ محاورا:

هڪ ٻئي کي ڀليڪار ڪندي چوَن: جوڙ، جوپ، نَهو، جَڪارو آهون.

ڪنهن بينڊ يا شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ چون: فلاڻو ٻُچن ڊِڪو مازِ آهي.

ڪنهن ٻٽاڪي ماڻهوءَ لاءِ هي اکر اُچارين: اِجهي ٿِلڪو مازه آهي.

مُنهن ڏاڍي ماڻهوءَ واسطي چوندا: فلاڻي مازهہ کي مُنهن تي رُک بَدَل آهي.

ڪنهن کي ڪو نقصان پهچي تہ چوندا: فلاڻو هچا پيو هجي رَهو.

ڪنهن ٻار کي سَزا ڏين خاطر چوَن: ماڻِ ڪَر نہ تہ هٽ پَچاڙي چماٽ هَٽندوئين.

ڪنهن کي علاج ڪرائڻ لاءِ اُن کي آٿت ڏيندي چوَن: توجهو ترت طبو ٿو هو.

ڪنهن جي دل جهليندي چوَن: اِين ڪان پوهَئو.

اڙانگي پندَ سبب چوَن: چاڙو تو چين جو چوهڙ کي پُچين.

جَجهي پندَ ۾ پندَ کي ويجهرو ڄاڻائيندي، تڪليف گهٽائڻ خاطر آٿت ڏيندي چون: هو وڻ جهالُو جا ٻُکي ڪُتا بہ يت نہ ڪانِ.

جڏهُون (٢٥) تہ لائيق چئي دو (٢٦) تہ اگهان (٢٧) ڪين جيندو، اُتيو. چاري وڪت پورو ڪَر. پوءِ پلي پيرن جو حساب وَٺ. نيٺ ملڪ صاحب آئو. (٢٨) مَلڪ صاحب فيصلو امين تي ڇڏو (٢٩) جينڊِي (٣٠) چنو ڪي مياري ڪَٿو (٣١) چَنو ملڪ صاحب، چگّان مڙسن اين لائيق ڪان بہ معافي ورتي اِين ائيون بہ ١٠ سالن تائين چارڻ نا تيار ٿو.

---

(٢٥) جَڏهُون= جڏهن (٢٦) دو= ٿو (٢٧) اِگهان= اِٿين (٢٨) آئو= آيو (٢٩) ڇڏو= ڇڏيو (٣٠) جنيڊِي= جِني (٣١) ڪَٿو= ڪَيو.

# باب پنجون
# ماجر جي ٻولي

ماجرڪو لهجو تقريبًا ٽن تعلقن ۾ ڳالهايو وڃي ٿو، جن ۾ تعلقي ميرپور بٺوري جو اُلهنديون ڀاڱون، سجاول پورو ۽ جاتيءَ جو اُتريون حصو يعني اولهه کان اوڀر وارو سمورو حصو اچي وڃي ٿو.

**متبادل اکر:** ماجر جا ماڻهو پنهنجي گفتگو دوران "ٻ" ۽ "ٻ" جي جاءِ تي "ب" اُچارين ۽ "ٿ" بجاءِ "ت" جو استعمال ڪندا آهن. "ذ" بدران "ز" ۽ "ز" بجاءِ "ي" يا "ج" اُچارين. جڏهن ته "خ" جي جاءِ تي "ڪ" اُچارين "ش" جي بجاءِ "چ"، ۽ "ق" کي "ڦ" يا "ف" کي "ق" به استعمال ڪن ٿا:

## ب، ٻ، ٿ ۽ ت جو استعمال:

| غلط | صحيح | |
| --- | --- | --- |
| پہ | ٻہ | رات ٻہ ڪچوريون ڪيوسُون، يا ڪلهہ ٻہ آياسين |
| ٻَلِي يا ٻلي | ٻَلي يا ٻَلي | ٻلي آيا با بلائي ڪَر ڳالِ |
| ٿي يا ٿي | تي يا تِي | تي ڪِي يا ويو تي |

## ذ/ ز ۽ ج وغيره جو استعمال:

| غلط | صحيح | |
|---|---|---|
| جتيم | يتيم | جتيم ڪونين (ڪونهي) |
| زتيم | يتيم | زتيم آئي (آهي) |
| ڄال | زال | لي ڄالَ هِڏان اڇ (هيڏانهن) |
| ڄاڦر | جعفر | ڄاڦر (ياڦر) ڪِتِي آئي (ڪٿي) |
| شال | ڇال | ڇَال جور هجين (زور) |
| ڦڪو | ڦڪو | ڦڪو تِي رَيو (رهيو) |
| ڦُر | ڦُرَ | ڦُرڪي تَس (اُتَس) |
| جَرورِ | ضرور | جَرور ڪاص ڳال آئي (خاص) |

**خاص لفظ:** ماڇر جي ٻوليءَ ۾ خاص لفظن ۽ محاورن جو ذخيرو ٻه چڱو آهي. اُتان جي شاعرن ٻه پنهنجي ڪلام ۾ خاص لفظن جو استعمال ڪيو آهي. انهن خاص لفظن مان ڪن جو ذڪر باب چوٿين ۾ ڏنل آهي، ڪجهه ٻيا لفظ هي آهن:

**مردن جا محاورا:**

- خوش خير عافيت ڪندي چوَن: خوش چاڪ، چڱو ڀلو، متارو نَو ٻَنُو.
- پريون آيل وري جواب ۾ چوي: تون جوڙ، تنهنجا راڄ ڀاڳ، ڳوٺ گام، ٻار ٻَچَا ٻيا هڙئي سکَ.
- ڪو جيڪڏهن ڪنهن کي مارڻ لاءِ چوي تہ چوندا، اِهڙي ٻِچَ وِجِهينسِ جو ياد ڪري.
- ڪو جيڪڏهن ڪنهن جي وڏي شاهوڪار هجڻ بابت چوندو تہ،

چوندا: سچاڻانس تو وڏو لڪيسر آهي.
ڪنهن ظالم ۽ جابر ماڻهو جي ظلم جو تذڪرو ڪندي چون:
فلاڻو ايڏو ظلمي آهي جو سڀيءَ ڪان سٽڻ پيو لاهي.
ڪنهن مهانگي واپاريءَ بابت چون: فلاڻي وٽ انسان اُبتا پيا ڪلجن.
ڪو جيڪڏهن ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏيندو تہ چوندا: فلاڻو
تہ، ڪنن تان وارَ واريو وينو آهي.
ڪنهن ابوجهہ ۽ بي عقل انسان لاءِ چون: فلاڻو عقل جو ماڳهي ٽبو
آهي.
ڪنهن جي طبيعت پڇندي مريض ڪان پڇن تہ: ڪيئن ماتا مڙهه ۾
آهي؟
ڪا عجب واري ڳالهه ٻڌن تہ چون: ميان ڳالهه ڪَ ڪِلَ.
ڪنهن اڻ ڏٺل شيءَ يا حد ڪان وڌيڪ ٿلهي يا ڊگهي شيءِ ڏسن
تہ چون، وَجَ سوڙي.
ڪو جيڪڏهن ڪا شيءِ ڪنيو ويندو يا مهمان وغيره وٺيو ويندو
تہ ايندڙ چوندو يار تون منهنجي ڳالهه ٻُڌ تہ اڳلو ورنديءَ ۾ چوندو:
بيهي هنجو پلو پٽيي ڪري اچان.
ڪو جيڪڏهن ڪنهن ڪي ڏسڻ وڃي ۽ اُتي ڪابہ پَهرَ موجود نہ
هجي تہ چوندا: فلاڻيءَ جاءِ تي ڪا ٻوءَ باس ئي ڪانهين.
■ ڪنهن دعوت جي نالي چون تہ، اصل سَتَ رَڇيون لڳيون پيون
هيون.
بن پهرن جو ڪٽي ڪو وڃي ۽ پڇڻ تي ٻڌائيندو، ميان هوڙا ٻپارَ
لڳا پيا هئا.

■ ڪو جيڪڏهن چوي، فلاڻي زمين يا ڊنڊ پري آهي، اسان کي ويجهي گهرجي تہ چڙ مان چوندا:توکي تہ بابا گهرَ مَهندان گنگا گهُرجي.
■ ڪو جڏهن ڪنهن جي بي عزتي ڪري تہ چوندا: فلاڻي جي مون لاڪ لاهي ڇڏي.
■ ڪنهن دولابي ماڻهوءَ لاءِ چون:فلاڻو وڏو گهُوگهٽِ آهي.
■ شادي، مُرادِيءَ وقت يا فيصلي واسطي برادريءَ جا پاڻر اچي گڏ ٿين تہ پٽيل يا چڱو مڙس پليڪارَ ڏيندي چوي: پلين آيا پارَ پَليرَ.
■ ڪو جيڪڏهن ٻئي کي ڪم جو چوي تہ فلاڻو تو ڏانهن اچي ٿو جواب ۾ چوندا: پلين اچي سڻو وار اچي اڪين تي چڙهي بار نہ ڪري.
■ ڏپ جو اظهار ڪندي چون، ميان اسان تہ ساهہ سُڪايو ٻيا هلون.
■ ڪو جيڪڏهن چوي تہ فلاڻي جاءِ تي اُهو ماڻهو آيو آهي جنهن ۾ تُهنجو ڪَم آهي تہ ٻيا ان کي چوندا:ميان مُنيون پيڙي پيچ.
■ ڪو جيڪڏهن ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي وڃي ۽ماٺ نہ ڪري تہ چوندا، هاڻ سورجاڻي بند وارو گهارو شروع ٿي ويو، سو جلد ٽورئي بند ٿيندو.
■ ڪنهن کي ڪا ڳالهہ ٻڌي ڏپ ولي وڃي تہ چوَن: فلاڻي ڳالهہ ٻُڌي، منهنجا تہ لِڳَ ڪاندارجي ويا.
■ سيڌو سامان وٺڻ وقت دڪاندار جي پٺسن گهُرڻ تي چوَن:(مذاق مان) ميان ويسَر جي ڪاتي ۾ لکي ڇڏ.
■ ڪنهن سان ظُلم ٿيندو تہ اُهو پنهنجي جذبات جو اظهار ڪندي

چوَندو:ميان جيٺري پيٽو ماهہ (پيٽ مان گوشت) ڪوري ويو آهي.

ڪو جيڪڏهن ڪنهن کان پڇي تہ ڇا پيا ڪريو؟ جواب ۾ اڳلو چوندَو: ادا ٻڪَ جا بابَ پيا پڙهون.

■ جيڪڏهن ڪنهن غمگين ماڻهوءَ کان، ڪو آجايا سوال جواب پيو ڪندو تہ اُهو غمزده ماڻهو بيزاريءَ مان جواب ڏيندو:ميان اسان جي سِرَ تي سورن جي سَڪَراتِ ٻَري (يا لڳي) پئي آهي، توکي آهي پنهنجي.

ڪا شيءِ جيڪڏهن گهڻن ماڻهن جي هٿن ۾ اچي دربَدر ٿيندي ڏسن تہ چوَن: ميان اِها تہ هاڻ واچوڙن جي وات ۾ اچي ويئي آهي سو پيا ڦيرائينِس.

ڪنهن ڏکوئل ماڻهوءَ کان پُڇن ڪهڙا حال آهن؟ تہ چوَندو:يَرَ ڇا چوان دل سڄي ۾ ڦٽ اٿم.

■ فڪرمند ماڻهو پنهنجي ڳڻتين جو اظهار ڪندي چوندو: يَرَ مون کي ڳڻتين هٿي ڳيي وڌو آهي.

■ ڪنهن دلير ماڻهوءَ لاءِ چون، فلاڻو ٻاون وِير آهي.

ڪو جيڪڏهن ڪنهن کان خوامخواهہ ڪا شيءِ ڦرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اڳلو چوندو:تنهنجي مون وٽ ڪهڙي دراوت رکيل آهي؟

■ ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي اُنهيءَ جا جذبات يا جوش ٿڌا ٿين تہ چوندا، ميان فلاڻي جي ڳالهہ ٻُڌي مُنهنجا تہ ڊِينگ ئي ڍري پيا آهي.

■ ڪاوڙ مان ڪنهن جي ڳالهہ کي رَدِ ڪندي چوَن: ميان ڌوڙ پئي

ڏرڪي ويئي.

■ ڪو جيڪڏهن ماڄر جي ماڻهوءَ کي چوي تہ: تو وٽ هلي ٿو ترسان تہ پريون اِن مذاق جو جواب ڏينـدي چوي:ادا اسان وٽ پکون نان پيهي.

■ ڪو جيڪڏهن ڪنهن ٻُڍڙي کان ڪنهن ڳالهہ جي تصديق ڪندي پُڇندو: فلاڻي ڳالهہ ڪٿين آهي؟ تہ اُهو جواب ۾ چوندو: اَبا آئون قبر (ڪنڌي آهيان) ۾ پير وجهيو ويٺو آهيان پاڻ کان ڪُوڙ بِداد ڪونہ ٿيندو.

■ ڪو جيڪڏهن ڳالهہ سمجهائڻ تي نہ سمجهندو تہ چوندا، انڌي گهوڙي ڪلن ۾.

■ ڪنهن بَد نظر واري ناظروءَ لاءِ چونَ: فلاڻو اِهڙو ناظرو آهي جو بَس هَڻِ، ڪَڻِ.

■ ڪنهن ڳالهہ جو گهر، گهر ۾ چرچو لڳو پيو هوندو تہ چوندا، فلاڻي ڳالهہ جو گهر گهر ۾ هُل هُلاچو لڳو پيو آهي.

■ ڪنهن وٽ اوچتو پئسو ڏوڪڙ اچي وڃي تہ چوَن: فلاڻي پَڪَ سان اوٺو ڏاڙو هٿي وڌو آهي، (اڳ ماڻهو رات وچ ۾ اُٺن تي پري پري کان ڏاڙا هٿي ايندا هئا).

■ ڪو جيڪڏهن اول کان وٺي ڪنهن شيءِ جو عادي هوندو تہ چوندا،فلاڻو تہ پهرين سَٽَ کان اِئين ئي آهي.

■ ڪنهن سُست ماڻهوءَ لاءِ چوَن:فلاڻو پُوٺارِ ردَ آهي.

■ ڪو ڪم زوري پيا ڪندا تہ چوندا: ميان ڇا ڪريون حاڪماڻو حَشر موچڙن سان پٽڻو آهي.

ڪا اِهڙي ڳالھ جنهن سان ٻئي کي پريشاني ٿئي تہ چون: مون هٿي فلاڻي جو پتوئي پاڻي ڪري ڇڏيو.

**عورتن جا مُحاورا:**

ماچر جون عورتون ڪِيڪاريندي چون: لَٿي جيڏلَ پلين آئينءَ.

ڪنهن جي گهڻي دير بعد اچڻ تي چون:لٿي نِڪر پچي وجهو فلاڻي آئي آهي.

ڪنهن جو جيڪڏهن ڪم بند ٿي وڃي تہ چون: فلاڻيءَ ڪي فلاڻي ڳالھ سبب نِڪر اچي ويو، هاڻ ان جو ڇا ٿيندو.

ڪا عورت هر ڪاج ۾ هرويرو اڳوائي ڪندي ڏسن تہ چون، فلاڻي پَٽَ راڻي آهي.

ڪنهن جي گِلا نہ ڪرڻي هوندين تہ چونديون: اڙي مون کي کهڙو لاچار جو پرايو پوتيون پٽيان.

ڪا عورت جيڪڏهن نجڻ تي ٻيءَ عورت پويان لڳندي تہ چونديون: فلاڻي جورَ (جَرَ) ٿي لڳي آهيم جند ئي ڪونہ ٿي ڇڏيم.

ڪا عورت ڪا اِهڙي ڳالھ ڪري جنهن سان جهيڙو ٿي پوي تہ عورتون پاڻ ڳالهيون ڪندي چون، ايها چُوچِڙي فلاڻيءَ جي ڏنل آهي.

بيڪار پُٽ جيڪڏهن گهر ۾ اچي گهِڙندو تہ چونديون: آيا ڪيپَ ڪِٿي آئين؟

اگر ڪنهن مرد جي زال گذاري وڃي تہ عورتون چون: فلاڻيءَ ويچاري جي گهر ڍَهي پيو.

■ ڪنهن ڳالهہ تان بہ عورتون گڏجي ٿين عورت جي گھر وڃن ۽ گھر ڌڻياڻيءَ کي جُٺ ڪرڻي هُوندَن تہ جيڪا اُنهن ۾ ڳالهائڻي عورت هوندي اُها چوندي: مائي ويهج اٿون فلاڻيءَ کي ٺاهي ٿي لاڳ ڏيانس.

■ ڳوٺ ۾ اِهڙو ڪو واقعو ٿي پوي جنهن مان ڪنهن عورت کي رنجَ پهتو هجي تہ ٻيون عورتون چون: فلاڻيءَ جو تہ لِيڙو لَهي ويو.

■ ڪنهن ڪَم لاءِ گهڻي ڪوشش بابت چوَن: آدِي لَٽي اسان اِنَ ڪَم لاءِ ٿايا مَٿا مُنا هنياسون پر ڪونہ ٿيو.

■ هڪ عورت ڪنهن ٻي عورت لاءِ چوي: فلاڻيءَ جا هِنڌين ٿي چوي تہ ان لاءِ چون لَٽي/ ريٽي اها ٺلهوٺي ٻانڊ پَٽي.

■ ڪنهن عورت جي طعني ڏيڻ بعد وري مِٺين ڳالهين تي ڪاوڙ واري انداز ۾ چوَن: ٺهيو ادي ٻُر ڪونہ ڏئي.

■ ڪنهن جي حَسب نسب لاءِ پُڇن فلاڻي ڪٿين آهي؟ تہ چونديون. ٽوپَ جي پاڙ پاندي جو ٻج.

■ ڪنهن کي پرچائڻ خاطر وڃن ۽ هُو نہ ٺهي تہ چوَن: فلاڻيءَ جو اسان تڏو وجي ورتو پر مڃيائين ڪونہ.

■ ماجر جي ڪنهن مهاڻي قوم جي عورت کان ٻي عورت پڇي تہ تو واري ڇوڪري ڇا پئي ڪري؟ اُها پنهنجي ڇوڪريءَ لاءِ جواب ڏيندي،ٻَڙي، سڄو ڏينهن انبن تي چڙهيو ”ليلا“ پئي ڪُڇي. (ليالو هڪ گيت جو قسم آهي).

■ ڪنهن بخيل عورت بابت چون: فلاڻيءَ تہ وڏي ٻَپڙ ٻي آهي.

■ جيڏانهن، ڪيڏانهن سنبرڄڻ واري عورت لاءِ چون: فلاڻي تہ يَتَ

پولڙي آهي.

■ هڪ عورت ٻيءَ عورت کي ڪوڙي شاهدي ڏيڻ لاءِ چوي ٿي پرين عورت نَڪ تي گيسي ڪندي چوي،نه ڙي لَتِي پاڻ کي قبر ڪاري ڪرائڻي ڪانهي.

ڪنهن چيڙاڪ عورت لاءِ پُڇَن ته، اها ڪئين آهي؟ ته چون: اِها ته پاڻ سان سدائين چِتِ ڪُتائي ڪئيو وَتي.

# باب ڇهون
# ڪڪرالي جي ٻولي

اوائلي دور ۾ ڪڪرالو ڪڇ سان لاڳاپيل هو انهيءَ ڪري هن علائقي ۾ بلوچ قبيلا: جت، جمالي، چانگ ۽ بروهي ڪڇ کان آيا، ان ڪري هن علائقي تي "ڪڇي ٻوليءَ" جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. آيل بلوچ قبيلا سنڌي لهجو قبول ڪري چڪا آهن، البت اڄان اهي مُذڪر کي مؤنث ۽ مؤنث کي مذڪر ڪري اُچارين ٿا. هتان جا ٻيا بلوچ قبيلا جهڙوڪ: جتوئي، جلباڻي، مگسي، لغاري، چانديا، سنجراڻي ۽ زنگيجا وغيره سنڌي لهجي تي عبور رکن ٿا. بلڪ تعلقي شاهبندر جا جمالي ته پنهنجي گهرن ۾ به سنڌي زبان ڳالهائين. ٻئي طرف ڪڪرالي جا سنڌي ڳالهائيندڙ رهاڪو "بلوچي اثر" سبب وري بلوچي ۽ سرائيڪي ٻولي آسانيءَ سان ڳالهائين ٿا.

**ڪڇي ٻوليءَ جو اثر:** ڪڪرالي جا ماڻهو پنهنجي روزمره جي گفتگو دوران سنڌي لهجي ۾ "ڪڇي" لفظ استعمال ڪن ٿا، مثال طور: ڪنهن کي وڻي اچڻ لاءِ چون "فلاڻي کي ڳِني اچ"، يا ڪا شيءِ اُجلائي اچڻ لاءِ چون، "وِتاڙي اچ". يا ڪنهن ڪم سانگي گڏجي هلڻ لاءِ چون ته جواب ڏيندا ته: آئون نِورو ڪونه آهيان" يعني واندو ڪونه آهيان. گهر جي ٿلهي کي عام طرح "اوٽو" چون. اهڙي طرح ڪا شيءِ ڪنهن کي ڏيکاري اچڻ لاءِ چون: "وتاري اچ"، يا جيڪڏهن ڪو ڪَم ڪار ۾ اٽڪ ڪندو ته چوندا: "اوڙائي نه ڪر". هي ڪڇي لفظ ڪڪرالي جي مَردن کان

سواءِ هتان جون عورتون بہ استعمال ڪن. عورتون ٻار کي ماٺ ڪرائينديون چوَن "اَبا/ آمان اوڙائي نہ ڪَر". هن لفظ کي ڀٽائي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ بہ استعمال ڪيو آهي. ننڍڙي ٻار جي بدن تي بخار وقت ايندڙ پگهر جي سنهڙي بُوند کي "ڪَڏِري" چون، ڪنهن کي گهر ويندو ڏسن تہ چوَن فلاڻو "گهرين پيو وڃي". ڪنهن کي الزام تراشيءَ وقت احتجاج طور چوَن تہ مون تي "پوچ" نہ اُڇل، هي لفظ هاڻي تعلقي شاهبندر، ڪاروڇاڻ ۽ جاتي اندر "پوچپ" استعمال ٿئي ٿو. ڪنهن جي نہ ٻڌڻ بابت چوَن: "فلاڻو مون سِين پري" ڪونہ ٿو. اِهڙيءَ ريت ڪو جيڪڏهن پنهنجي پاران ڳالهہ ڪندو تہ چوندا "پِنڊ" هڻين ٿو ڇٺي. هڪ ٻئي کي مخاطب ٿين تہ "آئِين" چوَن يا "آن" چوَن وغيره. ڪنهن کي مٿانهين ڪان هيٺ لهي اچڻ لاءِ چوَن "اُتري اچ". اِهڙي طرح "ٻُجهڻ" لاءِ سمجهڻ يا سمجهائڻ ڪان سواءِ "اوڍڻ" لاءِ ڍڪڻ، ڪنهن سانوري مائهوءَ لاءِ "آروڪڙو" لفظ استعمال ڪندا. پسند ڪرڻ لاءِ لفظ "آڙڻ" بہ پنهنجي جملي ۾ ڳالهائين، جئين "نني آري". اِهڙي نموني هتان جا جهُونڙا اجان تائين ٿڌي (راتوڪي رکيل) پيٽ ۾ صُبح جو لَسِي ملائي رَٻ وانگر ناهي کائين، يا زمين ۾ ٻاٺي ڇڏي ان جي پنجوءَ کي بلڪل گَپ ۽ گهارو ڪري رَٻ وانگر ڪن، انهن ٻنهي عملن کي هُو "آروڙي" چوَن. ڀٽائي صاحب جي ڪلام ۾ بہ هي لفظ استعمال ٿيو آهي: عُمر "آروڙِي" ڀُلاهن سين نہ پاڙيان."

اِهڙيءَ طرح عورتون ٻار جي رُسي وڃن کي چون، "ولٽيو"

ويٺو آهي. اهو لفظ بہ ڀٽائي صاحب استعمال ڪيو آهي: ”ڪيئن ولٽين ولھا“.

**جتڪو اثر:** ڪڪرالي جي لهجي تي ”جتڪي ٻوليءَ“ جو بہ اثر آهي، ڇاڪاڻ جو هتي جتن جي اڪثريت آهي. پاڙيسري هئڻ ڪري اڪثر سنڌي ڳالهائيندڙ نہ صرف جتڪي سمجهي سگهن ٿا، بلڪ ڪي تہ ڳالهائي بہ سگهن ٿا. اهوئي سبب آهي، جو هُو پنهنجي گفتگوءَ دوران ڪئين اهڙا لفظ ڳالهائي وڃن ٿا، جيڪي ”جتڪي ٻوليءَ“ سان واسطو رکن ٿا. مثال طور: سنڌي ڳالهائيندڙ چوندو ”آڃون“ (آئون)، ڪنهن جي ڳالھ تي ڪو ڪاوڙجي تہ چوي ”ماٺِ ڪَرِ ڇرو ويٺو آهيان“ اهو لفظ بہ جتڪي ٻوليءَ جو آهي، جڏهن تہ اسان عام طرح سنڌي زبان ۾ اهو لفظ ”ڇريو“ ڪري اُچاريندا آهيون، صرف وچ ۾ ”ي“ جو اضافو ٿيل آهي، اهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪافي مثال ملن ٿا. جاتي ۽ شاهبندر جا رهاڪو ڪيڏي مَهلَ ڪيجي لفظ استعمال ڪري وڃن ٿا تہ ڪنهن وقت جتڪا لفظ اُچارين.

**ڪڪرالي جا مُختلف لهجا:** ڪڪرالي جي علائقي ۾ جيڪو لهجو ڳالهايو وڃي ٿو انهيءَ کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ سُڌريل يعني ”معياري لهجو“ ٻيو اڻ سُڌريل يعني ”غير معياري لهجو“ ۽ ٽيون بگڙيل لهجو، جيڪو انتهائي بگڙيل صورت ۾ آهي. مختلف صورتون رکندڙ انهن ٽنهي لهجن وارن لفظن کي هيٺ ڏجي ٿو:

| معياري لهجو | غير معياري لهجو | بگڙيل صُورت وارو لهجو |
|---|---|---|
| اُنهن کان (اُنهِين کان) | اُنهن ڪَنان | اُنن کَنان (اُنِين کا) |
| آخَر | آخيرِ | آکَر |
| آزِمُودو | آزمُوتو | آزِمُتو (مُدو) |
| اُماڻِ (امر جي صِيغي لاءِ) | اُماڻِج | اُماڻيج (اُمان ٹج) |
| اَچَج | آچيجان | آچِجَٿين |
| بادِشاهَ | باشا (پادِشاهہ) | پاچا (پاشا) |
| پَچيا | پَچَا | بَتا (پَتا- پچا) |
| بيهوشِ | بيهونشِ | بيهونشيشِ |
| باهَر | بَهِر | بَارِ |
| بسُو | بِٿُو | بُوٿو |
| تُنهنجو | تُهجو | توجو |
| توهان (اوهان) | توهِين (اوهين) | توان (اوان) |
| تنهنجو | تنيجو | تهجو |
| نَهرائڻو | ناهرائڻو | نارائڻو (نارائڻو) |
| پَکهارَ | پَگارَ | پَفارَ |
| جيڪا | جيڪي | جيڪين |
| جعفر | جافر (جاڦر) | ياڦَر |
| جڳهَ | جاڳاهہِ | جاڳاهي |
| چوَندا | چَئيندا | چُونِ (چوندا) |
| ڇَٽڪارَ | ڇَندِڪارَ | ڇِنِڪارِ |
| ڇڏي ڏار (ڇڏي ڏئي) | ڇَڏِ ڏِءِ | ڇَڏارِ |

| | | |
|---|---|---|
| خوشبُوءِ | خوشبُو | خوچبو |
| خيراتِ | خَيرياتِ | كيرات |
| خوبصورتِ | خوبسورِتِ | كوبٿورت |
| ڏِسِ | ڏسِيسِ | ڏسينس |
| ڏِجِ | ڏيج | ڏِينج (ڏِجينسِ) |
| ساڳيو | ساڳو | ساڳوٺو |
| سَخِي | سکِي | شکِي |
| سانجهي | سانجهَ | سانجهئين |
| سُنو | سوَنو | سُونو |
| سامِهُون | سامُهين | سامون |
| سچو | سَچلو | سَچِيلور (سَچِيلو) |
| شروع | شُرُو | شُرون |
| شوقِ | شَئونق | شوکِ |
| صبوح جو | صُبعوڙو | صبحانرا |
| صبوح ٿاڻي (صبحا نکر) | سُپاتَکر | سُپائي ران |
| ڪانهي | ڪانهين | ڪانين |
| غائب ٿي ويو | غئيب ٿي ويو | گئيبِ ٿي يو |
| ڪَرِين | ڪَرئين | ڪارين |
| ڪاغَذِ | ڪاڳسِ (ڪاڳر) | ڪاگس (ڪاگذ) |
| ڪَبَتِ | ڪَباتِ | ڪبات |
| ڪالهہ ڪان | (ڪالهان ڪَرَ) | ڪالهون ڪَرَ |
| گهمايو ونِي | گهُمايو لائي | گُمايو لاءِ |

| | | |
|---|---|---|
| گهَرِ | گهرين | گرِ |
| ماڻِ (ماڻِ امرَ جي صيغي لاءِ) | ماڻي | ماڻهِ |
| معافي | مافي | ماڦي |
| ملنداسين | مليندا سين | مِلداسين |
| مُنهنجو | مُهجو (مونجو) | موجو |
| ڪائيندو | ڪاوَندو | ڪِيندو |
| ڪائنِ | ڪائين | ڪاٰينِ |
| وقتِ | وَڪَتِ | وڪَتِ (وخَتِ) |
| ورزش | وَرجِسِ | وَرِجِشِ |
| وِيا | وَيا | وِٿا |
| واقف | واقوف | واقب (واقڦِ) |
| هُوشيار | هوشار | هُشارِ |
| اڪيلو | آڪيلو | ڪَلو (هيڪلو- هيڪلو) |
| يارهين (بادشاهه پير جو ختمو) | ڪارهين | ڪارهه |
| يتيم | زتيمِ | جَتيم |
| هڪڙو | هيڪڙو | هيڪڪڙو |
| نقصانِ | نُسڪان | نُشڪان |

**ڪڪرالي جا اضافي لفظ:** ڪڪرالي جو هر رهاڪو پنهنجي عام گفتگو دوران جملن جي وچ يا آخر ۾ ڪي اضافي لفظ استعمال ڪري ٿو:

**”نان“ ۽ ”نُون“ جو اضافي استعمال:** ڪنهن کي جمع واري صيغي ۾ مخاطب ٿيندي چوَن: فلاڻي کي فلاڻي شيءِ وٺي ڏني نان، يا فلاڻو ڪم ڪيون نان، يا فلاڻي چيز ڪنئي نان، يا ڪسِي نان، اوهان نا. اسان نان وغيره. ڪڪرالي جي ڪاري واري ساحلي علائقي ۾ نان، ٻن مقصدن لاءِ استعمال ٿئي ٿو: جنهن مان ”ڏانهن“ ۽ ”لاءِ“ جون معنائون به وٺي سگهجن ٿيون. ٻويان به جملا يعني ”اوهان نان، ۽ اسان نان“ انهيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. ”نين“ وري واحد واري صِيغي لاءِ استعمال ڪَن ٿا، جئين فلاڻي شيءِ ڏِني نين. يا ورتي نين، فلاڻي سان فلاڻي اِهڙي حالت ڇَڏرائي جو بَس نان ڪِنين، يا فلاڻي ڪان مون واري امانت ڪنئي نين، يا ڪو ڪنهن کي چوي، بَس ڪر نہ تہ ڪوليانين ٿو شجرو، وغيره.

**”ج“ جو استعمال:** ڪڪرالي جي لهجي ۾، ”امر“ ۾ وڌيڪ تاڪيد لاءِ ٻويان ”ج“ آئيندا آهن، هڪ جملي جي آخر ۾، ۽ ٻئي جملي جي وچ ۾، پهرين صورت جو مثال هن طرح آهي: وٺج، وَٺي اَڇج، فلاڻي کي فلاڻِي شيءَ ڏئي اڇج، يا فلاڻي ڪان منهنجو ڪتاب ڪٺي اڇج، يا هَمراهہَ کي ٻُولرائج، ڇڏرائج، يا فلاڻي ڪان سندس شيءَ ڦرج نہ. فلاڻي ڪان اُن کي ڇڏائج ضرور.

ٻي صورت اها جو جملي يا لفظ جي وچ ۾ ”ج“ آئين، مثال طور: ڪراچيءَ مان مُنهنجو ڪَم ڪري اچجئين. حيدرآباد مان فلاڻو ڪتاب ونيو اچجئين، يا ونجَئين ضرور، ماجر مان مڇي ڪٺجئين ضرور، يا ڏسجئين، اهڙي طرح ”ج“ بعد ”همزو“ ”ي“ ۽ ”ن“ بہ اچن ٿا.

**"س" جو استعمال:** هيءَ حرف بہ جملي جي آخر ۾ استعمال ٿئي ٿو. "س" کان اڳ ڪڏهن ڪڏهن "و" جو بہ استعمال اچي ٿو. ڪڪراليءَ جا ماڻهو پنهنجي لهجي ۾ ڳالهائڻ واري جملي جي آخر ۾ س استعمال ڪن ٿا: فلاڻي کي هيءَ شيءِ ڏجينس، يا ونينس، يا يار ٿورو هيڏانهن هَلينَس يا هتان نِڪرينس، يا هن کي ٿورو جَهلينس، تو سان گڏجي هلندس، يا فلاڻي ڏانهن ضرور ويندس، وغيره. "س" کان اڳ وري "و" ڪتب آندو وڃي ٿو. جيئن تہ، فلاڻي شي ڪٽجوس، يا اڳتي هلجوس، يا فلاڻي کي بہ ملجوس يا چئجوس وغيره.

**"ڌ" ۽ "و" جو استعمال:** جيئن، جَلد نِڪرجو، اُماڻي ڏجو. ڪَم لهرائي ونجو، فلاڻي ڏانهن ضرور وڃجو، يا هلجو، اُن جي ڪوڙي ڊڪي ڇڏجو، فلاڻي کان گهُرَ ڪري ڏسجو، يا گهُرجو، وغيره.

**"ڙ" جو استعمال:** اسم تصغير واري صورت لاءِ ڪڪرالي وارا "ڙ" جو استعمال ٻن طرحن سان ڪن ٿا: (الف) پهريون اِهو جو "ڙ" کي "و" جي اڳيان استعمال ڪن. (ب) ٻيو خصوصًا عربي لفظن ۾ "ر" جي بجاءِ "ڙ" استعمال ڪن.

(الف) جيئن تہ يتيمڙو، جيتامَڙو، ويچارڙو، غريبڙو، گهرڙو، سنهيرڙو، ٿُلهيرڙو، پُورڙو، بُخارڙو، پتڪولڙو، حرامڙو، ڇڳيرڙو، ڇورڙو ۽ سنگهارڙو.

(ب) جيئن اڻ پڙهيل طبقو ڪن عربي لفظن کي "ر" جي بدران "ڙ" سان اچاري، جيئن: ضروڙ، اقراڙ، اسراڙ ۽ برڪراڙ انهن لفظن جي

اصل صورت هن طرح آهي، ضرور، اقرارِ، اسرار ۽ برقرار.

**مردن جا محاورا:**

- آيل سان خوش خيرعافيت ۽ ڀليڪار ڪندي چوَن: چڱو، ڀلو، جوڙ متارو، راڄ ڀاڳ ڀيا مڙئي سک.
- وري مهمان، ميزبان کي موٽ ۾ چوَندو: ٻَهاربون، ٿاڻايون، سک، آنندَ، شانتيون. اهي ساڳي طرح هندو به استعمال ڪن.
- خَبر چار پُڇڻ تہ جواب ۾ چوندا: مالڪ جا احسان آهن، يا چوَن الله جا لکَ شڪر، ڏٺيءَ جون مهربانيون آهن.
- ڪاوڙ مان ٻئي کي چوَن: بَس ڪَر نہ تہ ڏيندو سانئين جَرَ، يا چوَن اهڙي جَرَ ڏيندو سانئين تَکِ مان ورِ نڪري ويندئي، يا چوَن اِهڙي حسيني وِڄهندو سانئين جو گهٽا ڏينهن ياد ڪندين.
- ڪنهن ڳالهہ نہ سمجهي خالي وَتَل پيو ڪندو تہ ان کي چوَن: وڏو ڪو ٺيڪاري آهين.
- ڪنهن جي گهڙي ڳالهائڻ تي يا ٽپائڻ تي چوَن: ڀَنڊِي نہ ٻار يا چوَن: رڳو ڀَنڊي ٻاريو بيٺو آهين.
- ڪنهن سان ڳالهائڻ ۾ نہ پُهچَن تہ چوَندا: بابا! تون ڪان مون بَسِ ڪئي، يا چوَن آئون ڪونہ پُڄندَسِ يا چوندا منهنجي ڀيءَ بہ توبهہ گيسِي ڪئي.
- ڪنهن کي جيڪڏهن پيٽ ۾ گهڻو سُور ٿيوي ۽ هُو پيو ٻُلَ ڪائي تہ چون: ميان فلاڻي کي اِهڙو سور پيو جو ڪانو بولاتي لڳي پئي هُئس.
- ڪو جيڪڏهن ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويل هجي ان جي موٽڻ

تي اُن کان پُڇن ته: پلا ڪَم ٿيو؟ اگر ڪم پورو نه ٿيو هوندو ته جواب ڏيندو: مڙئي اڌو گابرو ٿيو، يا چوَندو: اڌو لاڙو.

■ ٻه ڄڻا ملن ته هڪ ٻئي کي چوَن: طَلبئون ته مِلئُون.

■ رات جي وقت اگر وڏي سر وارو آواز ٿئي ته: چوَن ڏڪاءُ تي رهيو.

گهُٽيلَ ۽ دميل آواز لاءِ هيءُ محاورو ڪتب آڻين: هو ٻيڙور يا هو ٻيو تي رهيو.

■ ٻئي کي ڳالهه ڪندي چوَن: سائينءَ منهنجي کي چوان، يا چوَن رب توکي نيڪي ڏئي.

■ ڪا اهڙي ڳالهه ٿئي جنهن سبب ماڻهن ۾ گوڙ پئجي وڃي يا خوف ۽ حراس مچي وڃي ته چوَن: ميان اِهڙو هُل ٿيو جو ترٿلو مچي ويو.

■ ڪو جيڪڏهن رڳو پنهنجا پيو نوازيندو ته چوندا: فلاڻو، رڳو پنهنجن تي پيو اِڃائُون ڪري.

■ ٻن ڄڻن کي ڳالهائيندو ڏسي ٿيون اگر پُڇي ته ڇا پيا ڪريو، ته چوندا: لَهواريون اوپاريون پيا ڪريون، يا چوندا: نيون پراڻيون پيا ڪريون.

■ پڪائيءَ خاطر چوَن: ادا سُپا سانت/ سانتي، متان هيءَ نه هي ڳالهه تي پوي.

مينهوڳيءَ وقت ڪير ڪنهن کي چوي ته فلاڻو ڪَم ڪري اچ، ته چوندا: پلين مِينهوڳِي لَهي، يا چوَن، پلين سَوا سائي ٿئي.

■ ڪنهن کي ڪنهن ڪَمَ لاءِ چوَن ۽ اُن کي ڪرڻُو نه هوندو ته ڪاوڙ مان چوندو: وڃي ٻئي جُهڏَ ۾.

■ شهر ۾ مڇي يا گوشت وڪڻڻ وارا گراهڪَ کي ان جي چربيءَ بابت ٻڌائيندي چوَن: ميان هي مڇي/ گوشت اِهڙو ٿلهو اٿئي جو ڏوئي ڏيکڻ گيهہ.

■ ڪو ڳالهہ ۾ اجائي دېگهہ ڪري تہ چون: ميان چتي ڪوري واري ديگهہ نہ ڪر، يا پٽاڙ نہ ڪر.

■ ڪير ڪنهن سان ٺڳي ڪري تہ چوَن: ميان هيڏو ظلم! ههڙو هاڃو! يا چون هيڏو بغدادِ!.

■ اگر ڪو خوامخواهہ هيڏانهن هوڏانهن پيو ٿيندو تہ چوندا: فلاڻو هرويرو اول پتڻ تي مُئو آهي، يا چوَن: دربدر ٿي پيو آهي، يار رُلي مُئو آهي.

■ ڪير ڪنهن کي سَڏِي ۽ اُتان ڪوبہ جواب نہ ملي تہ چوَن: ميان سڏ ڪري ٿڪو آهيان، ڪو ٿوڪ ٻوڏ چوڻ وارو ئي ڪونهي.

■ ڪچهريءَ ۾ ڪنهن جي نہ ڪرڻ جهڙي ڳالهہ ڪو ڪندو تہ چوندا: ميان فلاڻي هٽي، فلاڻي جي ڏگري لاهي ڇڏي.

■ ڪو وات ڦاٽو ماڻهو، جيڪڏهن ڪنهن جي پَرواهہ نہ ڪندي ڪا اِهڙي بي ريائي واري ڳالهہ ڪري ڇڏي، جنهن ۾ ٻئي جي بي عزتي ٿئي تہ چوندا: فلاڻي جي وات تي ڍڪڻ ئي ڪونهي، يا فلاڻي جي منهن تي ملائڪ ئي ڪونهي.

■ اگر ڪنهن جو ڪم نہ ٿيو يا ڪنهن معاملي ۾ شڪست کاڌائين تہ سندس مخالف خوش ٿيندي چوَن: فلاڻي جو تہ سائو منهن ٿي رهيو. (يا رهيس).

■ جيڪڏهن ڪو ڪنهن وٽ ڪنهن ڪم سانگي لنگهي وڃي ۽

اُهو وري اُلٽو اُن تي ڪاوڙجي پوي تہ چوندا: ميان فلاڻو مون ڪي ڪائين جي مُٺ سان گڏيو، يا چوَن ڏڪيو پيو، يا چوَن، ڏاڪا ٻڏي چڙهي ويو.

ڪنهن جي گهر ڪي باهہ لڳي تہ چوڻ: فلاڻي ڪي تڏو لڳو آهي.

عجب واري ڳالهہ ٻڌن يا ڪنهن ڪي طاقت کان وڌيڪ ڳورو بار کڻندي ڏسن تہ چوندا: وڄ پيٽيان ڄي پُٽائي.

ڪير اِهڙي ڳالهہ ڪندو تہ هاڻ ڇا ڪرڻ کپي تہ چوندا: ميان انَ ڳالهہ کي ڪير تو پڇي.

■ هڪڙو ٻئي کان پڇي تہ ڪم پورو تي ويو يا ڪَم کي ڪتي پُڄايئي؟ تہ جواب ڏيندو: ڪَم ڪِتلي ڪري آيو آهيان.

ڪنهن کي هيٺو ڏسن تہ چوندا: فلاڻو نانجهو تي ويو آهي.

ٻئي جي تڏي نہ وڃڻ بابت قسم کڻندي چون: منهنجي ٻجَ ۾ ٿير آهي جو آئون فلاڻي جي تڏي تي وڃان يا چڙهان.

■ ٻئي ڪنهن جي لاءِ پُڇن تہ فلاڻو ڪئين آهي؟ تہ چوندا: فلاڻو ميان ڪو هلڪو سلڪو ماڻهو توروئي آهي، يا چوَن هلڪي سلڪي توپي نہ آهي. (يعني ڳري توبي). اِهو محاورو ان ماڻهوءَ لاءِ، جيڪو ڪنهن کي اختيار ۾ ئي نہ آئيندو هجي.

غير شادي شُده اڪيلي ماڻهوءَ لاءِ چون، فلاڻو ٻنه ڇَڙو ڇانڊِ آهي.

■ ڪنهن بهادر ۽ دلير ماڻهوءَ لاءِ چون: فلاڻو ميان اٺئي مڙس مٿير يا چوَن: فلاڻو مُڙس آهي دُوبار.

■ هڪڙو ٻئي کي چوي تہ مون توکي، فلاڻي شخص کي ڪم

ڪرڻ لاءِ چيو ڪِ نہ؟ تہ اڳلو چوندو: اُنهيءَ سان منهنجي ڪُچَڻ جي واٽ ڪانهي.

■ ڪو ڪنهن جي ڳالهہ بلڪل نہ مڃي، مُنهن جو پڪو هجي ۽ جُٺ ڦٽ تي بہ نہ مُڙي تہ چوندا: صفا ڪو نَڪَ نِرجو آهي، يا چون بنهين نود آهي.

■ سچي ڳالهہ ڪندي چون: بابا! آئون بہ ٻچڙيوال آهيان، مَري جواب ڏيڻو آهي.

■ ٻئي تي ڪوڙي شاهدي ڏيڻ بابت چوَن: ميان پرائي قبر (ڪَڏ) ۾ ڪونہ پئبو!.

■ نياڳي يا اڻ وڻندڙ ماڻهوءَ لاءِ چون تہ فلاڻو ڪٿين آهي؟ تہ جواب ۾ چوندا: الله ڀَلي، يا چوندا: ميان ڪاٿي ڀي نالو ونوس.

■ جيڪڏهن ڪنهن، ڳالهہ ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي تہ چوَن: مون واري ڳالهہ ايئن جيئن پاڏي جي ٻُٽ تان پاڻي يا چوَن: مينهن مُٿيو پاڻيءَ ۾.

■ ڪو جيڪڏهن اوچتو پاڻ کي وڏو ماڻهو محسوس ڪرائي تہ چوندا: فلاڻو ڳُلَ مان غلام ٿي ويو.

■ امين پنهنجي مُنهن فيصلو ڪري راڄ وارن تي مڙئي مَڙهي ڇڏيو تہ چوندا: ميان پاڻ وارا امين رڳو ناني ڪُنڙو پيو.

■ ڪو ڳالهہ لِڪائڻ خاطر بار بار اُن ڳالهہ ڏانهن اشارو پيو ڪندو تہ چوندِس تہ: ادا تون گابو ڪيئن نہ ڪر.

■ ڪو جيڪڏهن وات مان پاراتو يا ٻيو ڪو اِهڙو اَڻ سُهندڙ جملو ڪڍندو تہ چوندا: واڻي تہ موچاري وارِ. يا چوَن: ويڻ نہ ڪَڍِ.

■ ٻه ڄڻا پاڻ ۾ وڙهي پون ته چوندا: اِها ڇيڻاپوري ڪنهن ڪئي آهي.

هڪڙو ٻئي کي ڌمڪي ڏيندي چوندو ته: ميان پاڻهي خبر پوندئي ته گهٽي ويهين سئو آهي، يا چون: ميان تون ڌورو پڇي ڪائج؟

■ ڪنهن کي نقصان ڪري اچڻ تي چون:ميان ٻنهين ڪو هَڙ ٻوڙ آهين.

ڪنهن کي جيڪڏهن ٻن پاسن کان مجبوري هوندي ته چوندو: ميان مون لاءِ (يا مون سان) نانگ ڇڇيءَ وارو ڪم آهي، ڪائي ٿو ته مري ٿو ۽ جي ڇڏي ٿو ته انڌو ٿو ٿئي.

■ واندي ماڻهوءَ لاءِ چون: هي اٽي تي ڇٽي آهي، يا چون: واندو ماڻهو الله جو مهمان آهي.

■ ڪا ڳالهه وڏڻ جو خوف محسوس ڪن ته چون، ميان متان ڳالهه مان ڳالهوڙو نه ٿي پوي، يا چون: متان ڪنپار جي ڍڪڻيءَ وارو ڪم نه ٿئي.

گهڻ ڪامائو ماڻهو پنهنجي ويڻن بيان ڪندي چوندو: مون سان اهڙو حال آهي جو ڪنهن جي ڄائيءَ سان ٻه اهڙو نه هجي.

■ پارت ڪندي چون:ٻيلي پنهنجا سجاڻ يا چون ته:ججهي پارت ڪونه ٿو ڪرائين.

■ ڪو ڪنهن کي اڪ ڏيکاري (دپ ڏياربندي) ته چون: ميان وڏن جون اکيون ٿيون آڏيون اڃن نه ته سونداري ڇڏيائين.

■ ڪنهن کي جُٺ ڪرائڻ لاءِ چون ته: فلاڻي کي ٿوري ٽڙ، پيڙ ڪري ڇڏ يا ٿوري ـ ـ ـ ڪورَ ڪرينس.

- جَجهن ماڻهن کان پُڇجي تہ ڪيڏنهن ويا هئا؟ تہ جواب ڏيندا: ابا ويا هئاسون وَنگارَ وهڻَ.
- هڪ ٻئي سان صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ چون: صلاح صُولي ڪريون.
- بِلڪل اڪيلي ماڻهوءَ لاءِ هي اکر ڳالهائين: ميان اُن جي هتي ڇا؟ ڪو اُڪَرِ ڪو مٺيلڙو. يا چون: ڪو اِتي ڏڪَر يا چوَن: ڪو سُت ڪين ڪپاهَ.
- پوڳ پوڳ ۾ ڪو نقصان ٿي پوي، يا ڪو ڇڙي پوي تہ چوندا: ميان ڪِلَ مان دِلِ تي پئي.
- ڳالهہ مان ڳالهہ وڌي وڃي تہ چوندا: ميان تِيليءَ مان ٿنڀ نہ ڪَري، يا ڳالهہ ڪ جُٺِ، يا ڳالهہ ڪ ڪِلَ، يا چوَن ڦرڙيءَ مان ڦٽ، يا نوڙيءَ مان نانگ.
- ڪو جيڪڏهن ڪنهن ڪم ۾ مشغول هوندو تہ چوندا، وَنسيرَ ۾ آهيون.
- ڪنهن سَنجيده ماڻهوءَ لاءِ چون: فلاڻو ڳري دل وارو آهي، يا چوَن: دماڻتو ماڻهو آهي.
- ڪنهن منافق ماڻهوءَ لاءِ هي لفظ اُچارين: فلاڻو دل پليت آهي، يا چون: دل جو ڪُدرو آهي يا چوَن: دل جو ڪارو ماڻهو آهي.
- ڪنهن ڪند ذهن طالب علم يا ماڻهوءَ لاءِ چون: هن لاءِ ميان ڏبي ۾ نڪريون يا چون: انڌي گهوڙي ڪَلن ۾.
- مهمان کي مانيءَ جي صلاح هٽندي چوَن: جيڪا جائي جُواري آهي، يا جيڪو غريباڻو حال آهي، يا جيڪو ايري حال سارو

آهي، يا جيڪا رب پاڻي آهي.
ڪو ڪنهن کان حال يا طبيعت جو پُڇي تہ پريون جواب ڏيندو تہ: بَس ادا شڪر آهيس. ڪيڏي مَهلَ سير تہ ڪيڏيءَ مهلَ تي پاءُ. يا چون: ڪِين گذري آهي ڪا گُذري ويندي، يا چون: الله جو شُڪر آهي پئي گذري.
ڪو جيڪڏهن هر وقت پنهنجي غريبيءَ جو ذڪر پيو ڪندو تہ ان لاءِ چون: فلاڻو تہ هميشه غربت جو کُنو چاڙهيو وٺو آهي.

■ بخيل ماڻهوءَ لاءِ هيءَ اکر ڳالهائين تہ: ميان فلاڻو تہ رڳو ڪِينَ کُنو چاڙهيو پيو هلي.
طعنيٰ طور پئي کي چوَن: ميان تون ڪهڙو ناري جو نواب آهين؟ يا چوَن: تون ڪهڙو ڪڪرالي جو جام آهين؟
دعوت وقت ڪير مانيءَ لاءِ تڪڙ ڪري تہ اُن جي دلجوئي ڪندي چون:پهرين منهنجي پاءُ ڪي.

■ ڪنهن جي هَٿَ ۾ ڳُنڍِ ڏسندا تہ مذاق واري انداز ۾ چون: آبا جَجهو وجهي چاڙهج.
ڪو حصي مان ڪا پتيءَ نہ ڏئي ۽ سڀ هَڙپ ڪري وڃي تہ حصيدار دانهن ڪندي چوندو: مون تي تَڪو بہ شانت ڪونہ ڪيائين.

■ گراهڪ جي هن پُڇڻ تي تہ هن ڪپڙي جو رنگ ڪئين آهي، تہ واپاري مذاق ڪري چوندو: ڳالهہ ئي ڇڏي ڏي، بس ڌوبي ڌوئي ڏٺي روئي.
ڪنهن اصول واري ماڻهوءَ لاءِ چوَن: فلاڻو يَڪ سُخنو ماڻهو آهي.

يا چوَن: يَڪ زبانُو آهي.

- ڪنهن  بئي همراهہ کي زوراٿتو ڏڪ واهي ڪڍيو هجي تہ اُن لاءِ چوَن: فلاڻي  تہ فلاڻي کي اِهڙو ڪاپاري واهي ڪڍيو.
- ڪنهن پوڙهي ماڻهوءَ کي طبيعت ۾ تيار ۽ خوش ڏسن تہ چوَن: فلاڻو ٻُڍڙو ٻَڙ آهي يا چوَن جَڙد مَڙدِ (جلد، مَردِ) لڳو پيو آهي.
- ڪير ڪنهن سان خوامخواهہ جهيڙو ڪري تہ چون: فلاڻي مون سان چَڪوات ڪئي، يا چوَن:مُنهن ماري ڪئي.
- ڪو ڪتان ڪنهن ڪم کان نااميد ٿي موٽي آيو هجي تہ وينل اُن کي لڙيل مُنهن سان ايندي ڏسن تہ چون: آبا ڊاڪون ٺي ٻڪو، يا چوَن: هاج خاشي، يا چوَن هاج سماڙي.
- ڪنهن کان زوري ڪَم ڪرائڻ خاطر ڌمڪي ڏيندي چوَن: ميان ڪَم ڪري ڇڏج، متان تربون نہ مهٽيون پوَنئي يا چوَن اڙي نہ سَرِئِي.
- ڪنهن سڪئي ستابي ماڻهوءَ لاءِ چون: فلاڻو مانيءَ مڇيءَ وارو آهي. يا چوَن پنهنجيءَ وارو آهي.
- ڪنهن سمجهدار ماڻهوءَ کي اُبتيون سُبتيون خبرون ڪندي ڏسن تہ ان لاءِ چوَن: ان کي اڻ پيتيءَ جا نشا آهن.
- ڪنهن جاءِ تي ڪوبہ نہ هوندو تہ چوندا: ميان سُڪَ نوائي لڳي پئي آهي، يا چوَن: ماٺ مانوڙو لڳو پيو آهي.

ڪنهن ناظرُو ماڻهوءَ لاءِ چوندا: فلاڻو زبان جو ڪارو آهي.
ڪُليءَ زبان واري ماڻهوءَ لاءِ چوَن: فلاڻو ٻِنهہ ڦاٽَل دُهلِ آهي يا چون پيرَ تي ڏونڪو آهي.

اجائي ڳالهائڻ واري جو وات بند ڪرائڻ لاءِ چون: ٻَخ ٻَخ نہ ڪَر. يا چوَن: ٻَڪَ نہ ڪر. يا چوَن: وِڦل نہ يا جکي نہ هڻ.

- ڪو ماڻهو ٻئي ڪنهن اِهڙي ماڻهوءَ پويان هلندو وتي جنهن مان ڪم جو آسرو بہ نہ هجي تہ چوندا: ميان اِهو نلهو حيران ڪُتر هرڻ پُٺيان ڊوڙي.
- اونداهيءَ وقت چوَن: ايڏي انڌوڪار لڳي پئي آهي جو اک نہ ڏسي گوڏي کي يا چوَن: گر اونداهي لڳي پئي آهي.

ڪنهن کي سور ۽ ٻري سان ڪَم ڪندي ڏسن تہ اُن لاءِ چوَن: ٻَري ٻري مان ٽري وارو قصو لڳو پيو آهي.

ڪا شيءِ وٺندي ان جو اگهہ ٻڌائيندي چوَن: عشق مهانگي هيتَرو، ڪَ هيترو آهي.

ڪير ڪنهن کان پُڇي تہ فلاڻي سان ڪا ڄاڻ سُڃاڻ آهي تہ جواب ڏيندا: مڙئي مُنهن لڱ آهي.

ڪو ڪنهن کي شرمائڻ خاطر ڪا ڳالهہ چوي ٻَرَ پرئين ماڻهوءَ کي مُنهن ۾ وَر ئي نہ پوي تہ چون: فلاڻي کي هيترو چيم ٻَرَ مجال آهي جو ان جي منهن ۾ مُرلو پوي، يا چوَن ڪُرلوئي نہ آيو.

ڪو جيڪڏهن هڪ چڱي ڳالهہ کان پوءِ وري اجان ٻي وڌيڪ چڱي ڳالهہ ڪندو تہ چوندا: اهو ٿيو سون تہ مِين.

ڪنهن جي ڀاڳ، اڀاڳ بابت پُڇَن تہ جواب ۾ چوَن: ڇٽيهہَ لڪٺو آهي.

- ڪو جيڪڏهن نقصان ڪري گهر اچي تہ چوَن: ميان ڪهڙو ڪيچ کٽي آئين؟

## عورتن جا مُحاورا:

- عورتون ٻار جي روئڻ تي ٻار کي چوَن: آبا/ امان ڪهڙي هوپِس بڏي اٿئي. يا چوَن: ڪهڙي سُڄَ ڏٺي اٿئي.
- عورتون ٻار کي چُپ ڪرائيندي چوَن: ماٺ ڪرَ نہ تہ ڪٿائين تي مصيبت.
- ڪڪرالي جون عورتون ڳالهہ ڳالهہ تي اڪثر هي لفظ استعمال ڪن: سَميتَ، يعني سمجهي تہ.
- ڏک واري يا نقصان ۽ حيرانيءَ واري ڳالهہ تي چوَن: آئي گهوڪَٽَ، يا آئي گهوڙن هَنيس! يا آئي گهوڙا! يا آئي مُنيس!.
- ڳالهہ نہ سمجهن تہ ٻيهر پُڇندي چون: آئي ڪُواڙو.
- ظلم خلاف احتجاج ڪندي چوَن: ناحق نوار- ري گناهہ.
- دعوتن ۾ اگر ڪنهن کي ڪاڏو پيتو نہ ملي تہ مَيارَ ۾ چون: ادي اسان جي بہ ڪا ٻچا ڳاچا ڪئي اٿوَ؟ يا ڏائي پويان اوگرائي؟
- هڪ ٻئي جي ڳالهہ نہ سمجهن تہ، نہ سمجهڻ واري عورت ڳالهہ ڪندڙ کي چوندي: لَئِي، ڪهڙو پئي اُرڙو مُرڙو ڪرين؟
- ٻاڻ کي صاف رکڻ خاطر چوَن: ادي آئون آلايو پلايو ڪونہ ڪريان، يا چون: ڏيرڻ نہ آهي.
- گهٽي ڪَم ڪار کي چوَن: گهر ۾ سارو ڏينهن گِيبو ڪار لڳي پئي آهي.
- ڪنهن کي ضروري ڪَم بابت نياپي ڏيڻ لاءِ تاڪيد ڪندي چوَن: فلاڻي کي هاسيڪارَ چئج.
- گهٽي اونداهيءَ بابت چون: لَئي اونداهي انڌ گهور لڳي پئي آهي.

■ ڪوڙ ڳالهائڻ واري عورت کي چوَن: ادي هَوَرَ نہ هڻ.

ڪي عورتون ڳالهين ۾ مشغول هجن ۽ ڪا ٻاهرين عورت اچي پُڇي تہ ڇا پيون ڪريو، تہ چونديون: مڙئي هَوَرَ دَوَرَ پئي ڪياسون، يا چوَن: پنهنجيون، پرايون پئي ڪيون سُون.

شادي ۾ ڪن کي ڪاڏو گهٽ مليو تہ چونديون: اڳئين لَڏَ پُٺين ڳاهہ.

■ ڪا عورت، پنهنجي عزيز يا ساهڙيءَ تي تپي پوي تہ چوي: فلاڻي ٻَنگهرجي آئي آهي.

جيڪڏهن پنهنجي جيڏڙيءَ جو انتظار ڪري ٿڪجن تہ چوَن: جيڏَل اڃان سينگارجي پڪارجي پوءِ نڪرندي.

■ آيل مهمان جي خير ڀلائي ۽ ڪيڪار ڪندي چوَن: جيجل نچُ آئينءَ. يا جيڏَل ڀلين آئينءَ.

■ ڪنهن عورت جا ڳهہ ڳٽا ۽ زيور زَنا ڏسي چوَن: ادي فلاڻيءَ جو تہ سون مِين ڏسي آئون حيران ٿي وِيس.

ٻئي ڪنهن سان پنهنجو ٻار ڪيڏانهن گڏي ڇڏين تہ پارت ڪندي چوَن: ادي منهنجي ٻچڙي جي ٻَرَنَ هُجي.

ڀليڪار ڏِنل عورت، جواب ڏيندي چوندي: امان/ اڏي سَتَ ڀلايون.

■ ٻارن کي ٿَج پياريندي يا ڪاڏو ڪارائيندي چوَن: سَتَ بسملايون. (بسم الله هُون).

ڪَم ڪار جي تاڪيد ڪندي چوَن: لئي فلاڻي منهنجو ڪم لاڳي ٻَڌي ڪرڻو اٿئي.

■ ڪا شيءِ ڪٿي ٻيءَ جاءِ تي پئي هوندي تہ چونديون: فلاڻي شيءِ

آپر پُنيرِي پئي آهي.

- عورت کي ڪنهن عورت جي گهر گهٽو ايندي ويندي ڏسن تہ چوَن: فلاڻيءَجو فلاڻيءَ جي گهر ڏانهن لانگرو پيو ڏسجي.
- ڪنهن عورت کي زور ڪاڙهي ۽ تَتيءَ مَهَلَ ڪم ڪندي ڏسن تہ چوَن: فلاڻي ڪاڙهي جي زَمُورَ ۾ پئي ڪم ڪري.
- ٻار کي مستيءَ کان روڪيندي چوَن: ابا اَوَڙائي نہ ڪر.
- پنهنجي مرد کي ڪيڙي گنديءَ جو طعنو ڏيندي چون: ميان تون مون کي ڪهڙا، اَر مَڪ (ارَمَڪ) اُيايا آهن.
- ڪا اهڙي ڳالھہ جنهن جي ڪري ٻي عورت کان نفرت ٿئي تہ هَٿِ اُڇلي چوي: ڪو ڪَڏيس.
- هڪ عورت ٻيءَ عورت کان ڪنهن ڳالھہ جي تصديق چاهيندي تہ چوندي: ٻيو نَڪو يا ها لَئِي ٻيو نہ تہ.
- عورتون نِينگريءَ کي ماٺ ڪرائيندي چون: ماٺ آمان تون کي سون پائيندا سَمان.
- گهر جو ڪو ڀاتي ٻاهر مُسافريءَ تي ويل هوندو ۽ ڪو ان جي پُڇا ڪري تہ جواب ڏين: فلاڻو خير ڪو آهي.
- هڪ عورت ٻي کي جهيڙي وقت ماٺ ڪرائيندي چوندي: بَس ڪر نہ تہ ڪَيائين تي وَڙِ يا نِيتمِ.
- جهيڙي وقت ٻي عورت جيڪڏهن جهيڙو ڪندڙڪيچوَي: پاڻ ڪنهن جيءَ ۾ ڪونہ آهيون، تہ جهيڙاڪ عورت اُن ڏانهن هٿ اڇلي چوَندي: لئي ادي تون بہ پاڻ کي نلهو اُڇاءِ نہ، سڄي تنهنجي خبر اٿم.

ٻئي عورت سان دڙيندي/ ٻهاڪو ڏيندي چون؛ پاٿيان اُتري وڃي لوڪان مٿيون ڏيندي وڃي ماٺ ويهي پيئن.
ٻيءَ کي طعنو ٽُنڪو ڏيندي چون؛ آئي ماٺ ڪري پاڻ کي پَل.
يا چونَ؛ مائي پنهنجي پُٺ ورائي ڏس.
عورت پنهنجي مرد جي وفات تي روئيندي هجي ۽ ٻيون عورتون ٻه اُن سان گڏ روئينديون هجن، مٿان ٿين عورت جيڪا سيني ۾ ڏاهي هجي اُها ٻين کي چوندي: آئي فلاڻيءَ کي پاٿي نہ ڪري ڏيو، يا چون؛ فلاڻيءَ کي ماٺ ڏياريوس.
مرد جي وفات تي عورتون آٿت ڏياريندي بيوه کي چونديون؛ ادي دل نہ لوڙهہ، گابڙا آهن (اولاد خاص ڪري پُٽ) وٿاڻ ۾، جي ڏيگا تي پيا تہ لُڙ لهي ويندا، پوءِ ساماٿا سيرهي ڏٺي اَچا اڱڻ ڏار.
عورتون اگر پاڻ ۾ ٻين ساهيڙين ڪان لِڪَ چوري ۽ ڳُجهہ ڳوهہ ۾ ڪو ڪاڏو ڪائي ويون تہ ٻيون عورتون جن کي صلاح بہ نہ هنيائون اُهي چوَنديون: مائي آيو مايو ڳوٿرو ڪري ڪاڏئون.

- ڪنهن نہ مڃيندڙ عورت کي وڏڙيون نصيحت ڪندي چوَن: اَڙي ڪا اڄ ٻُلي، ڪا ڪالهہ ٻُلي ٻَرَ تون توڙِ ٻُلندي تي اچين.
- اگر ڪا نوجوان ڇوڪري (خاص ڪري ڪُنواري) وفات ڪري وڃي تہ چونديون: ادي فلاڻيءَ جي جُواڻ جَماڻِ، اُڏي سمائي نياڻي گذاري وِئي.

ڪا ڳالهہ سمجهائڻ تي بہ ڪنهن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي تہ چونديون: ٻِنهِين ڪا موڳي مساڻ آهين.
ٻار کي ڏمڪي ڏيندي چوَن؛ رڳو اچ، اِهڙي تي ما ميچَ ڏيائين.

---

# باب ستون
## ڪاري جي ٻولي

جيئن تہ نالي مان ئي ظاهر آهي تہ هن علائقي ۽ ان جي آس پاس مان وهندڙ ننڍين وڏن ڪاري پاڻيءَ جي دريائي وهڪرن سببان هن کي "ڪارو" چيو وڃي ٿو. هيءُ علائقو بنيادي طور قديم تاريخي رياست ڪڪرالي جو هڪ حصو آهي، ۽ جڏهن شاهبندر کي تعلقي جي حيثيت ملي، تڏهن بہ هيءُ علائقو شاهبندر تعلقي جو هڪ حصو ٿي رهيو. ليڪن سن ١٩٥٢ع ڌاري هن کي شاهبندر کان جُدا ڪري "محال" جو درجو ڏنو ويو ۽ ٧٧ - ١٩٧٦ع ۾ هن کي ترقي ڏيئي باقاعده هڪ تعلقي جي حيثيت ڏني ويئي. اِهڙي طرح هيءُ علائقو هاڻ پنهنجي جدا حيثيت رکي ٿو.

**ڪاري جي ٻولي:** لاڙ جي ٻين لهجن وانگيان، ڪاري جو بہ پنهنجو هڪ منفرد لهجو آهي، هتان جي ماڻهن جو اٿڻ ويهڻ درياءَ ۾ هجڻ ڪري نرالو آهي ۽ انهيءَ ڪري هو پنهنجي منفرد انداز ۽ لهجي واري گفتگوءَ جي ڪري نمايان نظر اچن ٿا. سندن لهجي کي "ڪارائي لهجو" چئجي ٿو. ڪارائي لهجو رکندڙ قومن ۾: وَنگرا، دَبلا، ڏاندل، داد، ۽ لاڙا شامل آهن. ڪارائي لهجو ٻن قسمن جو آهي: هڪ "معياري" ۽ ٻيو "غيرمعياري".

**معياري لهجو:** ڪاري جي علائقي ۾ ڪاري چاڻ کان وٺي ڪيٽي بندر تائين شهري آبادي سان شامل معياري لهجو آهي، جو تہ شهرن ۾ مواصلات جي نِت نَون ذريعن جي سهوليت هئڻ ڪري

انهن علائقن جي رهاڪن جي گفتگو ۾ ڪافي حد تائين تبديلي آئي آهي، ليڪن پوءِ بہ جڏهن هُو پاڻ ۾ ڳالهائين تہ اُنهن جي لهجي ۾ ڪارائي ٻوليءَ جو عنصر نظر اچي ٿو، مثال طور: ڪنهن شيءِ وٺڻ يا ڏيڻ لاءِ چون تہ: "فلاڻو تہ هُو شيءِ مون ڪَنا وٺي ويو آهي". يعني تہ لفظ "ڪان" جي بَدران "ڪنا" استعمال ڪن. يا وري "مان" لفظ بدران "ران" ڳالهائين جيئن چوَن: "فلاڻو صبحان ران پئي ويو".

**غيرمعياري لهجو:** ڪاري جا اهي ماڻهو جن جو واسطو شهرن سان ڪونهي ۽ صرف دريائن ۾ زندگي گهارين، انهن جي عام رواجي گفتگوءَ ۾ ڪارائي لهجو بلڪل پڌرو نظر اچي ٿو. هو پنهنجي گفتگوءَ ۾ "ٿ" جي بجاءِ "ت" ۽ "ٻ" جي بَدران "ب"، "ڇ" جي مقابل "ت"، "ظ" جي مقابلي ۾ "س" ۽ "ذ" ۽ "ج" استعمال ڪن. جڏهن تہ "ڄ" جي بجاءِ "د" ۽ "ط" بدران "ت" استعمال ڪن ٿا. ان ڪان سواءِ ٻيا بہ انيڪ مثال ملن ٿا. جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

ڪاري جا ماڻهو "ڪارائي لهجي" ۾ گفتگو ڪن، ڪارائي لهجي جي سُڃاڻپ رڳو بِگڙيل لفظ نہ آهن، بلڪ هڪ سبب زَبر، زير ۽ پيش وغيره جي تبديليءَ جو پڻ آهي، جنهن جا مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

### ٻ بَدران ب ۽ ٿ بَدران ت جو استعمال:

| لهجو | لهجي وارو بدليل لفظ | معياري لفظ |
|---|---|---|
| بَلي ڪِري آئين | بَلي | ٻَلي |
| بانڪَرِ پاتو | با | ٻاڪر |
| بوگِ ڪيمِ | بو | ٻو |
| آئون تہ وِڃان تو | تو- وِ | ٿو- وَ |

| | | |
|---|---|---|
| ڇا تا چُونِ | تا- ڇُ | ٿا- ڇَ |
| تورو نہ ڏِءِ | تو | ٿو |

**ڇ بَدران ٿ ۽ ظ بَدران س جو استعمال:**

| لهجو | لهجي وارو بدليل لفظ | معياري لفظ |
|---|---|---|
| فلاڻو ٻروٿ آئي | ٻروٿ | ٻروڇ |
| ٿاڏي ڪٽي ڏِءِ | ٿاڏي | ڇاڏي |
| ايڙا لَفسَ ڇَٽين | لفس | لفظ |

**ز بدران ج ۽ ج بدران د ۽ ر کان سواءِ ٻين لفظن جو استعمال:**

| لهجو | لهجي وارو بدليل لفظ | معياري لفظ |
|---|---|---|
| لي جالَ هن گوري اڇ | جال | زال |
| لي روجا ڪونہ تو رکين | روجا | روزا |
| سمادَ ۾ جُلم لڳو پيو آهي | سماد | سماج |
| سمندين ڪيجاڙو | سمندين | سمجهين |
| باتوني ڪيڇالا تو ڪرين | باتوني | باطوني |
| زائر ڇاتو چُوئِين؟ | زائر | ظاهر |
| نياگو ماڻو آئي | نياگو | ڳو |

**جنڪي لهجيءَ جو اثر:** ڪارائي ملاحن جو لهجو بہ ٻُڌڻ وٽان آهي. ڇو جو هو جڏهن ٽن زبانن جو ”ميلاپي لهجو“ ڳالهائين ٿا،

تذهن بنهہ هڪ مخصوص زبان جي وجود جو گمان ٿئي ٿو، مثال طور هُو ڪنهن کي چوَن، تہ تون هڪ ڄٽو اڇج، تہ چوندا: ”آتون ڪڙو اڇج،“ يا هينئر اچڻ لاءِ چوَن: هِجَر آءُ. اِهڙيءَ طرح اڳيان ويهڻ کي چوَن: مڳي ويهہ. هنن جملن ۾، اتُون، ڪڙو، هجراءُ، يا مڳي جهڙا لفظ آهن.

**ڪڇي ٻوليءَ جو اثر:** ڪاري جي رهاڪن تي ڪڇي ماڻهن سان لڳ لاڳاپن سبب انهن جي (ڪڇي) ٻوليءَ جو اثر بہ نمايان نظر اچي ٿو. هو پنهنجي روزمره واري گفتگو دوران ”جتڪي زبان“ وانگيان، ”ڪڇي ٻوليءَ“ جا لفظ بہ عام طرح ڳالهائين. جيئن هُو ٻن ڄڻن کي ”ٻوڄڻا“ اُچارين. ڪُڄاڙو لفظ کي ”ڪيڄاڙو“ ۽ وڃي اچڻ لاءِ ”ڳِني اچڻ“ استعمال ڪن. هڪ ڄڻي لاءِ ”هيڪو“ اُچارين. اُجلائي اچڻ لاءِ ”وتاڙي“ يا ”وتاءِ“ چوَن. مانيءَ کي ”ڪاڄ“ چوَن. هيٺ اچڻ لاءِ ”نِيچي“ ۽ لهي اچڻ واسطي ”اُتري اچڻ“ چوَن. هي سڀ لفظ ڪڇي سنڌي جا آهن.

**ڪارائي لهجي جا خاص لفظ:** ڪاروڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر جا خاص رهاڪو جهڙوڪ: ونگرا، لاڙا، ڏانڏل ۽ داد پنهنجي خاص ڪارائي لهجي ۾ جيڪي انوکا لفظ استعمال ڪن. سي هيٺ ڏجن ٿا: ڪارائي لفظن ۾ زَبر، زير ۽ پيش جو فرق پڻ مَدِنظر رکڻو آهي:

**آريا:** ڍلو ڪري ڇڏڻ، يا ڇڏي ڏيڻ.

**اُتري اچڻ:** لهي آچڻ.

**اُپڙَڻ:** مٿي اچڻ، يا مٿي چڙهڻ.

**اُيرِي:** درياءَ مان ٻاهر نڪرڻ.

**اوچَڻِ:** بسترو.
**اُڏان:** اوڏانهن (ونگرا ڳالهائين).
**اُسَلَ:** ڀهرو ڪيون ويريون اچڻ.
**آڳيرِ:** صغير (ننڍو ٻار).
**اِن:** هِن (دبلا چون).
**ٻَروٽ:** ٻَروچ= بلوچ.
**ٻوڃَڻا:** ٻہ ڄَڻا.
**ٻيڙو:** ڳَڍ- ساڻ.
**تڙِ:** پاٽو ڪرڻ، تکڻ (جتي ٻيڙيون بيهارين اُن جاءِ کي چوَن).
**تُرمَ:** جيل، (جيئن چوَن وچي تُرم ۾ پئي).
**ٿانکو:** هٿيکو، هنڌائتو، جائتو.
**ٿائي:** ويڙهيل سِڙهَ جي ڳِنڍ کي چوَن، هن کي ڇٽا بہ چوَن جيڪو ڪچو بَند هوندو آهي.
**ٽَڪائڻ:** ٽِپڻ" خاص ڪري مڇيءَ جو.
**پالائڻ:** بيهارڻ. (ٻيڙي بيهارڻ).
**پاٽکَ:** رَڇ لاهڻ، يعني رَڇَ جي.
**پُواڌِ چيلهہِ:** (ڀوک ڪرڻ، وڃائڻ).
**پري:** پيهي، يا پڇَندي.
**پُساٽا:** مڇيءَ مارڻ وقت پاٽڻ وارا ڪپڙا.
**پَوَنِ:** هوا (هي هندي لفظ آهي جيڪو ڪارائي ماڻهو بہ ڳالهائين).
**پينسَرو:** اُيرندي طرف کي چوَن.
**پيالِي:** ڪوپَ.

**پيالِ:** اُيرندو طرف.
**پيدي:** صندل (هن کي ٻاجهت ٻہ چون).
**ڀَهري وڃڻ:** هوڙا ڪاهي وڃڻ، ڀهرائي وڃڻ.
**جَزيرو:** ڪَنني، ڪنارو، ڪنڊِي.
**جَنجيرو:** جزيري جي بگڙيل صورت.
**جُواڻ:** ويرَ ڀرڻ وقت رَڃ ڀوڪجي.
**جوپِ:** مضبوط" سِڌو رَڃ.
**چانو:** نانِي- نياڻُو.
**چِڪجا:** چِڪَڻِ، چيڙو ڏيڻ، رسو ڏيڻ.
**رَالَ:** زال، (هي لفظ خاص ڪري، ونگرا ۽ لاڙا ڳالهائين).
**رانَتَ:** اُڃَلَ ڏيڻ، خاص ڪري رڃ کي.
**رامتو:** جَهندو، هن کي بانبتو ٻہ چون.
**رِيپَ:** سِڙهہ (جو تنڊو قسم).
**سورو:** سُهور.
**سِيارِ:** اُتر. (طرف).
**سودو:** ڪِيڪڙو- ڪُڪَڙُون.
**سَنگهاڙهِ:** ٻيڙين کي گڏ ٻڌڻ سنگهر (زنجير) ۾.
**ٽِڳائِڻ:** اُڇلائڻ. (هي لفظ گهٽو ڪري ڏاندل ۽ داد ڳالهائين).
**ڪُهاڙو:** ڪُجاڙو يعني ڇا...؟
**ڪِيجاڙو:** ڪُجاڙو (هي لفظ ونگرا ڳالهائين).
**ڪِڏِي:** ڪيڏانهن.
**ڪاميٽَ:** رَڃَ جي پوڇڙ ۾ ٻڌل تنڊي جَهندي.

**ڪوس**: ڪاڇيلِ طرف کي چوَن.

**ڪُرچَلَ**: ڪُڪئون.

**ڪوِذو**: قبِضو.

**ڪاڄ**: ماني يا طعام.

**ڳَرو**: ڏاڍو ڪري جَهلڻ يا تيز ۽ تکو.

**ڪِرو**: جلد يا ضروري.

**گِيلِياس**: گِلاسِ.

**گوري**: پاهي يا طرف. (هيءُ لفظ خاص ڪري ڏَبلا ڳالهائين).

**گاپيو**: ٻيڙيءَ جي سِڙهہ مٿان ٻِڌَل ڪپڙو، جيڪو سِڙهہ وانگر هوندو آهي پَرَ سِڙهہ کان جدا هوندو آهي.

**ڳيور**: معصوم ٻار.

**ڳِني اچڻ**: وني اچڻ، يا وڻڻ.

**ليرا**: لَهرَا.

**لِي**: اي يا اڙي.

**لڪَ نہ اچڻ**: ڏسڻ ۾ نہ اچڻ.

**ماٺِيو**: ماٺيو، (گهٽا)

**مُنو**: گوڏو.

**ميربورِ**: ميربَحرِ.

**مَٽِڪو**: مَٽُ (پاڻيءَ جو مَٽُ يا گهڙو).

**مُنو**: اکرن جو جوڙ.

**نيچان**: هيٺ.

**نباکو**: نياڳو– نادان.

**وانسرو:** اُلهندو طرف.
**وِتائڻ:** اُچلائڻ. (دبلا ڳالهائين).
**هيڪو:** هڪ (عدد لاءِ ڪَم اچي).
**هوداڻ:** رس چڪڻ وغيره.

**ڪاري جي خاص محاورن وارا جملا:** ڪاري جو خاص لهجو رکندڙ ونگرن، دَبلن، ڏانڏلن، لاڙن ۽ دادن جا جُدا جُدا محاورا، جيڪي هو "تڪئي ڪلام" طور استعمال ڪن، سي هيٺ ڏجن ٿا:

وَنگرا ڪنهن کي مخاطب ٿين تہ چوَن: "لي ياڙي... يعني اي ميان.
دَبلا مخاطب ٿيندي چوَندا، "لي ڪَڏڙي.... يعني اي ميان.
ڪنهن کان پُڇندي چوَن، "لِ ڪُواڙو تو چَئين." يعني اي ڪُجاڙو تو چوَين.
■ ڪيڏانهن وڃڻ بابت چوَن، "ڪوئين تو وڃُون." ڪيڏانهن ٿو وَڃين.
قسم کڻندي چوَن، "اَلاَسُون" الله جو سُنهن.
وِيرَ اچڻ بابت چوَن، "وير يَرجي پَئي". وير اچي پئي.
هينئر اچڻ لاءِ چون، "هير اچون تا" "چون ڪيڙي ڳالَ تو ڪرين؟ ڪهڙي ڳالهہ ٿو ڪرين؟
ٻئي کي پنهنجي طرف اچڻ لاءِ چوندا: "اِن/ هِن گوري اَچ" يعني هن طرف (هيڏانهن اچ).
■ پيو جيڪڏهن هڪ طرف بجاءِ ٻئي طرف ويندو پيو تہ چوندا:

"آڏان ڪِڏان وڃون تو". يعني اوڏانهن ڪيڏهن وڃين ٿو؟

- جيڪڏهن ڪو ڇوڪ ته فلاڻو اڇي سَهڙي ته اڳيون چوندو اگر هُو اچي وڃي ته "آئون بَرائون ڪٽانس"، يعني ان جون مصيبتون، ۽ پريشانيون پاڻ تي ڪٽندس.
- ڪنهن کي ڪجهه ٿئي ته چوندا، "لي هيڪَلا ڪُواڙو تِيو نين" يعني اي اڪيلا ڇا ٿيو اٿئي؟
- پنهنجي ڇيلهه، مٿي ڪَٽڻِ لاءِ چوَن، "لي بُوئيرو پُواڙِ ڪڙِي ڪري وَنان". يعني، اي بيهي رَهو ته آئون چلهه مٿي (سِڌي) ڪري وٺان.

**ڪاري جي مردن جا مُحاورا:** ڪاري ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر جا رهاڪو پنهنجي روزمره جي ڪاروبار ۽ عام ڳالهه ٻولهه ۾ هيٺيان جملا يا محاورا ڪم آڻين:

- ڪنهن کي ڪيڪاريندي چون: "ڇگو ڀلو، جوڙ جوپ".
- ڪنهن پيسي ڏوڪڙَ واري سَيري ماڻهوءَ لاءِ چوندا: فلاڻو پاڻ پَرو آهي، يا پِيئَل آهي.
- ڪو ڪنهن جي ڳالهه سمجهي وڃڻ کان پوءِ به اڳيون ڪيس تاڪيد ڪندي چوَي ته ياد ڪجائين! ته اڳلو چوندو: ادا! تُنهنجي ڳالهه منهنجي رُومَ، رُومَ ۽ نَسَ نَسَ ۾ آهي.
- جيڪڏهن ڪو ملڪيت وارو مري ويو آهي ۽ ان وٽ پئسي ڏوڪڙ جي ريل ڇيل هئي ته چوندا: ادا ها! فلاڻو رَهندي رزقَ وارو ماڻهو هو.
- ڪنهن قابل ماڻهوءَ لاءِ چوَن: فلاڻو اهڙو مشهور معروف آهي جو

سڌيو ئي بَس آهي.
ڪنهن کان پُڇَن تہ ڪيئن وينا آهيو؟! تہ جواب ۾ چوندا، بَس آبا الله جي تَهنِ ۾ وينا آهيون.
ڪو فخر ۽ هَٺَ وڏائيءَ مان ڏاڙ (ہٺاڪ) پيو هٽندو تہ چوندا: ميان توبہَ ڪر، وڏائي الله کي جڳاءِ.
ڪو ہٺاڪي لباڙ پيو هٽندو تہ مون هيئن ڪيو، هُونئن ڪيو، تہ چوندا: پليرِ انصاف ڪري آيو آهين، ماري ہلي ڪونہ، چٽي شينهن ماري وڌو اٿم.
ڪنهن ڪاريگر ماڻهوءَ لاءِ چون، فلاڻو اِهڙو ڪارِيگرَ آهي جو بَس نا ڪانهي.
ڪو جيڪڏهن بار بار ڳالهہ سَمجهائڻ سان بہ نہ سَمجهندو تہ چوندا: انڌي گهوڙي ڪلن ۾.
■ ڪنهن جي عبادت رياضت لاءِ چون: ميان هُن (الله) کي آلاءِ ڪنهن تي سانجهاڻ وٺي.
اگر ڪو ڪنهن کي مري وڃڻ بعد خواب ۾ چڱي حالت ۾ ڏسي ۽ اُهو ماڻهوءَ پنهنجو خواب ہئي کي ہڌائي تہ اڳلو چوندو، ميان جنهن کي رَب مَرهي.
■ اگر ڪو ڪنهن جا عيب ڪڍندو يا ہئي کي ميار ڏيندو تہ چوندا: ميان پنهنجا ارڪاڻا ہئي کي نہ آچ.
ڪنهن مَرِي ويل ماڻهوءَ جي ذڪر ڪندي چوندا تہ ان کي هيترا ڪيترا ڏينهن وفات ڪندي ٿي ويا آهن، تہ عَجب وچان چوندا: هَل بيلي، موئن تي ورَ پوندا وجن. يعني توٽي ۾ ايترا ڏينهن

گذري ويا آهن.

ٻئي کي ڪم جي خاطري ڏياريندي چوَن: ميان مون تي لُوڻ توروئي تو لڏجي جو آئون ڪم کان لهرايان.

ڪنهن منافق طبيعت رکندڙ ماڻهوءَ لاءِ چوَن: فلاڻو تہ ٻنهہ وڻ ڪارِ آهي.

ڪنهن سُست ۽ ڪاهل ماڻهوءَ لاءِ چوَن. اهو تہ اهڙو ساڃن جو جايل ئي ڪونهي، جو پاڻهي ڪم ڪندو.

ڪا چڱي ڳالهہ يا ڪم ڪو اُگري نموني ڪرڻ چاهيندو تہ چوَندا ميان سُون کُهاڙن تورئي ڪُنجي.

ڪير جيڪڏهن، ڪنهن سُٺي ڪم جي پارت ڪندو تہ اڳلو وري مذاق طور ان کي چوي، ميان ڏٺي ئي ڪونہ وٺندئي.

ڪو جيڪڏهن رڳو ٻئي تي پيو ياڙيندو تہ چوندا: فلاڻو ماڳهي ڪوَٺِ تي مال ڪاهيو وَتي.

ڪو جيڪڏهن ننڍي هوندي کان ئي ڪنهن شيءِ جو عادي هوندو تہ اُن لاءِ چوندا: فلاڻو تہ ساءِ مسکي کان ئي ان جو عادي آهي.

■ ڪو جيڪڏهن ڪنهن ڪمَ لاءِ يا قرض وٺڻ لاءِ تڪڙ ڪندو تہ چوَندا: يار ڪجهہ صبر کان ڪم وٺ، جيستائين ڪو وَجهہِ پيچ ڪريون.

■ هڪڙو ٻئي کي طعنا ڏيندي چوندو ميان پونين (هندوستان جي شهر پُونا) ڪير ڪونہ ويندو، هرڪو اِتي پيو هلندو، يا چوندا: تون پلين مون کي پونين موڪلي ڇڏ.

ڪاري جا ماڻهو ڪنهن سان ڳالهائڻ وقت اڪثر چوَن ”اي هيڏانهن“ يا چوَن: آئون چان ... (آئون چوَان).

ڪنهن سان ملڻ بابت چوَن آئون تہ فلاڻي سان چائي ڏيئي مِليَس.

■ ڪنهن کي ڳولڻ بابت چوندا: ميان توکي ڳولي پَتَ اُتلائي وِڌمَ.

ڪاري جا ماڻهو هڪ ٻئي کان پُڇن تہ ڪيڏي مَهَل آيو آهين، چوندو: هي (هينئر) آيو آهيان.

ڪنهن کي دِپ ڏياريندي چوَن: ميان خُدا حاضري ڪَر.

ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن جي ڳالهہ نہ مڃي ۽ ڪاوڙجي پوي تہ چوَندا: ميان فَلاڻو بِنهہ برِ تي بيهي رهيو.

هڪڙو ٻئي کي ڌمڪي ڏيندي چوي: آئون تُنهنجي بِيکَ (بيخ) ڪڍي ڇڏيندس.

جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي ڏيئي ڏيئي ٿڪجي پوندو تہ آخرڪار ان کي چوندو: آئون تُنهنجا ڪيترا بُرَ (بُهر) پيو پريندس، يا پريندو رهندس!!؟

ڪنهن جو ڪنهن مان ڪم ٿيندو ڏسڻ ۾ نہ آچين تہ چوندا: فلاڻو- فلاڻي پويان نَلهو پيو ڀاتون ڏئي.

ڪو جيڪڏهن ٻئي جي ڪَم ۾ دلچسپي نہ وٺندو تہ چوندا، ميان اها نَلهي تي بيگر ٽارئي.

ڪاري جي بيڙياتا بيڙيءَ جي سَفَر ۾ صبح ساڻ هيءَ دعاءَ ڪن: صُبح جا سائين بيڙا بنين لائين.

ڪنهن کي فائدي مٿان فائدو ٿيندي ڏسن، يا ڪنهن جو چڙهندو پاسو ڏسندا تہ چوندا: فلاڻي جي تہ پِيگهي مَچي (متي) پئي

آهي.

■ ڪنهن کان اگر پڇبو تہ اوهان ٻئي ذات ڀائي آهيو، ڀلا رشتي ۾ ڇا لڳو؟ تہ جواب ۾ چوندا: ادا! (اگر هو رشتيدار نہ آهن تہ) اسان رَتَ ڀائي نہ پَر ڀَتَ ڀائي ضرور آهيون.

■ اگر ڪنهن جي گهر واري وفات ڪري وڃي تہ چوندا: فلاڻي جي گهَرَ ڀڳَ ٿي ويئي آهي.

■ ڪنهن جي خاندان بابت پُڇن تہ فلاڻو ڪٿين آهي، جيڪڏهن هُو صحيح خاندان مان هوندو تہ چوندا: اِهو تہ تانجي پيٽي پٽ آهي.

■ ڏنڌي ڌاڙيءَ لاءِ سعيو ڪندي چوَن: اِهڙي ڪجِ جنهن مان هٿ پير سائو ٿئي.

■ ڪنهن جي ڏيو ڪرڻ تي چوَن: فلاڻو پلين پيو جاوا ڪري.

■ فيصلي ۾ مَس مَس وڃي ناهہ جي ڳالهہ ٿئي تہ اوچتو وِچان ڪو ماڻهو اهڙي ڳالهہ ڪري جنهن سان فيصلو ٽٽي ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿيڻ جو انديشو هجي تہ چون: ميان هاڻ ڪريو گوري جو اڌ.

■ ڪنهن کي جيڪڏهن ٿوري محنت مان گهڻو فائدو ٿيندي ڏسن تہ چوندا، فلاڻي کي تہ سَتَرَ مان پُٽ جاڀي پيو آهي.

■ ڪنهن کان پُڇن تہ گُذر سَفر ڪٿين پيو ٿئي تہ چوندا: مڙئي پيٽ ڪايو پٽڻ پيا ڇڏايون.

## عورتن جا محاورا:

■ ڪاري جون عورتون آيل عورت کي خير ڀلائي ڪندي چوَن: لٿي آيلَ ڀلي ڪري آئينءَ.

■ ڪا عورت ڪنهن عورت جي مُنهن (سامهون) تي مِٺِ، مِٺِ ڪندي ان جي ڪوڙي واکاڻ ڪري يا ڪنهن عورت جي ڪيل گلا کي لِڪائڻ چاهي ته چونديون: بَس ادي بَسِ راڳو نه ڏئي.

■ هڪ عورت ٻيءَ کان پُڇي ته فلاڻيءَ جي ڌيُ ڪئين آهي؟ (يعني سهڻائي ۾) ته اڳلي چوندي: ادي ڳالهه ئي نه پُڇ بَس ويهن ۾ ايڪيهين آهي.

---

# باب اٺون

## جاتيءَ جي ٻولي

جاتي تعلقو تاريخي توڙي جاگرافيائي لحاظ کان ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي، اهڙي ريت لِساني لهجن ۾ پڻ ٽن حصن ۾ تقسيم ٿئي ٿو. جاتيءَ جي ماڃر واري ڀاسي جو ذڪر ماڃر واري ٻوليءَ جي باب ۾ ڪيو ويو آهي ۽ ڪڪرالي وارو حصو. ڪڪرالي جي ٻوليءَ واري باب ۾ آيل آهي. خاص جاتيءَ وارن جي ٻولي ۽ لهجي تي مختلف لهجن جو اثر محسوس ڪري سگهجي ٿو، هڪ طرف جاتيءَ ۾ جتن جي گهڻائي آهي، جنهن ڪري هتان جي لهجي تي "جتڪي لهجي" جو اثر آهي تہ ٻئي طرف وري ڪڇ جي ويجهو هئڻ ڪري "ڪڇڪي لهجي" جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. جاتي تعلقي جو وِچ وارو علائقو جڏي باقي اُترئين ڀاڱي ۾ ماڃر وارو علائقو هئڻ ڪري اُن تي "ماڃرڪي لهجي" جو اثر پڻ ملي ٿو.

**جتڪي لهجي جو اثر:** جاتيءَ جا رهواسي (جتن کان سواءِ) ٻاڙيسري هئڻ جي ڪري ۽ لڳ لاڳاپن جي بنياد تي پنهنجي روزمره جي گفتگوءَ دوران پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ ۾ "جتڪا لفظ" ڳالهائين ٿا. هُو جتن وانگيان ماڻهوءَ بجاءِ "ماز" چون، ۽ تُون يا توهان لاءِ "اَتُون" لفظ استعمال ڪن، ۽ هينئر لاءِ "هِجر" چون ۽ "ڄا" واسطي جتن وانگر "شاڙو" چوَن. لفظ "آيو" بَدران "آئو" چون ۽ "هڪ" لاءِ "ڪڙو" اُچار ڪَتب آڻين، آهي بجاءِ "اَئي ڪَ" استعمال ڪن. اِهي لفظ وري جملن ۾ هن طرح ڪتب آڻين، ڪَڙو ماز (هڪڙو ماڻهو).

اَنُون هِجرَ آئو آئي ڪَ. تون هنيئر آيو آهين، ۽ "ڇــا آهي"واسطي ڇوَن، شاڙو آئي.

**ڪڇڪي لهجي جو اثر:** جاتيءَ جون اُهي قومون جيڪي ڪڇ جي ويجهو رهن ٿيون، انهن جي ٻوليءَ تي ڪَڇڪِي لهجو غالب نظر اچي ٿو. جاتي تعلقي جي ڪڇ واري (ڏاکڻين) علائقي ۾، ساحل طرف رهندڙ هي قومون اڄ بہ پنهنجي عام گفتگوءَ دوران "ڪڇيڪا لفظ" استعمال ڪن، انهن قومن ۽ برادرين ۾: جت،ٿهيم، ڀُهريا، ڏاندل، ٿهيمورَ، رچا ۽ ڊيرا اچي وڃن ٿا. اهي اڄ بہ پنهنجي عام ڳالهائ ۽ صوتيات ۾ ڪڇي محاورو ڪتب آڻين ٿا. مثال طور: هُو ڪنهن کي ڪا شيءَ ڏيکارڻ لاءِ چوَن، "وڃي وَتاڙي/ يا وَتاري اچ". اُچلائي اچڻ لاءِ چون "ٿِڳائي اچ". گهرن کي ڪچين وانگر گهرين ۽ ملاحن کي ملاحين، ٻارن کي ٻارين، ماسترن کي ماسترين چوڻ. اگر ٿهيم ذات جو نالو وٺن تہ ڪچين وانگيان چون ٿهيمين، رڌن لاءِ بہ رڌين، يا پنهنجو پاڻ کي "پِندَ" ۽ ڏبَنِ کي ڏِبين، ڪانَن کي ڪانين، ٻڪين لاءِ ٻَڪيين اُچارين. اِهڙي طرح ٻن ڄڻن لاءِ "ٻوڄڻا" استعمال ڪن، ڇانورن کي ڇوڪين چون، بهرحال جاتيءَ جي ڏاکڻين حصي ۾ رهندڙ قومن ۽ برادرين تي نہ صرف ڪڇڪي لهجي جو اثر آهي، پر ڪکرالي کان ويندي ڪاروڇاڻ تائين اِهو اثر مُسلسل نظر اچي ٿو. جنهن جو اسان ذڪر ٻابن ۾ ڪيو آهي.

**جاتيءَ جي لهجي ۾ مختلف لفظن جو واهپو:** جاتيءَ جا ماڻهو پنهنجي گفتگوءَ دوران، مختلف لفظن جا حرف بدلائي اُچارين. جنهن ڪري حرف جي تبديليءَ سبب لفظ جي صورت ئي تبديل ٿي

ويندي آهي. مثلاً: هن علائقي جا ماڻهو الف بجاءِ هہ، ب جي بَدران پ، ۽ ت بجاءِ ڏ استعمال ڪن. خ جي جاءِ تي ڪ ۽ ک اُچارين. س جي بجاءِ ش، ۽ ش جي جاءِ تي ڇ، اُچارين. جڏهن تہ ع بدران الف ڪتب آڻين ۽ ق بجاءِ ک استعمال ڪن. جن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

**الف ۽ هہ جو مثال:**

ايٺِ- هيٺ، ايئان= هينان، ان جو= هِن جو.

**ب ۽ پ جو مثال:**

پلي= بَلي، پچو= بَچُو، پونڪارَ= بونڪارَ.

**ت ۽ ڏ جو مثال:**

وڃاتِ= وشاڏِ ، جَڪاڏَ= زڪوات، شانت= شاڏِ.

**خ- ڪ ۽ ک جو مثال:**

ڪاص= خاص، ڪميسو=خميسو، کُوچ= خوش، ڪاموڇ= خاموش، کِيالِ= خيال.

**س ۽ ش جو مثال:**

سانئر= شاعر، سُڪرِ= شُڪَر، سونق= شوق.

**س ۽ ڇ جو مثال:**

ڇاباش= ساباس، ڇڪر= شڪر، شَپرِي= ڇَپَرِي.

**ع ۽ الف جو مثال:**

اشقِ= عشق، آرو= عارو، اجِب= عَجب.

**ي ۽ ز جو مثال:**

يارو= جارو، يافَر= جَعفر، جاڪب= يعقوب، جتيمِ= يتيم، زقين=

يقين، جَبَر= زبر، زَنازي= جنازي، زَناوَرِ= جانور.

**جاتيءَ جي لهجي جا ڪي خاص لفظ ۽ جملا:** جاتيءَ جي لهجي ۾ ڪي اهڙا لفظ آهن، جيڪي جاتيءَ جا ماڻهو پنهنجي سنڌي ٻوليءَ واري لهجي ۾ بگڙيل صورت ۾ ڳالهائين، جيڪو ان طرف جو ئي خاص لهجو محسوس ٿيندو آهي. جاتيءَ جي علائقي ۾ انهن مٿين لهجن (جتڪي ۽ ڪڇڪي) کان سواءِ "شڪارڪو"،هڪ ٻيو لهجو بہ پنهنجو وجود رکي ٿو، جنهن بابت "ڪڪرالي واري ٻولي" جي باب ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. ليڪن جاتيءَ واري علائقي مان جيڪي محاورا ملي سگهيا آهن، سي اڳتي هلي هن ئي باب ۾ ڏيا:

**جاتيءَجي لهجي ۾ بگڙيل لفظن جو استعمال:**

| غلط | معنيٰ |
|---|---|
| آشقِ | عِشق |
| ايٺ | هيٺ |
| جوڀَڻ | جوڀنِ |
| ٻچُون | ٻچون |
| شڏائيدا | سڏائيندا |
| ڪنيدو | ڪندو |
| ڪاص | خاص |
| تِڪَس | تڪيٽَ |
| سِلامِ | سَلامِ |
| لائش | لاش |
| ميڙي | مِڙئي |

| | |
|---|---|
| ڪَني | ڪَنين (ڪَنِ) |
| واڪوبيت | واقفيت |
| ڪانِ | ڪانَ |
| مالُوميَتَ | معلومات |
| دولاري | ڏُهلاري |
| ماڻووَ | ماڻهوءَ |
| سائِر | شاعِر |
| لفظو (لوِظو) | لفظ |
| تگِ | تَنگِ |
| ڪاڳسِ | ڪاغذِ |
| طرو | طرح |
| زقين | يقين |

**جُملن جو استعمال:** اکرن جيئان جملن ۾ بہ جاتيءَ جا ماڻهو مهاڻڪيءَ ڪجهڪي گاڏڙ لفظن جو استعمال ڪن ٿا. انهيءَ کان سواءِ شڪارڪي لهجي جو اثر بہ جاتيءَ جي لهجي ۾ پڻ موجود آهي.

**مهاڻڪي لهجي وارا جملا:**

| غيرمعياري لهجو | معياري لهجو |
|---|---|
| آن ڪا توبانهہ | اوهان ڪان توبهہ |
| هُڏان ويڄ زور | هوڏانهن ضرور وڃڄ يا وڃجئين |
| شَتي جي زنازي ۾ ويولو | ڇَتي جي جنازي ۾ ويو هليو |
| ڳانِ، وڃانِ تيو جا نہ؟ | ڳائڻ، وَڃائڻ ٿيو يا نہ؟ |

| غيرمعياري لهجو | معياري لهجو |
|---|---|
| ماٺووَ لا لَوِ زو (لوظو) چيو | ماڻھوءَ کي لفظ چَيم |
| اِيٺ ويٺي رو | هيٺ ويھي رھو |
| ڪاڳسِ ڏئي شَڏيدا شُون | ڪاغذ ڏيئي ڇڏينداسون |
| جَڪِيُون آلنگِ ڪِنديون | يڪيون الڳ ڪنديون |
| نان ڙي نا | نہ ڙي نہ (ناڪار لاءِ) |
| لانشِ دوٺڻ ويو | لاشِ ڏوٺڻ (ڪٽڻ) ويو |

## ڪڇي گاڏڙ لهجي وارا جُملا:

| غيرمعياري لهجو | معياري سنڌي جملو |
|---|---|
| مَلائين (ملاحين) جي گهرين هِلو | مَلاحن جي گهرن ڏانهن هلو |
| شورين کي ماسترين وٽ شڏيو | ڇوڪرن کي ماسترن وٽ (پڙهائيءَ لاءِ) ڇڏيو |
| بارين کي ريين ۾ نہ اُمائيو | ٻارن کي رڍن ۾ نہ موڪليو |
| ٿهمين بيَن جَتين جو پيڙو جهيڙو ٿي پئو | ٿهيمن ۽ جتن جو گڏ جهيڙو ٿي پيو |
| پندِ ڳنهي (ڳني) آيو آئيس | پاڻ وٺي آيو آهيان. |
| آئين ڪا ڪانہ پڳاسين | اوهان ڪان (سان) ڪين پهتاسُون |
| اِنين کي بہ ڪانين تي ڳنهي (ڳني) وجو | انهن کي بہ ڪانين تي وٺي وڃو. |
| آئين بوڇٺا گهَرين پيڙا ٿيو | اوهان ٻئي ڄڻا گهرن ڏانهن هلو. |

## شڪاري لهجي وار جُملا:

| شڪاري جملو | معياري جملو |
|---|---|
| لـي شـائين، شـوري مـان جوءِ ڪِتاب ڦاڙي شڏيو | اي سائين! ڇوري (ڇوڪري) منهنجو ڪِتابِ ڦاڙي ڇڏيو. |
| لـي رَن سُٿـڻ ۾ سَڳو وِجي شڏجين | اي (يا او) زال سلوار ۾ اڳٺ وِجهي ڇڏجَئين. |
| لي جارو ڪُڇ آهين ڪِ؟ | اي يارو خوش آهين ڇا؟ |
| يافر کي چيداسُون ڪم ڪِندو | جعفـر کـي چونـداسُون ڪـم ڪندس . |
| بائُو توڪ ڇابَسِ هوءِ | يائُو توکي شاباش هجي. |
| لِ شورا آجموتو ڪاري ڏسِ | اي ڇورا آزمودو ڪري ڏسِ. |
| لِ ڪَٿيانِ ڪَبَرَ هُودن | اي ڪينِ (اوهان کي) خبر هوندي. |
| ڪٿين ايڙو پَشِ تي شڏايان تہ جادِ ڪيدين | تنهنجو اِهڙو حال تي ڇڏايان جو ياد ڪندين. |
| لي ڪَٿيان جوتِ ڪيڙي آئي، نہ لاڙهيا نہ لڳڙ | اوهان جي حالت ڪهڙي آهي؟ نہ ڪپڙو نہ گندي. |

## جاتيءَ جا خاص مُحاورا:

بين علائقن وانگر جاتيءَ واري علائقي جا ماڻهو پنهنجي روزاني واري عام گفتگوءَ ۾ ڳالهہ جي بناءَ ۽ ان کي خوبصورت بنائڻ خاطر اِهڙا جملا ڳالهائين، جن مان اُن ڳالهہ جو مڪمل نچوڙ نڪري سگهي. اهڙي قسم جي جملن کي نہ صرف جاتيءَ جي علائقي جا

مَرد، پر عورتون بہ ڳالھہ ڳالھہ ۾ استعمال ڪن.

## مَردن جا محاورا:

ڪنهن کي خوش خير عافيت ڪندي چون: خوش، جوڙ، ٺاٺ، ٻيا مڙئي سکَ.

- ڪنهن کي ڌمڪي ڏيندي چون: ماري ٻڏَ ڪڍي ڇڏيندوسنئين، يا چون: ماري ڪَلر ڪري ڇڏيندوسنئين.
- هيءَ لفظ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ لاءِ چوَن جيڪو ٻُڏي ۽ وساري ڇڏي چوَن: صفا ڪو مهُجڻ آهين.
- ڪو جيڪڏهن ڪا ڳالھہ ٻيو ڪندو ۽ ٻيو چوندو اِهو ڪوڙ پيو هڻي تہ اُهو ڳالھہ ڪندڙ مذاق مان قسم کڻندي چوي: پَن جو سونهنِ. هي ڏيڏن تي رهندڙ ماڻهو چوَن.

ڪنهن جيڪڏهن ٻئي کي ماري ڇڏيو تہ چوندا. فلاڻي هڻي فلاڻي کي پش ڪري ڇڏيو.

مال ۾ يا ماڻهن ۾ موت پوي تہ چوَن:هن پيري ڏاڍي اوتڙ تي ويئي آهي.

ڪو جيڪڏهن خراب ويڻ ڪيندو تہ چوندا: ميان توارَ نہ ڪَر. پندَ ڪري پھچڻ وقت چوَن:ميان هڻ هٿا. ساهہ ميران (يا مردان) ڪري اچي پڳاسين.

- ڊِگو خصي بنائڻ لاءِ چوَن: پوني/ يا سَسَو ڪري ڇڏيوسون.
- خراب وقت لاءِ چون: ميان ڪارو وقت اچي ويو آهي.

توڪل لاءِ چون: ابا الله تو سلي وينا آهيون.

ڪنهن کي ڌمڪي ڏيندي چوَن: ميان تون هاڻ ڏونرو پيڇي ڪائج.

■ ڪنهن چڱي ماڻهوءَ لاءِ ڪُڏي ڪَم ڪرڻ وقت چوَن: سانگَ، وانگَ ماڻهو آهي اٺين ٺورٺي ڪندو.

■ اگر ڪو آيو تہ پُڇندا، ابا خيرڪو آيو آهين؟

■ ڏيتي ليتيءَ بابت چوَن: گهور اُڌاري ياجي آهي اڄ ڏيٺي سُياٺي ونٺي.

■ جلدي ڪَم ونڻ وقت چون:ميان هينئر ڪم ونِي لاءِ پوءِ مٿان باندي ڍِڳي وارو ڪَم نہ ٿئي. (باندي ڍِڳي جي پُڇ مان هٿ ڪڍبو تہ ڀُڏو).

■ حياتي ۽ بقاءَ جي ڳالهہ ڪندي چوَن:ها! بابا دم نہ دم ڪنئي پيڙو آهي، بس دم گُذر آهي.

عاجزي ۽ انڪساريءَ جو اظهار ڪندي چوَن:هُن (الله) جي سَرڪار ڏاڍي آهي (يا چوَن ٿهاري آهي).

ڪير واندو ۽ نَڪمو ماڻهو رُلي پني ڏِڪا جهلي گهر ايندو تہ اُن کي طنز وچان چوَن:ها! نورو ٽَڪن جو ڪمائي آئين؟

■ ڪٿي گهٽي هاءِ گهوڙا ڀُڏن تہ چوَن، ميان يڪدم گهوڙا ويڪَ مڇي ويئي.

■ ڪنهن ظاهري ڳالهہ بدائڻ بابت چوَن: ميان اُپ اکين پيو ڏسجي تنهن ڏانهن آڱر سَجڻ جو ضرور.

■ ڪنهن جانور ۾ سُني عادت ڏسن تہ چوَن:ميان انسان مان اسالت نڪري وئي پَر جانورن ۾ اڃان موجود آهي.

■ جيڪڏهن ڪو پنهنجي زال تي ڪاوڙجي ۽ اُن کي مائٽن ۾ وٺي وڃي ۽ سُهري کي چوي، ميان جَهل پنهنجي پڳريءَ کي.

■ ڪنهن جي ترقيءَ لاءِ چوَن: ميان رب وڏو نقطي نواز آهي جنهن کي وٺي ٽَنهن کي گهُري.

■ ڪو جيڪڏهن آرڏائيءَ کان ڪم وٺي ته چوَن:شَلَ پنياٺي گهوٽ پُڄنئي.

■ وقت جي نزاڪت ۽ حالت جو اظهار ڪندي چوَن، ميان وِڇين ٽي ويلا ڪري.

■ ڪو جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريندو ويندو ته چوندا، هيءَ ڪو جهوتن ۾ اچي ويو آهي؟

■ ڪو جيڪڏهن بدفضيلتو هوندو ته اُن لاءِ چون: فلاڻو ماڳهي فضيلت جو ڪوٽ آهي.

■ بي عقل ۽ بيوقوف ماڻهوءَ لاءِ هي لفظ چوَن: فلاڻو عقل جو ڪانگارو آهي.

■ ڪو جيڪڏهن ڪچهريءَ يا فيصلي جي وچ ۾ ڳالهائيندو ته ان کي چوَن:پِتاڙ نه ڪر.

■ ڪو جيڪڏهن ڪَم ڪرڻ کان لهرائيندو پيو ته چوندا، گوٺ ناٺ پيو ڪري.

■ ڪو جيڪڏهن عطر يا ڪا خوشبوءِ هٿي ايندو ته چون:اِيڏي ڏَپ فلاڻي ۾ هُئي جو بَس نا ڪانهي (ڏپَ عموما بَدبُوءَ لاءِ استعمال ٿئي ليڪن جاتيءَ طرف اِهو لفظ خوشبوءَ لاءِ ڳالهائجي).

■ ڪي پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڙي رهيا هوندا، ۽ ٽيون ٻاهران اچي پڇي ته ڇا پيا ڪريو؟ ته جواب ۾ چوندا: مِڙئي ڪِٽِ وِٽِ پيا ڪريون.

■گهڻي گرميءَ واسطي هي اکر چوَن، ميان ايڏي گرمي آهي جو مٿو تو چٽي.

ڪنهن اِهڙي ماڻهو کان پڇن تہ ڪهڙي خاندان مان آهين؟ اِن تي هُو جواب ۾ چڱي ڪُٽنب جو حوالو ڏئي تہ ان کي چوَن:ڀوءِ تون ڪَنداٿو آهين.

## عورتن جا محاورا:

جاتيءَ جون عورتون پليڪار ڏينديون چون، آئي لَئِي پلي ڪري آئينءَ.

- تعجب واري ڳالهہ جو اظهار ڪندي چوَن، آئي گوڪَلَ.
- ڪو ڪم نہ ڪرڻو هوندن ۽ ٻي جي مجبور ڪرڻ تي ڪنديون تہ چونديون: اڏي نيٺ نڏان ڪرڻو پيم.
- ڪنهن ٻوڙهي عورت جي محفل ۾ نہ اچڻ تي ٻي ان جي پٺي پُڇا ڪري تہ چون: اُها هاڻ چلڻ چُڪي ويئي آهي.

ڪا جيڪڏهن ڪچو ٻار ڪيرائي وِجهي تہ چوَن، فلاڻيءَ پيٽ وراڻي ڪئي آهي.

- هڪ عورت ٻيءَ عورت سان ڪنهن جي گِلا ڪرڻ چاهيندي هجي ۽ اُها ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هجي تہ اڱلي چوَندي، هاڻ نَهيو اڏي چيٺا پوري نہ ڪَر.
- ڪا عورت بلڪل آهستي، آهستي پٺي ڳالهائيندي ۽ ٻرين عورت کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي ايندي تہ چوندي: لَئي هاڻ تون مِن، مِن چونچڙو تہ نہ ڪر.
- ڪنهن جي سوال ڪرڻ تي اوڏيءَ مهل جواب نہ سُجهندو هوندن

يا جواب نہ ڏيئو هوندن تہ ٿڏو ساهہ پري ڇوَن، لئي اڏي ماٺ ويهي.

- ڪنهن جي ڳالهہ تي عجب ٿيئن تہ چوَن، فلاڻيءَ جي ڳالهہ سُٺي اِهڙو عجب ٿيوم جو بَس نا ڪانهي يا ڇون، عجب ڪٽي ويم.
- اگر ڪا عورت ٻي عورت کي سندس پُٽ جي ڏانهن ڏئي تہ اڳلي چوي ها! ادي ڳام منجهان (پيو يا ٿيون) ڳُجَريون مٿين... (يعني منهنجو پُٽ اِهڙو بَد افعالو نہ آهي).
- اگر جاتيءَ جي عورت ٻئي پاسي وڃي ۽ اُتي ڪنهن عورت سان ڳالهائي، اُها عورت ان سان بحث ۾ نہ پهچي سگهي تہ چونديون اوهان جاتيءَ واريون ڳالهہ مان ڳالهہ ڪڍو. تڏهن تہ سالڪن چيو آهي، جاتِيون سٺو واتيون.
- هڪ عورت جي ٻار ٻي عورت جي ٻار کي مار ڪڍي هوندي تہ اُن عورت جي ڏانهن تي چوي: ادي پلي اڇي ناهي ٿي مڇَ ڪڍانس.
- ڪا عورت، ڪنهن عورت جي بيگاني پيل چيز ڏانهن اشارو ڪندي چوي: لئي ٻڙي تنهنجي مٿي تي وار. ٻنهنجي چيز سنپارِ. (ٻار بہ هڪ ٻئي جي گم ٿيل چيز لاءِ ڪري ڇوَن).

---

# باب ٽـائون
## ڪي خاص، ٻنا ۽ بگڙيل لفظ

ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي علائقي ۾ اڃان تائين، ڪي اهڙا لفظ ڳالهايا ويندا آهن، جيڪي لُغت ۾ گهڻو ڪري ڪونہ ليندا، پر ڪٿي هجن بہ سهي تڏهن بہ اُهي ٻين علائقن ۾ اِهڙيءَ طرح عام ۽ مُروج ڪونہ هوندا، ۽ اِهو بہ ممڪن آهي تہ لاڙ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائبا هجن، ليڪن عام نہ ...! مذڪوره علائقن ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري مان جيڪي لفظ ملي سگهيا آهن. اُنهن ڪي ٽن ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪڙا "خاص لفظ"، ٻيا "ٻنا لفظ" ۽ ٽيان "بگڙيل لفظ".

**خاص لـفظ:** هتي خاص لفظن مان مراد اُهي لفظ آهن، جيڪي ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جا رهواسي پنهنجي روزمره واري گفتگو ڪندي ڳالهائيندا آهن. اُنهن لفظن جو تفصيل هن ريت آهي:

**آنوري:** گجرن جو اچار.

**آوَري:** پٽائي گجرن جو اچار. هي خاص ماڃر طرف ڳالهائجي ٿو.

**آبوسو:** ڪانءُ جو ٽُڪرو جيڪو واڍا ڪِليءَ طور ڪم آڻين، اُن ڪي ڪاري جا ماڻهو سُونهڻ بہ چوَن.

**آبوسا:** مَڪئي، ڪٺڪ، جُوار ۽ ٻاجهريءَ جي اڌ ڪچي- اڌ پڪي سَنگن ڪي ٽانڊن تي سيڪي کائين، انهن پَڪل سنگن ڪي آبوسا چوَن.

**آڪرو:** مَهَانگو- (هيءَ لفظ ڪاوڙ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو).

**آريا:** هيٺ ڪَري ڍِلو ڪري جهلڻ (هيءَ لفظ خاص ڪري ڪاري جا بيڙياتا ڳالهائين.

**آٿيرَ:** مرد ماڻهو پر پوڙهو.

**اَپرمُو:** آن ڪاڌل يا ڪاٺ بعد بچيل پت يا بوڙ کي چئجي.

**اَپڙڻ:** مَٿي چَڙهڻ (هيءَ لفظ ڪاري جا ماڻهو ڳالهائين).

**اَپراسو:** قاعدو (هي لفظ ڪڪرالي طرف ڳالهائجي).

**اَپري:** درياءَ جا ماڻهو پاڻيءَ مان ٻاهر نڪرڻ يا اچڻ کي چون.

**اوپارو:** ڪُنَ وارو تکو پاڻي، ڪاري جا ماڻهو ڳالهائين.

**اوپالو:** ڪنهن کي ڏوراپو ڏيڻ.

**اَتري:** ڪاري جا ماڻهو لهڻ لاءِ استعمال ڪن.

**اَتوتي:** هڪ ٻئي پنيان ڄاول ٻه ٻار جنهن جي عمرن ۾ هڪ هڪ سال جو فرق هجي. آهي گهڻو ڪري پاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن.

**اِٿوڙي:** حُقي پيئڻ جي ڪاني.

**اَجهاءِ ڪٽڻ:** ڪنهن ڪم کي مچائي ڪٽڻ.

**اِڇا:** ٻئي کي ورسائڻ.

**اَدي:** ٿلهي متاري عورت.

**اِڊِ:** ڪپڙن جو ڍِڳُ.

**اَڊ:** لوڙو. (هي لفظ خاص ڪري جاتي طرف ڳالهائجي).

**اَڊِ:** گهڻي ڪاٺ وارو پيٽوڙو (هي لفظ جاتي طرف ڳالهائجي).

**اَڊَ:** هنڌن بسترن جو ڍڳ.

**آريال:** آرموشَ- پور جواني وارو اُٺ.

**آروٽ:** بلڪل نئون.

**اُڊڪ:** مکڻ کي تپائي گِهه ڪرڻ بعد پيچاڙيءَ واري سڙيل لسي رهي ٿي ان کي اُڊڪ چئجي ٿو. ان ۾ ڪڻڪ ماکي يا ڳڙ وغيره ملائي کائجي ٿو.

**آروڪڙو:** بي ڊولو، بدشڪلو ماڻهو. هي لفظ ڪڇي زبان جو آهي پر ڪاري جا ماڻهو ڳالهائين.

**آسالت:** ساڃاهه، حياءُ.

**اُسل:** چنڊ جي پهرين تاريخ ۾ چڙهندڙ ويرن کي چئجي (هي لفظ ڪاري جا ماڻهو ڳالهائين).

**اُلڪو:** ڳڻتي، فڪر، ڪنڪو.

**آلوڪرو:** چاڳلو (هي ڪڇي زبان جو لفظ آهي پر هتي عام طرح چاڳلي ٻار لاءِ ڪتب آڻين. پر عورتون وري اليڪرو چون).

**آوساهه:** پٽ تي آڱر يا ڪاٺيءَ سان ليڪا پائي فال ڪڍڻ.

**آوساڻ:** اُونهي ڪڏ جيڪا قدرتي طور ٺهي هجي ان کي اوياءَ به چون.

**اوشا اُوشا:** (ڏاچي) ڦرائڻ وقت اوٺارا اِهي لفظ ڳالهائين.

**اورَڪَ:** مينهن جي سنهڙي بوند.

**آورٽ:** ننڍڙي ٻار جي اُلٽي.

**اٿونترو:** لڄو ۽ نياڳو ٻار.

**اوڳرو:** ڪِنو يا بي انعالو (هي لفظ گهڻو ماڇر جا ماڻهو ڳالهائين).

**اورَ:** گهٽيس، ماڻهن جي گهٽائي.

**اوئو:** اُهڃاڻ- پارَ.

**آونو:** ڳِنتي- فڪر.
**آوتو:** گهر اڳيان نهيل ٿلهو.
**آئيون:** ٻڪريون.
**آئنو:** آنُ ڏوتل ٽانوَ.
**اِيلاژَ:** ڪوڪون. منٿون.
**بارَ پَرِي:** پيٽ واري عورت جيڪا پورن مَهينن سان هجي.
**باهوڙجڻ:** ڇتو ٿيڻ. (خاص ڪري ڪتي ڇتي ٿيڻ لاءِ ڪم اچي).
**بَدِ:** دل ۾ ڪينو يا بُغض رکڻ.
**بَسِ:** ڪاري طرف وَسَ کي چوَن.
**بڙُ:** مينهن جو پويون ڏڙ مٿي هُجڻ.
**ٻَجيرِ:** وزير. ملاح قوم جي چڱي مڙس کي چون.
**ٻَيٽَا:** غيرآباد زمين.
**باجَهتِ:** ننڍين ٽنگن وارو ڪاٺ جو صندل ان کي ٻَجَهتِ به چوَن.
**ٻتارَ:** ٻن جڻن جي وچ ۾ ٿيون هرويرو اچي ڪانجاڻ وجهي ان کي ٻتار چون (هي لفظ گهڻو ڪري جاتيءَ طرف ڳالهائجي).
**ٻِڏ:** گاهَ جو هڪ قسم جيڪو بلڪل سنهو ۽ نازڪ ٿئي. هي گاهه ڪاري طرف ٿيندو آهي. جاتي جي ساحلي علائقي طرف هڪ محاورو به مشهور آهي ته ساري ٻِڏ ڪڍي ڇڏيندو سانءِ.
**ٻوتارَ:** ڏاڙهي جي ٻچن کي چَون.
**ٻونجهرِ:** عورتون ٻارن جي گهٽي گوڙ کي چوَن.
**ٻُوبَڙي:** گدڙ جي دانهن.
**ٻلَرَ:** سُوَرَ جي ٻچَن کي چَون.

**ٻَلَ:** ڳئون يا مينهن کي ميڙڻ لاءِ ٻُنيان ڦوڪ ڏيڻ.

**ٻيڪَ:** اکِ جي روشنيءَ کي چوَن.

**ٻِٽڻ:** هڪ ٻئي سان منافقت ڪرڻ.

**ٻِيٽَ:** اک جي روشني ۽ خبرَ پوڻ لاءِ ٻہ هيءَ لفظ استعمال ٿئي.

**ٻِياڻِ:** ٻہِ سالو اٺِ.

**ٻايجڻ:** ڏُکي مينهن جي ٻُڃَ جي پار ۾ ٻيئل (اپريل) ننڍيون هڏيون ٻاٺهي پجي پَون تہ اُها مينهن جلد وياڻندي. ٻا= ٻہ ننڍيون هڏيون ٻُڃ جي پاڙ واريون. پجڻ= پجي پوڻ. ٻاڳيا ان کي "ٻايجڻ" چوَن.

**ٻَندِ:** ابوجهہ.*

**ٻَڏَرَ:** ڪاني يا ٻَن جي ٻکي جي ديگهہ.

**ٻولِي:** ڪاري ماڻهو ايهو لفظ ڏُبر لاءِ ڪَتب آڻين.

**ٻوڇَ:** الزام مڙهڻ يا بُهتان هڻڻ- هي لفظ ڪڇي زبان جو آهي. جيڪو هاڻي ٻوڇَپَ تي استعمال ٿئي ٿو.

**ٻَلَ ڪُلهيرو:** ٻَل= ٻَلي، ڪُلهيرو= ڪُلهي وارو- يعني ٻلي عزت وارو، مان وارو.

**ٻيجو:** اُها زمين جيڪا صرف چَراگاهہ طور ڪم اچي.

**ٻَر ڦوڪَ:** ٻَرَ= ٻرجي وڃڻ، ڦوڪ= ڦوڪجي وڃڻ. هي لفظ عام

---

* ان لفظ لاءِ هڪ عام روايت آهي تہ "ٻندِ" مگسي قوم جي هڪ شاخ آهي تہ مگسي قوم جي هڪ شاخ جڏهن بلوچستان لڏي "ڪڪرالي" طرف آئي تہ اُنهن هتان جي مقامي ماڻهن کي ڳاڙهن ڇانورن جو ٻيٽ رڌي ڪائيندي ڏٺو تہ هنن بہ ڇا ڪيو جو بغير پچا ڳاڇا جي ڳاڙهن ڇانورن جون ساريون صاف ڪرڻ کان سواءِ پاڻيءَ ۾ رڌي ٻيٽ ڻاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اُهو ٻيٽ جڏهن مقامي ماڻهن ڏٺو تہ انهن چيو تہ اوهان ٻنهين کي "ٻَندَ" آهيو! ان کان پوءِ انهيءَ شاخ تي اِهو نالو پئجي ويو ۽ لفظ "ٻند" کي ابوجهہ يا ڇريو جي معنيٰ طور استعمال ڪيو ويو. حوالو: رئيس اچر خان مگسي کان مليل مؤرخہ ١٩٨٧. ٣. ٢

محاوري ۾ ڪڪرالي طرف آجائي ڪاوڙ لاءِ استعمال ڪَنِ.

**ٻُجهان:** هڪ ڪي ٻئي مان ڌپ اچڻ- پَرَ هي لفظ هڪ جو ٻئي تي تپڻ طور بہ عام طرح استعمال ٿئي.

**تانگهو:** گهرو ۽ اونهو تار پاڻي.

**تڙ:** ڪاري جا ٻيڙيا ڪٽي ٻيهڻ يا ٽِڪَڻ کي چوَن.

**ترورڪڙو:** ٿورڙيءَ روشنيءَ جو ڏيئو.

**تَڪِي:** تکو پڇي وڃڻ، جيئن عام چوڻي آهي تہ فلاڻو ڌڪ مٿي ٽُڪي تي ويو.

**توسلي:** آسري- يا پروسي.

**تَر گهڻي:** ويساهہَ گهاتي يا دوکو ڪرڻ.

**تاڻِ:** تاڻ يا تانِ، مال جي وتاڻ طور ياڳيا ڳالهائين.

**ٿڙي:** ڪنهن کي دوکو ڏيڻ، وعدو ڪري ڦري وڃڻ.

**ٿنبِ:** ڪُنوار کي سانجهين ڏيڻ وقت عورتون ڳيت چون مَهلَ سِتن سهاڳڻين مان جيڪا بہ عورت وِچون مصرعہ ڪٽي عورتون ان کي ”ٿنب“ چون اُن مصرعہ جو تعلق اُن ڳيچ سان نہ هوندو آهي.

**تِندو:** سَٽيو پاڻي.

**تو، ٿو:** گذر سفر يا ڪنهن شيءِ جي ڳولا واسطي ڪوشش ڪرڻ.

**تيڏ:** ڪاٺ جي ٻونڊي کي گهڙڻ وقت هڪ ٻونڊي کي ڪارائيءَ جو چِهڪ ڏيئي، واهولي سان چلي سڌو ڪرڻ کي واڍا ”تيڏِ“ چوَن.

**ٽاٽي:** ڪاري جا ملاح ۽ ٻيڙياتا رڇ جي ڳنڍ کي چون.

**ٽانڪڙ:** جاتيءَ جي ساحلي علائقي جا مهاڻا ڪپڙن کي ٽانڪڙ چون.

**ٽڪائڻ:** ٽپ ڏيڻ، ڪاري جا ماڻهو درياءَ ۾ مڇيءَ جي ٽپ ڏيڻ کي ٽڪائڻ چون.

**ٽڪندڙي:** هڪ ول جو قسم.

**ٽيريٽ:** اهو ٽانو جنهن ۾ ڪنيار مٽي ڳوهين.

**ٽانڪ:** انگڙي وانگر سنهي ڪاٺيءَ ۾ ٽانڪيل مڇين جي ڇڳي کي، چون.

**ٽنگهو:** ڪاٺين جي پري.

**ٽلي:** پکين جي ٽلي جنهن ۾ چار پکي ٿين.

**ٽانٽو:** پڳل ٽول (جيڪا بيڪار ٿي ويئي هجي). ۽ ڏڳا گاڏيءَ جي وچ واري حصي کي ٽانٽو چون.

**ٽوٽ:** صفا پڪل ٻير يا ڏاڍي چيڪي زمين.

**ٽوڙي:** اسم خاص تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

**ٺڪڙي:** جهينگن مارڻ جو رڇ.

**ٺڳڙو:** اهو ماڻهو جيڪو هٺيلو هجي.

**پالاڻ:** ٻيڙيءَ کي ٻيهارڻ.

**پاٺو:** درياءَ جا ماڻهو ڊگهي عرصي لاءِ ڪٿي رهن ته ان کي پاٺو چون.

**پاٿرو:** مهاڻن جي هڪ اوڙڪ.*

---

* مهاڻن جي انهي اوڙڪ تي پاترو نالو اِنَ ڪري پيو جو اِهي گهڻي وقت کان ونئي جاتيءَ جي بزرگ حضرت مثل پيرءَ جي ميلي جي ڪُنيءَ لاءِ پتر ويندا هئا.

**پُساڻ**: درياهَ جا ماڻهو مڇي مارڻ وقت جيڪي ڪپڙا پائي وجن تن کي پُساڻ چوَن.
**پوتو**: درياهَ جا ماڻهو جنهن ڪپڙي سان ٻيڙي صاف ڪن اُن صافي کي پوتو چون.
**پَٽ**: پٽيل جي راڄ کي (جيڪو ان جي حصي وارو هجي) پٽ چوَن.
**پِري**: ڪاري جا ملاح پيهي يا پچنديءَ کي سڏين.
**پريو مڙس**: وڏي عُمر واري ماڻهوءَ کي چوَن.
**پَريرو**: پري يا پَريرو- هي لفظ خاص ڪري ماڇر ۾ ڳالهايو وڃي.
**پِش**: ختم ڪري ڇڏڻ- ماري ڇڏڻ.
**پَنگهجڻ**: ٻنئي تي تپڻ.
**پوسَلَ**: بارش جي موسم ۾ گپ چڪَ کي چوَن.
**پوتائي**: ڪٽي برادري ۾ برادريءَ جو سڏ ڏيندڙ کي چوَن.
**پوتي**: هندن جي نڪاح کي چوَن.
**پُونجي**: (جمع پونجي) گڏ ڪيل، ميڙيل رقم کي چوَن.
**جَراڙِ رسم**: هي رسم ملاح ماڻهو خاص ڪري شاديءَ جي وقت هڪ ٿال ۾ مينڌي، وجهي گهوٽ کي ملين. اِنهيءَ رسم کي "جَراڙ رسم" چوَن.
**جَر**: مڇيءَ جي ميڙاڪي کي خاص ڪري مُهاڻا چوَن پَرَ عام طرح گهٽي پاڻيءَ کي چيو وڃي ٿو.
**جُواڻِ**: ڪاري جا ماڻهو رات جي پهرئين وقت کي جُواڻِ چون.
**جُوڙَ**: ڏاندن جي جوڙي واري پاڃاري.

**جُوڪي:** چوري ٿيل شيءِ جو ڏس ڏيندڙ.
**جُهڳاءَ:** رَڇ جو قسم.
**جهوڪ، جهوڪ:** مينهن ڦرائڻ وقت ياڳيا پاڏي کي آڻڻ لاءِ آواز ڏين.
**جِهلَ:** هڪ ٻوٽيءَ جو قسم جنهن کي مال ٻہ کائي ۽ دوا طور بہ ڪم اچي.
**جِهيرَ:** چير- (چوپائي مال کي بيماريءَ وقت ڪَنَ ۾ جهير وجهن).
**چانٽ:** ڪنهن سان حرڪت ڪرڻ.
**چَٽا:** سِڙهہ ويڙهي ان کي جيڪو ڪچو ٻَند ڏين، ڪاري جا ماڻهو ان کي چَٽا چون.
**چَلِ:** مينهن جي وڏي اوهہ کي ياڳيال چَل چون.
**چِڪراٺو:** ٺڪراٺو ٿول (خاص ڪري ٻڳل) جنهن ۾ ڪنيار پاڻي وجهي رکن.
**چُورِ:** چُهنب دار ڪانِي.
**چيوڙو:** سُور جو ننڍو چَڪِ.
**چيڪو:** رات جو گهر دير سان اچڻ.
**چابَ:** ڪَسِي يا واهڻ کي پاڻي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪکن ۽ ڪانن جو ٻَنڌو ڏيڻ.
**چاڙو ڪرڻ:** زمين تي پير هڻي ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ.
**چانيو:** لَٺِي جو ننڍو ٽارو جنهن کي منهن ۾ ڇڳو ٿئي.
**چترو:** ٿَرهي جو ننڍڙو ٽَڏو.
**چَيَرِي:** ڪٺي جُرَ وقت رنگ جي ٽانوَ مٿان ڪانين جو ٺهيل حفاظتي

پڙچ جو ٽڪرو رکن ان کي چون.

**چمر:** پن يا ڪانيءَ جي ويڪر کي چون.

**دِلي واري رَسمر:** هيءَ رسم ملاح شاديءَ ۾ ڪن، هيءَ رسم هن طرح ملهائين جو هڪ ڪوري دِليءَ ۾ چانور وجهي ان کي سينگاري گهوٽ ۽ ڪُنوار متان گهوري درياءَ داخل ڪن.

**دوڪَ:** ٻہ ڏندو اٺ يا گهوڙو.

**دِيندار:** پينگهي ۾ ٻار جي متان مُنهن رکڻي کي چيو ويندو آهي.

**ڏامائي:** ميمڻ ۾ برادريءَ جو سڏ ڏيندڙ کي چيو وڃي.

**ڏوڪي:** وڏي ڪانيءَ کي چيرجڻ کان اڳ چون.

**ڏمچَر:** اجايو گوڙ، ٻارن جي گوڙ ۽ مستيءَ کي چيو وڃي ٿو، پَرَ ڪاري ۽ ڪڪرالي جا ماڻهو شيدين جي پُرجوش ناچ کي چون.

**ڏُمر:** پنهنجيءَ لُٽَ ۾ لنگهي وڃڻ، (هي لفظ خاص ڪري ڪاري جا ماڻهو اُچارين).

**ڏاٻڙا:** اُهو ڪاٺ جو ٽُڪرو جنهن تي عورتون ڪپڙا سٽين ۽ ڏوپ ڪَن.

**ڏُڪي:** اُها ڪاٺ جي ڳن واري ٿُلهي پَٽِي، جنهن سان ڪپڙا سَٽِين.

**ڏاوڻ:** عورت جو ڪير (هي لفظ ڪيچي ۽ جت ٻہ ڳالهائين).

**ڏارِ:** مُهريءَ جي پٽڙي رذيل دال.

**ڏاچَر:** اُهو جانور جيڪو چرڻ ۾ بلڪل سُست هجي.

ڏنوُ: ڪاري ۽ جاتيءَ جا ماڻهو جيڪي ڪڇ جي ويجهو رَهن ٿا، اُهي
جزيري کي ڏُنو چوَن.
ڏوٽو: ڪاري جا لنگها ۽ ملاح مرداني عُضوي کي پنهنجي جوڙيل
زبان ۾ چوَن.
ٻاڍِ: ڪڪرالي ۽ اُتان جيَ ڀين علائقن جا ماڻهو وڏي سَڏِ ٿَرَ کي
چوَن.
ٻاماهُ: گاهَہ جو قسم.
ڏِٻَرَ: گاهَہ جو قسم.
ڏِٻرَ: سُست عورت، جنهن کان ڪم نہ پُڄي سگهي.
ڏَڪِ: ڪاري جا ملاح وڏي مڇي مارڻ لاءِ جيڪو رڇ ڪَم آڻين ان
کي ڏَڪ چون. هي ڏيگهہ ۾ ويهہ، ٻاويهہ فوٽ ٿئي ٿو هي رڇ
ناتارين ڌريمي اُجلجي.
ڏامَ: داغ- نشان. هي لفظ ماڇر ۾ اڪثر ڳالهائجي.
ڏوڏو: مانيءَ جو ٽُڪر- هي لفظ ماڇر طرف ڳالهائجي.
ڏيڦُو: متل يا سڱهو هلڪو جانور.
ڏيڏو: وڏو پڪل ٻير. ان کي ٻوڏو ٻہ چون.
رَجهڻ: رڌجڻ- هي لفظ ماڇر طرف اڪثر ڳالهائجي.
رُپاه: ننڍڙي ٻيڙي، جنهن تي چڙهي تڙ کان وڏي ٻيڙيءَ تائين
پهچي.
رُلَ: اُهو رڇ جيڪو ڏيڍ سئو کان ٻہ سئو والن تائين ٿئي. اهو وڏين
مڇين مارڻ لاءِ ڪم اچي.
ريبيون: وڏين مڇين مارڻ لاءِ ڪم ايندڙ رڇ.

**ريجالو:** چاڳلو ٻار.

**سانَور:** ڪيڙيل زمين کي جنهن سان تَر ڏنو وڃي، ان کي هتي سانَور يا سينور چوَن.

**سانوڻي:** گاهه جو قسم، جو سانوڻ ۾ ٿئي.

**سايو:** تياري ڪرڻ. هي لفظ عربي زبان جي لفظ "سعيو" جي سنڌي صورت آهي عورتون هي ٻِئي "ي" سان بہ جَلد اچڻ يا ڪَم ڪرڻ لاءِ سايَي سان اچ چوَن.

**سَالَ:** أها چانهين جيڪا ٻاهران ۽ اندران هئيڊي هجي.

**سَجِي:** وڏو- هي لفظ هنن علائقن ۾ اڪثر عورتون ڳالهائن.

**سَپَر پُنون:** عورت جي پيٽان پورن مهينن جو مڪمل پر مُئل ٻار ڄمي اُن کي چوَن.

**سَنيَرَ:** هتي جا ماڻهو درياءَ جي وير جنهن وقت نہ وڌي ۽ نہ گهٽجي ۽ هڪ ڪري هجي اُن کي چَون.

**سَبِيرِي:** ڇَني اوطاق جي تِہ وقتي ماني.

**سَرهِيالِ،** وڏي عُمر وارو يا چڱو مڙس.

**سَنيڊِي:** سنگتياڻي- ساهڙي.

**سوڀلو:** چڱو ڀلو. بيماريءَ کان پوءِ چاڪ ٿي ويل ماڻهو لاءِ ڳالهائين- هيءَ لفظ ڪاري طرف گهڻو ڳالهائجي.

**سُهاڳو:** ڪاٺَ جي تَرَ کي چوَن جيڪو زمين جي سِڌائي طور ڪَم اچي.

**سوجَڪي:** هي لفظ سوجاڳي جي بگڙيل صُورت آهي يعني سويري- گهڻو ڪري عورتون ڳالهائين.

**سڇَر:** اُهو جانور جيڪو چرڻ ۾ چُست هجي.

**سَمَرو:** رڌ پچاءَ لاءِ سِيڌو سامان.

**سيڙهو:** مال جي چَراگاهہَ واري زمين کي چوَن.

**سيَارِ:** جاتيءَ جا ملاح، تهيم، ٻُهريا ۽ جت وغيره گڏڙ کي چوَن.

**عِلافَ ڪَيَڻِ:** پارَ ڪيي دردبلي انداز ۾ روئڻ. هي خاص ڪري عورتون ڳالهائين.

**غَشو:** ڪنهن کي ڏلهو ڪوڙ هڻي ٽاري ڇڏڻ.

**ڦَتَرو:** ڪوڙو الزام مڙهڻ، هي لفظ خاص ڪري ماڇر طرف ڳالهائجي.

**ڦرّ ڦُلا:** عورت جيڪڏهن ٻار ڄڻي ۽ اُهو يڪدم مري وڃي يا مُئل ڄڻي ته ٻيو عورتون ان جي فاتح طور جو ڪجهہ ڏين ان کي عورتون ڦر ڦُلا چوَن.

**ڦڪري:** مڱن جي اُها دال جيڪا خُشڪ رڌي وڃي.

**ڪانگَ تَرو:** ڪَري تي ويهاريل چوڪيدار.

**ڪانَڍَ ڏيڻ:** ماڻهوءَ کي پُنيان زور ڏيڻ.

**ڪَتِرو:** رَڃَ جو نالو جيڪو وڏين مڇين مارڻ جو وڏي ۾ وڏو رَڃ جنهن کي چاليهہ پنجاهہ ماڻهو ڇڪين.

**ڪُشميرو:** گَپ ۾ پيل ڪِچرو هن کي عورتون ڪُشمرو بہ چوَن.

**ڪَڏِري:** ننڍڙي ٻار کي "بخار بعد ٿيندڙ پَگهر" هي لفظ ڪچي زبان ۾ بہ ڳالهائجي ۽ خاص ڪري ڪاري جون عورتون ڳالهائين.

**ڪُسانجو:** عورت جو ڪچو ٻار ڪري پوڻ. ان کي ڪُهائي بہ

چون.

**ڪسرَت:** ورزش يا طاقت، پَرَ ڪاري طرف هي لفظ اڪثر ڪمال جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي.

**ڪُرچَت:** پاڻي نہ هئڻ جي صورت ۾ هاري سُڪي زمين کي ڪيڙي ان ۾ ٻج ڇٽين ان کي ڪُرچت چوَن.

**ڪَنگورِ:** جاتي طرف سُرَ کي چوَن.

**ڪَنگ:** پکيءَ جو نالو.

**ڪَنگ:** مڇيءَ جو نالو جيڪا ڪاري ۾ ٿئي.

**ڪَنگو:** مڇيءَ جو نالو جيڪا ڪاري طرف ٿئي.

**ڪونتِ:** ماڻهو يا ڍڳيءَ جي ڪِياڙي.

**ڪارِ:** لاڻي جي ٻوٽي کي ٽهڪائي اُن مان ڪار ٺاهين جيڪا ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪم اچي.

**ڪُپَ:** ٻوٽِيءَ جو قسم.

**ڪُورا:** گوڙ ڪرڻ. هي لفظ اڪثر ڪارائي ماڻهو ڳالهائين.

**ڪُونچرو:** ڏِنگي ماڻهوءَ کي چوَن.

**ڪُنچلڙو:** سُڪي ننڍو ٽي وڄڻ.

**ڪِجَهِ:** هيءُ لفظ هتي ٻن معنائن ۾ استعمال ٿئي. هڪ پاڻڻ. جيئن چوَن فلاڻو- فلاڻي کي ڪجي ٿو. ۽ ٻي معنيٰ آهي سُڪي وڃڻ. جيئن ٻوڙ لاسَ ڪِجي ويئي.

**ڪوڙ:** ڪَني ڪپڙي چڙهڻ وقت هڪ ٻي رنگو محلول تيار ڪن. جنهن ۾ ڦِٽڪي، ڪنٿور، مِيٿوري ۽ پاڻي ملائين پوءِ ان کي چُريل ڪيري جي رنگ کي پَڪو ڪرڻ لاءِ ليپ ڪَن اُن ليپ

ڪرڻ کي ”ڪوڙ“ چوَن جيئن شاهہ صاحب بہ پنهنجي
ڪلام ۾ اهو لفظ هن طرح آندو آهي ”جا پَر ڪٺيءَ ڪوڙ،
سا پَر سورن مون سين ٿئي“ (شاهہ).

**ڳٺوُ:** ڇِرڪ يرڻ يا ڇرڪ ڏيارڻ يا ٿاهہَ ڏيارڻ. هي اڪثر مال جي
ڊپ لاءِ ڪم اچي.

**ڪِيرول:** وَل جو قسم.

**ڪيروڻ:** وڻ جو قسم.

**ڳاراءَ:** ملاح ۽ لنگها (خاص ڪري ڪاري ۽ ڪڪرالي جا رهاڪو)
هي لفظ مرداني عُضوي لاءِ ڪَم آڻين.

**ڳڏا:** (غذا) عادت، هيءُ لفظ ڪاري ۽ ڪڪرالي طرف هڪ جهڙو
ڳالهائجي.

**ڳرِي:** ڳريو- هي لفظ ماڇر جا ماڻهو ڳالهائين ۽ ڳرئي يا مُرئي کي
چون.

**ڳڙيت ٿي وڃڻ:** يعني اوچتو رنگ بَدلائي وڃڻ، هي لفظ بلوچ ۽
سنڌي سڀ اُچارين.

**ڳڙبَ:** عام طرح ان کي ڳڙبي بہ چوَن. هاري ماڻهو ڇا ڪندا آهن
جو زمين کي پهريائين هر ڏيئي پاڻي ڇڏي ڏين. جڏهن زمين
ٺَري وڃي پوءِ اُهو پاڻي ڇنڊي ٻيهر پاڻي ڏئي ان ۾ ٻج ڇٽين
اُنهيءَ ڦُٽيل پوک کي ڳڙبَ چوَن. هيءُ خاص ڪري سارين
جي پوک لاءِ ڪَن.

**ڳزِي هڻڻ:** ڪنهن سان ڪوڙ هڻڻ.

**ڳوش پُورنڊِي:** اُها مينهن جنهن جا ڪَنبا سِڱَ پويان وريل هُجن.

**گوبي:** ڪڪرالي ۽ ڪاري جا لنگها ۽ ملاح ڏبر لاءِ هي لفظ ڪم آڻين.

**گيسو:** پَٽَ تي ويهي ميدان ٻُهارڻ. عورتون ان کي گيسو ڪار به چوَن.

**ڳانيَ:** تنيڙي ٻار جو هڪ ساهي روئڻ.

**ڳاهہَ:** ميجي ڦاسائڻ لاءِ ڪلوڻۃ ۾ چارو وجهڻ.

**ڳارڙو:** ڪانگ لنوَڻَ جي آواز کي چون.

**ڳيُور:** جت، ملاح ۽ ڪاري جا ماڻهو ننڍڙي ٻار کي چوَن.

**ڳنُون:** بند يا ٻني جو پاسو، يا ڪمند جي لٺ.

**ڳونِ:** ڌيان ڏيڻ. توجهہ ڏيڻ.

**ڳهلو:** موڳو، سُست يا بيوقوف.

**لانئيرو:** ڳاڙهي رنگ جي گندي، جيڪا خاص ڪري ڪٽي ڪُنوار کي لانئون ڏيڻ وقت اوڍائين.

**لِچَڻِ:** گاهہ جو قسم جو ڪاري طرف ٿئي.

**لَڙهہِ:** ڪٽي ڇُرڻ وقت رنگ جي تانوَ مٿان جيڪا ڳوڻ يا پُراڻي ڪپڙي جو ٽُڪري ڍڪڻ لاءِ رکن اُن کي پنهنجي ٻولي زبان ۾ ”لَڙهہ“ چوَن.

**لِڪَ:** بَدن، هي لفظ ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري طرف عام آهي.

**لڪَ:** ملاح ۽ درياءَ جا ماڻهو ميجي ڏسڻ کي لڪَ چوَن.

**لُلرِ:** گاهہَ جو قسم.

**لڙهيو:** پَن جو ننڍو پڙيچ.

**مڙهو:** جَهنگل وارو علائقو، هي لفظ خاص ڪري ماڇر، ڪڪرالي

۽ ڪاري طرف ڳالهائجي.

**مَوارِ:** ٿُلهو ڀِرو.

**مورو:** سُست ۽ ٿڪي طعام ڪي چوَن.

**موٺِ:** مال جو لوڙهو. ڪاري طرف موٺ هڪ گاهہ جو بہ قسم آهي، پر عام طرح بيوقوف ماڻهو کي بہ چون.

**مُهجَڻِ:** بي متو، بي وقوف.

**مَٽورِي:** مٽي جي چڪر يا ڦيريءَ لاءِ ڪم اچي. خاص ماڇر طرف ڳالهائجي.

**مُٽو:** ٿُلهي ماني. هيءُ لفظ ماڇر ڪان ڪاري تائين ڳالهائجي پَر ڪاري جا ماڻهو وري اڪرن جي مجموعي کي بہ مُٽو چوَن.

**مَڏارِ:** ٿڌ لڳڻ يا زُڪام ٿيڻ.

**مَڏي:** دل ۾ ميرائي رکڻ.

**مورِ:** پوني واري زمين، ڪاري وارا چون.

**مُنديلَ:** هڪ ٻوٽي جو قسم جو اِنهن علائقن ۾ ٿئي.

**ميٽَ:** اک جي روشني.

**نِراسَ:** بغير انگن جي لسِي ڪائي.

**نِرجو:** ڏاڍو پاپڪو. جيئن چوَن فلاڻو تَڪ نرجو آهي. هي لفظ ”نِرجو“ بہ ڳالهائجي.

**نِپٽ:** صَفا، بِنهہ، ماڳهين.

**نِسيو:** سَرديءَ جي موسم ۾ جيڪڏهن ڏينهن تورو گرم ٿي وڃي تہ ان کي نِسيو چون. هيءُ لفظ ڪڪرالي ۽ ڪاري جون عورتون گهڻو استعمال ڪن.

**نَمتا:** مَجِڻ يا جُهڪڻ، هي لفظ خاص ڪري ڪڪرالي ۽ ڪاري جون عورتون ڪَتب آڻين.

**نِورو:** واندو- هي لفظ اصل ڪڇي زبان جو آهي پَر ڪڪرالي جا رهاڪو بہ اُچارين.

**نيرو:** پاڻيءَ جي ننڍي ڪسي.

**واهَندو:** ننڍي ڪَسِي.

**وانڪِي:** اباڻي ملڪيت.

**واٽرو:** مَسخرو- خوش طبعَ.

**وڏوڙہ:** رُسڻ، ڪاوڙجي وڃڻ.

**وَرِ:** ڪٽ واٽيندڙ پنيدي ٻَڌندي جيڪو ڌاڳو وارين اُن جي وَٽَ کي وَر چوَن.

**وَڙِ:** شانِ عزت، مان، خاص ڪري عورتون گهڻو استعمال ڪن.

**وِرَانڊَ:** پونجاڙي وِچيِنءَ ويل جيڪو هلڪي قسم جو ڪاڏو پيتو ٿئي ان کي ڪڪرالي ۽ ڪاري جا ماڻهو وراند چوَن.

**وِسلڻو:** ڪنهن ٻَنيءَ جو ان اِهڙو ٿيندو آهي جو اُن جو اٽو پچائڻ ۾ نہ ايندو آهي ۽ هٿن مان ڌري پوندو آهي ۽ عورتون ان کي بي پوڳو چوَن. هيءُ لفظ ڳاڙهن چانورن جي اٽي لاءِ ڪتب اچي.

**ويڄاڙ:** گهڻي چاڙي ۽ ڪاوڙ واري عورت.

**وينگسَ:** چوڏهن ورهن جي ڇوڪري، هي لفظ خاص ماڃر جو آهي.

**هَالِي:** اُها مينهن جنهن جا سِڱَ اُبتا وَريل هجن اِهڙي مينهن کي ياڳِيا

نياڳي سَمجهن ٿا. ان لاءِ هڪ پهاڪو بہ مشهور آهي "هالِي پڙ پالي".

**هاسيڪار:** خاص طرح ڪنهن وٽ هلي وڃي ڳالهہ ڪرڻ، ڪمَ چوَن.

**هره لالي:** هڪ وَل جو قسم، جا جاتيءَ جي ساحلي علائقي ۾ ٿئي.

**هرڪِجي پوڻ:** دِل مٿي ڪرڻ يا آڪن چَڪن ٿيڻ.

**هَوَرَ:** ڪوڙ هڻن، هي خاص عورتون ڳالهائين.

**هوڙا:** ڪاري مڇي مارڻ وڃن تہ چوَن: هوڙا پهري ويا آهن.

**ٻٽا لفظ:** ٻٽا لفظ جن کي لُغت جي اصطلاح ۾ "لفظِ اضافي" بہ چئبو آهي. اهي گهڻو ڪري هم وزن هوندا آهن. انهن مان ڪيترائي لفظ هم معنيٰ ۽ بامعنيٰ بہ ملن ٿا. ليڪن ڪي لفظ اهڙا بہ مليا آهن، جيڪي بي معنيٰ آهن. صرف لِساني صوتيات ۾ دورانِ گفتگو جملي جي نِياءَ طور ڪم اچن ٿا. اهي لفظ اچارڻ سان نہ صرف جملي ۾ سُهڻائي ۽ جاذبيت پيدا ٿئي ٿي، بلڪِ هڪ نغمگيءَ جو تاثر پڻ ملي ٿو.

هي لفظ ماچر، ڪڪرالي، جاتي ۽ ڪاري جي علائقن ۾ مروج آهن هنن لفظن ۾ انگريزي، عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ بہ اچي وڃن ٿا. جن جو ٻٽو لفظ سنڌي لهجي ۾ ملي ٿو:

آنا- فانا
آڪڙ- ساڪڙ
آٽر- پاٽر
ايرو- سَيرو
آگر- مَگر
ارهيال- سَرهيال
اُٽل- پُٽل
اچو- اُجرو
اُمر- ڏُمر
آس- نِراس
آب- پاڻي
آب- ڏاڍو
آزي- نيرازي
آجو- تاجو
آڪرو- مانو
آچي- پاچي
اُبت- سُبت
اٿو- پتو
اڪر- ٻڪر
اوڙي- ڏوڙي
اِچي- پِچي
آجهو- اولو

آنت- شمار
آغير- وَغير
انت- اپار
ايرو- غيرو (خيرو)
آلهو- تَلهو
اچو- پِچو
اُڏي- ساماڻي
اگهه- پار
اويَر- سويَر
اُنِ- ٽُنِ
آنگِ- ٻَنگِ
اَٽ- ٻُٽِ
اُڪو- ڏُڪو
ايلاچي- ٻيلاچي
اوهي- واهي
آڪن- چَڪَن
اُوري- ٻوري
اُري- پُري
اِيڙا- ٻيڙها
بالا- بالا
بَد- شَدِ
بيگهر- سيگهر

بلو- پيٺي
بيڪار- سيڪار
برسات- بَڙي
ٻڪيو- اُگهاڙو
ٻَگهڙ- ٻِگهڙ
بارَ- ڳُيور
ٻڪ- ٻڪ
ٻُر- ٻُر
ٻڪِ- ٻڪان
ٻوڪي- سوڪي
ٻيڙي- ٻاڻي
ٻَرن- ٽڙهڪن
ٻلو- ٽَلهو
ٻور- ٻُڪو
ٻَجَ- ٻُجَ
ٻور- ٻور
ٻاءُ- برادِر
ٻَڪتِ- سَگَتِ
ٻانڻ- چِتائڻ
ٻَڙِ- ٻَڙِ
تالا- تاڪَ
تَبر- ترار

ترِ- پرِ (ورِ)
تڙ- پيڙ
ترتيل- پَتريل
ترِ- تروڪڙيون
تَڪِ- تَڪان
ٽُڪُ- ٽُڪان
ٽنب- ٽوٽي
ٽڙَن- ٽڙڪَن
ٽَر- ٽاڪَ
ٽارو- ٽهارو
ٽيڙَ- ٽيڪڙَ
ٽرِ- ٽران
ٽيڪڙ- سيڪڙَ
ٽِلي- ٽسري
ٽا- ٽا
ٽاشا- ماشا
ٽِڪر- ٽُولو (ٽُولا)
ٽَڪِ- ٽُڪِ
ٽُڪِ- ٽڪِ
پاٿي- جاٿي
پات- باتِ
پٿسو- پاٿي

پادَ- بادَ
پٿسو- پَنجڙَ (ڏوڪڙ)
پوري- سُوري
پَٽ- چِٽ
پُٽ- مُٽ
پَٽر- پٽر
پرچاءُ- سَرچاءُ
پوش- پوشان
پَروٽِيون- سَروٽيون
پَلِ- گَنِ
پَڇي- پُڇري
جَاهه- جَلال
جاڙ- جَڦاٽون
جاٿي- جُواري
جُٽ- ڪِٽ
جُٽِ- پُٽِ
جَلد- مرد
جَل- ٿَلِ
جڳ- مڳ
جُڙ- ڦُڙ
جوش- خَروشَ
جَؤُ- ٻَئُو

جور- جٻرِ
جُتي- ٻُتي
جاڻِ- ٻاڻِ
جَرِ- باهه (ڪام)
جيرا- جگرا
جت- جاموٽ
جَرَ- ٻرَ
جيرو- جَمرو (شيرو)
جَهٽ- جَهٽان
جُهنگ- ٻنگ
جَهلِ- ٻُجَ
جَهڙ- ٻَڙِ
جنو- منو
چور- چاڪي
چَنگ- چڙو
چِڪ- مڪ
چَڪِ- واتِ
چيري- ميري
ڇهڪِ- ڇيرِ
ڇَٽ- پَٽ
ڇڊو- پاٿو (پاڊو)
ڇيڙ- پَڇيڙِ

ڇڏپَ- ڇُڏپَ
ڇِنَ- ڪُوندَ
ڇپَرَ- ڇمَرَ
ڇوڪرا- ڇَنيڙَ
ڇٽَ- ڇُڳيرَ
ڇڪَ- ڀَٽَ
حيا- حقيقت
حياتي- مماتي
حق- حقوق
خصّي- رسي
خَير- ٻيرِ
خالي- خُوبي
خوش- پوش
دانا- بينا
دڙَّ- داڙَ
دڙِ- دَڙِ
دنگ- دِليرَ
ديد- شَرم
دير- اوير (بدير)
ديوار- ٻيوار
داعي- مُدعي
ديرِ- خيرِ

ڌانڪَ- ڌُونڪَ
ڌارون- ڌرمل
ڌڙا- ڌَڙ
ڌوڙ- فساد
ڌَنگِ- ٻَنگِ
ڌوچي- پوچي
ڌَڪِ- ڌَڪِ
ڌوپ- شوپ
ڏيٺِ- ويٺِ
ڏڏو- ڏڪرَ
ڏک- ڏانگر
ڏيڍو- سوايو
ڏونگھو- ٻُونگھو
باڍِ- ٻاڍِ
بانوان- ٻولِ
ٻُٽو- ٻَپِ
ٻنڊورو- ٻَنڊورو
ٻونگ- بونگ
ڊبَ- ٻَڙي
ڊانڊي- ٻانڊي
ڊينڊَ- ٻينڊِ
ڊنگ- اڊنگ

ڏَر- ڏَرِ
راڄ- ڀاڳ (ڪرَم)
راڻو- ڪاڻو
رَبَ- پاڻي
ريلَ- پيلَ
رڙهي- سڙهي
رت- سَتِ
رُڪِ- ٻُڪِ
رِڏَ- ٻڏ
رزق- روزي
ريت- ڪُريتِ
ريب- فريب
رُونءَ- رُونءَ
زالَ- زَڻي (ٻال)
زورا- زوري
زرِ- ٻور
زيوَر- زَٽو
زورِ- ظلم
زور- زَبر
ساگهرَ- تاگهر
سانگهيڙو- سانٻيڙو
سُر- ٻر

سينَ- سَجنَ
سڌو- بڌو
سکر- مَنو
سَڏِ- ماڏِ
سَنڌو- سيڙهو
سودو- سَلف
سُهمَن- صَدمَن
سِيرَ- بِگير
سَتِ- سِيلَ
سوز- گُداز (فراق)
شاهَدِ- گواهِدِ (بانِدِ)
شال- بال
شامَ- بامَ
شاني- شريڪ
شيءِ- شيگل
شرو- فساد (ٻرو)
شِير- شَڪر
شِدُو- مدو
صلاحَ- صُولي
صَدَق- سَڙي
ضروري- ٻروري
ضرورت- زَڙي

طائي- عطائي
طوطو- مِينا
طبيب- طڙو
طمنُو- (ميهڻو ٽُڪو)
طيب- طاهر
طُهر- ٻُهرَ
طرو- ٻُرو (مُرو)
ظنِ- گُمان
ظلمِي- ٻلمِي
عالي- موالي
علتَ- ٻلتَ
عُمر- ٻمر
غنيم- شنيم
فترو- ٻترو
فڪرَ- فاتو
ڦڪيون- ٻڪيون
ڦُوندا- ڦُوندا
قوت- قرار
قصر- ڪوٽ
قوس- قزح
قضا- قدرت
قِيلَ- مَقالَ

ڪارو- ڪارَ
ڪارِ- بارِ
ڪامي- ڪڙمي (عاسي)
ڪَشمَر- ڪَشان
ڪُچَ- ٻُچَ
ڪُٽن- ڪوٽار
ڪوڙ- فتري
ڪُڪڙ- ڏُڪڙ
ڪِيسَ- قهرَ
ڪِندِ- وِندِ
ڪامَ- ٻچَ
ڪيرَ- پَنيرَ (پُٽ)
ڪَڙ- ڪَڙِ
ڪيٽو- بيٽو
گابو- گجو
گُرز- گُليل
گَرو- گنجو
گوهيون- گهٽون
گوٺ- ناٺ
گُونگا- ٻُونگا
گولي- ٻولي
گِيم- گڙدِ

ٻَپَ- ڳان
ٻاهَہ- ماهَہ
ٻاهو- ميهو
ٻُجهہ- ڳوهہ
ٻمَ- ڳنڍير
ٻيروُ- ڳوڏو
ٻڻ- ڳوت
ٻون- ڏيان
گهٽو- مَروُٽو
گهوڙا- ويڪَ
گِهيَہ- پِيهَہ
نَتِ- ڪَتِ (شَتِ)
نَڪَ- نيڻَ
نُور- بَشر
ناڙان- پاڙان
نَگرَ- نگرَ
تَنگ- دَڙنگِ
مال- مايا
ماڪَ- ساٽ (ٻاڪ)
مايا- ڇايا
ماپَ- ساپَ
مَردِ- مَٽيرِ

مَرِي- ڳرِي (ڪَپِي)
ماما- چاچا
مَتِ- بَتِ (پِيدِ)
مَنجهہ- باهَر
مُنجهہَ- سُنجهہَ
مَسِ- ٻَسِ
مهمان- مُٺي
ميلا- مَيل
واڌَ- ويجَهہ
وِڙهي- جهڙي (سڙهي)
وَڏَ- وِراهَہ
وَس- پُس
وندر- ورونهن (سِندَر)
وُوءِ- ووءِ
ويهاڻ- واڌاٽو
لاءِ- لشڪَر
لاڻ- ٻاڻ
لاري- موٽر
لَٽو- اوڇڻ (لِيڙو)
لُر- لُر
لوڇَ- ڪامَ
لٺُون- ڪٺُون

لُوڻِ- پاڻي
هَٽِ- ٻَٽِ
هيڪ- هيڪوٽي
هَورَ- دَوَرَ
هوڏ- هامہ
هنگامو- هَور
هَرين- هرين
هَلا- يلا
ياد- باد
ياوَر- ناصَر
ياس- نِراس
يَتِ- شَتِ
يَخ- يَخ

**بگڙيل لفظ:** بگڙيل لفظن مان مُراد اُهي لفظ آهن جيڪي عام صوتيات ۾ مختلف لهجن ۾ ڳالهايا وڃن ٿا. انهن ۾ سنڌي ڪان سواءِ عربي، فارسي جا الفاظ شامل آهن. جيڪي خاص ڪري ٻهراڙي طرف ماڇر، جاتي، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي مَلاحن ۽ ٻين قومن ۾ رائج آهن:

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| آمون (آمَد) | احمد | اِڙد ڳِڙد | ارد -گرد |
| اڳاٽِ (اٺاڳِ) | اڳٽ | اسون | افسوس |
| آڪيلو | اڪيلو | اسمالِ | اسماعيل |
| آسمان | آسمَان | اساس | احساس |
| آزام | انجام | اساڪِ | اسحاق |
| آزموتو (آزمدُو) | آزمودو | اٽِ | هَٽِ |
| آبر | آربر | اَشڪُولَ | اِسڪُولِ |
| آڪِرَ | آخر | اَشڪَ | عشِق |
| آفتِ | آفت | انزامِ | الزام |
| اِيابَتَ | عبادت | اونڊائِي | اونڌاهي |
| اِتبار | اعتبار | آڳوا | اغوا |
| اتراز | اعتراض | انگريچ | انگريز |
| آتر | عِطر | اِهيو (ايو) | اِهو |
| آڙيي | اڙي | اِڪبار | اخبار |

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ايٹِ | هيٺِ | باڪارَ | ڀهڪارَ |
| اوڙي | اُهڙي | باتالِ | بائيتال |
| آئِ واڪوبِ | آئِ واقف | بانُو | ٻانهون |
| آجَراڦ | اشراف | ٻگينِ | بگهيتَن |
| اِڪراڙ | اقرار | ٻوڙهو | ٻوڙو |
| اِيلاز | علاج | ياڇا (ياشا) | بادشاهَ |
| باڪين | باقي | يارَ | يارِ |
| بانو | ٻهانُو | يَرخَط | بَرڪتَ |
| باجائي | ياجائي | ياگيچو | باغيچو |
| بابي | يابي | پريمِ(پرو) | ابراهيم |
| بتليو | بَدليو | پينش | بَحث |
| بَلي | يَلي | پشڪُوٽ | بسڪوٽ |
| بيتِ | بيت | تاگِيدُ (تاگيدو) | تاڪيد |
| بذير - بجير | وزير | تاثِيت (ناثت) | تعويذ |
| بِڪار | بُخار | تازيب | تهذيب |
| بَشڪِ | بخش | تاريڪَ | تاريخ |
| بَرِ | ٻهرِ | تپاشا | پتاشا |
| بُگڊِ | بُغض | تُرابِيُون | تراويحُون |
| بنياتِ (بثيات) | بُنياد | تراهَ | طَرَح |
| بيانُو | بيمانُو | تڪريز | تقرير |
| بار | ٻاهر | توسِيلِ | تفصيل |

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| تکتِ | تخت | ثابوتِ | ثابتي |
| تينيان | تنهن ڏينهان | ثابيتِ | ثابت |
| ٽاکو | ٽَکو | ثبابِ | ثوابِ |
| ٽانِکو | ٽانيڪو | پاٿور | پاوَرِ |
| ٽلو | ٽلهو | پاھِکا | پهاکا |
| ٽوکو | ٽُکو | پاٿواري | پاڻ واري |
| ٽهيلو | ٽيلو | پانجا | پنهنجا |
| ٽانٽِ | ٽاٽِ | پان مان | پاڻ مان |
| ٽانرو | ٽارو | پاکوڙا | پکوڙا |
| ٽاکو | ٽانکو | پوٽل | پهٽلَ |
| ٽابو | ٽاندو | پوچي | پَهچي |
| ٽاَرنج | ٽارچ | پشِ | پُچ |
| ٽور | تنٿورِ | پونياڙي | پونجاڙي |
| ٽونٽي | ٽوٽي | پغار | پگهار |
| تـقابي | تـقاوي | پُوندِي | پوندي |
| ٽاراٿُون | ٽهراٿو | پوندِر | پاٿوبر |
| ٽارايو | ٽهرايو | پُوهَر | پوئيرَ |
| ٽاٿوکو | ٽاهوکو | پيٿُولِ | پيٽرولِ |
| ٽارائيدا | ٽهرائيندا | جاج (جُهاز يا جُواز) | جَهازِ |
| ٽايل | ٽاهيل | جاڳاءِ | جڳهہَ |
| نوڪارائيندا | نوڪرائي ڏيندا | جاٿ | يا تہَ |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| جاڦر | جعفر |
| جاڪبِ (ياقوب) | يعقوب |
| جِتِ | جتِ |
| جَڙدِ | جَلدِ |
| جوسِ | جوش |
| جَبابِ | جواب |
| جياستي | زيادتي |
| جڪَا | يڪا |
| جُوسَبِ (جوسو يا يوسب) | يوسف |
| جِرڪي | جهرڪي |
| جَيڙو | جهَڙو |
| جِيارت | زيارت |
| جينَتَ | زينت |
| جينَب | زينب |
| جَنجِيرَ | زنجير |
| جَنجِيرو | جزيرو |
| ڄاتو | ڄاڻو |
| ڄايو | ڄاڻيو |
| ڄَهارِي | ڄاري |
| ڄرَهُڪو | ڄَرڪو |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| جنگَ | جنگهه |
| ڄرَهَ | ڄَو |
| جهوڳي | جوڳي |
| جهتِ | جَٿِ |
| جهاتي | جاتي (شهر) |
| جهڪِي | جَڪِي |
| جهرَڪو | ڄرڪو |
| چاوَرِ | چانور |
| چڪهِ | چَڪِ |
| چوڱڙدِ | چوگرد |
| چونڪ | چوڪِ |
| چوري | چٺونري |
| ڇَهڪِ | ڇڪِ |
| ڇاٽي | ڇانٽي |
| ڇالا | ڇالاءِ |
| ڇيلَ | شيلَ |
| حاليتَ | حالتَ |
| حيريان | حَيرانِ |
| حيريتَ | حَيرَتَ |
| حيدرِيابادِ | حيدرآباد |
| خَيرياتِ (کيريات) | خيرات |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| خوچامدِ | خوشامند |
| خوچ | خوش |
| خميس (کميس) | قميص |
| ڏوڦانِ | طوفانِ |
| ديوالَ | ديوار |
| دَرکاشتِ (کاش) | درخواست |
| دوکاڻ | دوڪان |
| دينا داشتي | دينا داستي |
| درگاهہ | درگاهہ |
| دوئي- مُدوئي | داعي، مُدعي |
| داگِ | داغ |
| (هي لفظ ٻوڙ جي داڳ ۽ ٽڪي يا نشان لاءِ به ڪتب اچي) | |
| ڏاگدر (ڏاگدار) | ڊاڪٽر |
| ڏينج | ڏڄ |
| ڏنئور | ڏور (بيت) |
| ڏان | ڏانھن |
| ٻامون | ٻرامو |
| ٻاما ڊول | ٻاوان ڊول |
| ٻاکون | ٻاڪو |
| ڊِليوَرِ (ڊِيوَر) | ڊرائيوَر |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| روجي | روزي |
| رکِ | رُخ |
| ريمان | رحيمان |
| رهندڪِ | رهنڊڙ |
| ريمت | رَحمتَ |
| رواز | رواج |
| رئو | رهو |
| رَمڦاڻ | رمضان |
| ريجو | ريزو |
| رکارٽ (رکاٽ) | رڪارڊ |
| رُشڪَتَ | رُشوَتَ |
| زارِيتَ | زيارَتَ |
| زئڦان | زائفان |
| زابدو | ضابطو |
| زتيم | يتيم |
| زناوَرِ | جانور |
| زِگري | ڊِڪري |
| زروڙِي | ضروري |
| زَبرو | جبَرو |
| زئيڦ | ضعيف |
| زقين | يقين |

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| سَڦا | صَفا | شوهَرِ | شهر |
| ساڳيو (ساڳوڻو) | ساڳيو | ڦاتا | فاتحَ |
| سيوَل | سيوَلِ | ڦشادِ | فَسادِ |
| سَهي | صحيحَ | ڦنسلو | فيصلو |
| سُمارِ | سُومار | ڦجرَ | فجر |
| سونتِ | سَنوَتِ | ڦقير | فقير |
| سکي (شکِي) | سخي | ڦُل | فُل |
| سنتِ | سَنَدَ | ڦوليس | پوليس |
| سِنگريٽ | سگريٽ | ڦيرنگ | فائرنگ |
| سونو | سُنو | ڦرار | فرار |
| سياسَتي | سياسِي | ڦقر | فِڪَر |
| سنديون | صَديون | ڦارم | فارم |
| شلي | ثاني | ڦُولادِ | فولاد |
| شاٻَشِ | شاٻس | ڦوٽو | فوٽو |
| شراڦتَ | شرافت | ڦرماش (ڦرماڇ) | فرمائش |
| شلوار | سلوار | قامِ | قائم |
| شُڪرَ | شُڪرَ | قَدمي | قديمي |
| شناڪتي | شناختي | قيامَ | قيامت |
| شيزادو | شهزادو | ڪارائو | ڪارائتو |
| شونق | شوق | ڪاميا | ڪامياب |
| شرافِ | شراب | ڪاڳر (ڪاگس) | ڪاغذ |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| ڪارَند | ڪارڊ |
| ڪارونپار | ڪاروبار |
| ڪاهچاري | ڪچهري |
| ڪراٿو | ڪراٽو |
| ڪوٿي | ڪوٺي |
| ڪيسول | ڪئپسول |
| ڪلر | خارِ |
| ڳَبر | خبر |
| ڪُٽابي | خُطابي |
| ڳَا | ڪَنا |
| ڪُشِ | خوش |
| ڪُفتِ | خَفتِ |
| ڪَشَتِ (ڪَشَتِ) | خشتِ |
| ڳَرابو | خرابو |
| ڪوام ڪا | خواه مخواه |
| ڪانوڪراب | خانو خراب |
| ڪُواجو | خواجو |
| ڪُتاپ | خطاب |
| ڳَفنِ | ڪفنِ |
| ڳرزِ | غرض |
| گيبِ | غائب |

| غلط | صحيح |
|---|---|
| گيبَتِ | غيبتِ |
| گور | غور |
| گفا | غُفا |
| گيراڪِ | گراهڪ |
| گلام | غلام |
| گيرَتَ | غيرت |
| گيلياسِ | گلاس |
| گُونرِي (ٽيبليٽ) | گوري |
| گنيمتِ | غنيمت |
| گوماٽجي | گهوماٽجي |
| گُٿو | گهٽو |
| گال | ڳالهه |
| ڳاڙو | ڳاڙهو |
| ڳراڻِي | ڳرائڙي |
| ڳُونهَ | ڳُٿون |
| ڳِنندو | ڳِنهندو |
| ڳيتَ | گيتَ |
| گهوتا | غوطا |
| گهمساڻِ | گمسان |
| گهَيرو | ڳيرو |
| لائِڪ | لائق |

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| لانتَ | لعنَتَ | مزمان (مجِمان) | مهمان |
| لوڦر | لوفر | مَدَتَ | مَدَدَ |
| لوَز (لڦس) | لفظ | ماذورِ | معذور |
| لمنبرَ | نمبر | مهتاج | محتاج |
| مامون (مامَد) | محمَد | مسلمين | مسُلمان |
| ماشُوم | معصوم | مو رڪٿِي | مُنهن رڪٿي |
| مائي | ماٺ ڪَر | مسنتَ | مَسَندَ |
| ماشو | ماسو | مقادو | مقاطمو |
| مَهجوُدِ | موجود | مودو | موضوع |
| مالِ (محل) | مَهَلَ | مَهاري | ماري |
| مڪتَبِ | مَڪتبِ | مُرڪندلو | مُرڪندڙ |
| مَلاڪِ | ملائِڪ | مائو (ماڙو) | مائهو |
| مَسِيتِ | مسجد | نائنگ | نائڪِ |
| مُساڦِ | مصحف | نالتِ | لعنت |
| مَراتو | مرحيات | ناڪِ | ناحق |
| مولبي | مولوي | ناموش | ناموس |
| مولينُو | مولانا | نوِي | نبي |
| مَسلَتَ | مصلحت | نَشڪو | نقشو |
| مِلتِ | مينٿ | نشاشتو | نشاستو |
| مُرسِيدِ | مرشد | نُشڪانِ | نُقصان |
| مَشڪَرِي | مسخري | لڪتو | نِڪتو |

| غلط | صحيح | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| نِيٺ | نيت | وِرَا | وراهه |
| واڪوب | واقف | هاڃو (هاشو) | هاشَمِ |
| وازبي | واجبي | هاجي | حاجي |
| وارنڊ | وارنٽِ | هيڪلو | هيڪلو |
| واڻ | واهڻِ | هٽال | هڙتال |
| وڪتِ | وقت | هران يران | هرويرو |
| وَجُوُ | وضو | يڪِي | يخي |
| وڳيرو | وغيره | يارلي | يارعلي |
| وٿي | ويهي | يوسپ | يوسف |

# باب ڏهون
## پهاڪا ۽ چوڻيون

هيءُ پهاڪا ۽ چوڻيون يا ڏوهيڙا ماجر کان ڪاري تائين مختلف ڳوٺن مان مليا آهن:

آياسين سڳ سجائي هت نڪو پٽر نڪو پاڻي.

آريسر گهر هوءِ ته ٽڪين تي تورا ڪري.

آيا ڪنگائي ويو پينجاريءَ مان پاڻي.

اُٺ نه مُٺا پرَ پورا مُٺا.

اُڏي ڪاڻي رات وهاڻي.

اک ڪاڻي ڪجي پر ڏس ڪاڻي نه ڪجي.

اگهه ڪتيو ڪاڻجي نه ماڻ ڪتيو.

اڪيلي جو الله بيلي.

انڌي پينو ڪُتيءَ چٽيو.

اوڏڙو پير چُلهه جو مارنگ.

اِي جي پونتر يا پُونءَ ۾ ته گهُنا به گهوڙين چڙهيا.

اورنگا ٺٺو بندر وٺو.

ٻُجڙي بيگان، تڏهن به ڏوهه ڏاتوءَ جو.

بندر جي بازارين ۾ سوين تڙيا سور.

بندر ڦٽو سوڪي وٺي.

ٻڪريءَ ڪي ساهه جي ڪاسائيءَ ڪي ماهَ جي.

ٻاهر ٻَرندي هرڪو ڏسي، منجهه ٻرندي ڪير ڏسي.

ڀاڳان وڃي ٻَرَ ڀاڻان نہ وڃي.
ڀاڳ هُجنئي ڀاري، نہ ڪونہ ڪندئي ويچاري.
ڀَلي نچي سليمت نچي، جنهن جو وَرِ ولائت کان ٿو اچي.
ڀل نچي مائي نَچي جنهن جو ڪنگرَ نائي جو اچي.
ٿوري کَٽي جَهجِي برڪَت.
ٽڪو ڏنو ٻرو ڇنُو.
ٽِڪَر ٽلها وڃَنِ گهٽا.
پنهنجو گهر الله جو دَرِ.
پرائي ڏيءِ ڦسي لوڪ تماشو ڏسي.
جاتِي ڦرب جي ڪاتي.
جيڏا توڏا اوڏا لوڏا.
جيٺري ڪونہ سَنِيان موئي دَڙ ٻَڙ پِٽيان.
جهڙو مهمان تهڙي مهماني.
جيڪي ڳڙ کائيندا سي چوڪڙا بہ سهندا.
جَجهن جوين گهر نہ هلي، ججهن هارين هر نہ هلي.
جيڪو ساڏي سو واڏي.
جيٺن ٽڏِ تيٺن وڏِ.
جيڪي هوندئي ڀاڳ ۾ سو وَهي پوندئي ڀاڳ ۾.
جنهن تي هٿا راڙا ڪاڙا سي کٽي ويا جهنگ ٻراڙا.
جاتي ڪُل جت ماڃَر ڪُل مٿي.
جتي ڪيهرن جا ديرا اُتي اُٺين جا ٻيرا.
جهوري جَهڻَ جي موسو مکڻَ جو.

جَهِبي نہ ڦبي ساجهيڙي ڦبي.

جهوريءَ وڏس جهوري.

چَرين ڪهڙا چتَ موٺن ڪهڙا مامرا.

چنڊ واڙو واءُ سَچ واڙو مينهن.

چوهڙ جمالي ڪِيسا خالي.

چَٽَ پٽن تي پٽ چٽن تي.

ڇَڇ مڙو ٿي ڇوڪريون ماجر مڙوئي جوءِ.

ڇُڙي مَڙي شاهہَ جي.

حَرامي هٽي بہ ياڳا ڪٽي.

خان جي خاني مون کي مهمانيءَ مان معلوم ٿي.

خالي گهڙو وڄي گهڻو.

دشمن لاءِ مال سڄڻ لاءِ حال.

دُهل وڄي، دوسو نچي.

درس پلي ڏڪي پلي.

ديس منجي پر ويس نہ منجي.

ديگ گسي ڏٽي وَسي.

ديرو ڦٽو اورنگا وٺو.

ڏوبي ڏوئي ڏٽي روئي.

ڏيٽس ڪان ٻاگهي وڏي.

ڏيهہَ مان ڏوري هَروءَ آنديون هريڙون.

ڏيهہَ مان ڏوري ٻاڙين لڌا ٻڳڙا.

ڏِگو ڇتو ٽٽي تہ ڪڪَ چَرندو نٽ نہ چرندو.

راءِ کي وٺي راڻي تنهن کي ڪير چوي ڪاڻي.
رَسي مان رسول.
رڙي ٽَڪن ۾ پَڙي جُڙيو جتن کي جواب.
زال تيڙَرِ پيچ ڪٽي گِيڙَرَ.
زالن تان جَنڊَ ويا مڙسن تان پند ويا.
سئو جي سَٽ ڏنڏي ۾ هَٽِ.
ساجنِ سوائي سڪَ نوائي.
سَمَر هُجنئي ساڻ تہ پيچ پاڌاين ڪان.
سَمَر نہ هُجنئي ساڻ تہ وٺ پر پاڌاين جي.
سڳا اُهي سيڻ پڪا جن جا اوڏڙا.
سلو انگوران پلو.
سوڪي ڦٽي ڪارو وٺو.
سندو ڦٽو جاٽي وَٺي.
شاهبندر ڦٽو چوهڙ وٺو.
صبر جِني ساڻ اوکي نہ پوي اُنهن کي.
غريب جي مار خبر نڪا چارَ.
غريب يار تہ الله جي آڌار.
فقيري تہ پوءِ کهڙي دل گِيرِي.
فقيري فکر ۽ فاتو تنهن مان ڪُجا جاڻي ڪاڪو.
ڦِٽيءَ تي دِلَ نہ پنچري.
ڦُرئي ڪان پوءِ دِپ ڪونهي، لٽي ڪان پوءِ اوير ڪانهي.
ڪونهي مڙس ملڪ ۾ تڏهن وانديون ٿيون وَس چَرن.

ڪڏهن ڪڏهن شينهن ڪندا سلام سَهن کي.
ڪاڇي واءُ ٻوڙي يا ٽوڙي.
قرض بي غرض آهي.
ڪاٺا ڳڪا ڇِتا هَٽَ.
ڪارو ٿنو ڳاڙهو ونو.
ڪَنَر پاڻ نہ ڪاري پر ٻين جو بہ هاري.
ڪِلَ مان دِلِ.
ڪر ڪَسو نہ خالي، آڏيو نہ پاوَلِي.
گنگوءَ جي گوڙَ جي خاوَندَ کي خَبرَ.
گهرگهٽو وينئي گهران اڳڻ آيو ٺٺي سَهان.
گهر غريباڻو خصلت خانداني.
گهاٽا گهر بندر جا ڀڙيءَ تي ويٺو ٻن.
ڳونهن (ڳٺون) ٻئي وٺي دشمن کي ڏئي.
لڳا لونگ اکين ۾ جعفر ويا وسري.
لوءِ وڙِهجي آلوءِ نہ وڙهجي.
ليکَ کي ميکَ ٻوٽي ناهي.
مائِٽَ مري وڃن پَرَ مڃيڃي نہ مرن.
مَري مري مصر جاڻو تنهن مان بہ اڌ پرايو.
مٿي مون ڪنجهين تون.
مِينهن پَنجين وٺي ڪَر هنجين.
ماسي سيائي دَم پنهنجي دَم پَرائي.
مڙس نہ ياڳ نہ نہ جانيي جو ساڳ.

مال تي مناٽي پَنڌ تي ياڙو.
نانگن جو فاتحائون ڦوڪن سامهون.
نيتَ بَدِ مانيءَ جو اڌِ.
واندو ماٺهو آٽي تي چَٽي.
واڳڻ ڪن کي وائي ڪِن کي بادي.
واهڻ وَهي ڇا ڏٻائيندا درياءَ کي.
واندي ماٺهوءَ جي توڻِ ڪوٺي، واندي زال جو ڏِگو ڪوڙو.
هاءِ جي ڪِٽي هوءِ ۾.
هَر هر، هلڪائي، در وڃڻ دوست جي.
هلندڙ گهوڙي جنهن کي رسي نه نوڙي.
هلندڙ حليمان، ڦرندڙ فاطمان.
هُنر نَر آهي.
ڄر ڪان اڳ ڦر.
چوڻيون:
آٽي کان دائيءَ سُورَ.
آيل چَشڪَن لاءِ نه مري ويٺل سَت نه ڇڏي.
ايرو گڏهه پاڻ سَٽي.
اُٺ وائيا تنهنجو ڪولو ڳرَو.
اُٺَ جي چوري پڪي ۾ ٽورو ٽي لِڪي.
اِهڙي ڪَر جو ساڪرو سهي.
الله سائين مون نه ڏئين مَنَ پاڙي ڏئين.
آڏ ۾ آري اڏم آڪهه.

اکين جو ڏٺو پيٽ جي بکَ
انڌي اکيان روئڻ پنهنجو نور وڃائڻ.
اربع خطاء ڪانہ ٿئي آهي.
اُکريءَ ۾ مٿو وجهي مولڙي (موئلي) کان ڇو ڏجي؟
اُٺ چڙهندي شينهن ٿي کاڌو.
اندر ۾ ڪئنچون ٻاهر رام رام.
اهڙا جي تِيل سستا هئا تہ گدڙن بہ ڳلون مکيون.
اکيان رڪ پيو رائنيون ڪري.
اگهہ اگوٺو تور سُنوالي.
ادي مُئي، ادا جائو اسين اوتري جا اوترا.
اُجاريون پاڻي پئن، ڏڪاريون کونہ پئين.
انڌا بہ ٿا بازار گهمن.
اُٺَ جو بار بہ ڄَٽَ تي.
اُٺ اُتي ٿي ڪونہ، ڀڳت ياڙو.
اٺو کاڌو ڪوئي، مار پئي گابي کي.
اُٺندو اُها جا ڪوريءَ جي مَنَ ۾.
اِهڙو تکو آهي جهڙو آچار گاڏي.
اِهي ٿيا جڙيئي ڇنڊَ وارا پارَ.
بکَ نہ ماري، موت ماري.
بَصر ٻچي بانسَ ڪري.
بي عزتي ٿُکَر کان عزت جي بک ڀلي آهي.
بي علم انسان انڌي جي آچار آهي.

ٻوڙو ٻُڌي ٻہ دفعا.
ٻاڙيا گڏيا ٻڙين کي جيئن ڪورن ۾ جائي.
ٻڪيءَ تي ٻئي نہ هوندي آهي.
ٻلو گهوڙو ٻاڻ چڙائي.
ٻجندڙن جي اڳ ۾ هٹندڙن جي پُٺِ ۾.
ٻڪن گهڙن ڪڏهن ڪَنا پيا.
تون ڪهڙي آمي ابڙي آهين؟ (آمي عورت، جيڪا سُونهن جي ڪري مشهُور هئي).
تَنجَڻَ واري عادت ڪَفَن ۾ چڙي.
تون ميان ڪهڙا ٻتين تان ٻَتَ پيو اُڇلين؟
تڪي تي ٻُڃ جَهلائي.
توري ڦاتي جَلد تدارڪ ڪِجي.
تڪو ڏيئي پرايو ٻار ڪارڻ.
توپ جي ٻاڙ ٻاندي جو ٻڇ.
تُولا لڳندا تہ ٻڻ ٻڻِ ڪندا.
ٻَنڻَ ڪان پڙهڻ ئي وانڌو ڪونهي.
ٻوڪيءَ ڪان رائي ٻلي آهي.
پنهنجو ڏنئورو ڪير ڳَٺو چوندو؟
پڙهي ٻاڻ ڪونہ جائي- ماري ڪُتابين (خطابين).
ٻوءِ ٻائي ڪان قرض نہ ڪَڄجي، توٽي لڪ لُٽائي.
ٻَنو ٻلو ٻَرَ ٻني جي گهل ڏُکي.
پرايو پئسو چَپَ تي ٽاندو

ٻچي (ٻچ) ٻَڌي مَهارِي ٻنائن.
جاتيءَ جو جت تہ ڪونہ آهين؟
جاتيءَ جا جُوان پيرن اُگھاڙا.
جَهانِ هٿي جَهنگرَ اسان وٽا پري پيون.
جھڙو تتي مان تھڙو ٿي داتگيءَ مان.
جَجھي پارت پٽَ جي پيٺ.
جَجھن کجي ڇپر بہ کجي وجي.
جھڙا ادائي تھڙا سادا ٻہ.
جِتَن سان ياري رکي ڪکن جا پونگا ڪونہ آڏبا.
جيڪا ڏڏي سان نہ مِڙي، سا ربب سان ميڙجي.
جنهن جي وَل ڪاري، تنهنجا پِتا بہ ڪارا.
جتي مِينهن پوَن اُتي چڪُون بہ ٿين.
جِتِ لڳي اُت لائِجي.
جيرو نہ ماري، پَرَ جَرَ ماري.
جَرڪي جو پوڙ ڪاٺ جي هوٺل.
جھوري جَهڻ جي موسو مکڻ جو.
ڇَريا ڪريا پَر مائٽن جا.
ڇٽي پير مَردَ ڪُنِي ڇتيندين؟ ڇيائين آبا ويٺي ڪونہ وڌنڊين.
ڇٽي مِٽي آهي.
ڇَرن تي ڇَمَ ٻيرَن تي رنگ جي تڪڙا آهيو تہ سوٽي ڏيو وڃو!
ڇريا پنهنجي وس ڪونہ هوندا آهن.
ڇڏ منڍي کي واريءَ ۾.

چوري نندي پر ڊها ڳهٽا سنيري.

حق پاڻيءَ ۾ بہ نہ وڃي.

حاڪماڻو حَشر موچڙن سان بہ پڄي.

حجامَ! ڪُنو باني ڪَنيو وڃي، چئي اَبا ڇپيندو تہ چاسون لهندو (باني حجامڪي اوزارن وجهڻ واري چمڙي جي ٿيلي).

خُواجو ٿُنڊ پٺي ڪان تورو ٿي رهي.

خوشيءَ مان ڪريو آهي.

درياءَ ۾ لُڙ تہ ڍوري ۾ بہ.

دوڙ پٺي ڏڙڪي ويٺي.

ڏٺيءَ ڪان سواءِ ڏڻ سُجون.

ڏئي رب دلوراءِ ڇا ڏيندو.

ديوڙي سا، ايرندي ڏيکا ڏئي.

ڍيِ چرڻ سان ٻک ٿورئي لهي.

ڍاندي گدڙ تہ ڪونہ آهين.

ڍنڍ پرائي ڍونڍ مُهاڙ.

ڍڳو تہ آروڙو.

راند ۾ نڪو سيد نڪو پير.

رَن پرائي نَخرا نوان.

رڍ اڳئي مرڻي بَدِ پٺي بَگهاڙ تي.

رڍِ ڪير ڏئي پولڙين جي آڌار.

رهاڻ رَسَ ۾ ڇڏِجي.

رڙيءَ جو شاهوڪار تہ ڪونہ آهين.

رنبي وچي نڪري ڪٿڻ پوي ڪاٺ ۾.
رڍَ سستي ٿئي تہ پڇ ڪٽي ڏسوس.
زيري لاءِ ٻڪري مُردار.
ساءِ مان سئو گُڻَ.
سئو سانگا قوت جا تہ هڪ سانگو موت جو ڪجي.
سائو ڪٽي پيٽ ٻڪئي وچي ساهہَ.
سمان مُئا پَرَ لوڏ نہ ڇڏيائون (سِيلَ نہ ڇڏيائون).
سڄڻ جو دلاسو ئي ڪافي آهي.
سِپي ننڍي پُڇ وڏو.
سامي جي سياڳا هٿا تہ مائٽن جون مڙهيون وسائين ها!
سُتل شينهن جي ڪَن مان ماکي ڪير چاٽي.
سون کي ڪهڙو ڪَس.
سُڪل ڪاٺ ٻَہ پاسا جهوري.
شَلَ آن (اوهان) ۾ هجي ٿانءَ ۾ ٿي پوندو.
شينهن جي ڪن مان ڪير مَر ڪڍي.
شڪاريءَ جي لاهجي پنهنجي چاڙهجي.
شهيدن کي ڪهڙا غُسل.
صَبران جيڪو ملي سو تڪڙان نہ ملي.
عقل جو تہ ڪاڪو آچار آهين.
غريب جي آهہ عرش ڏاري (اُپ ڏاري).
غريب ٿي مري تہ ڪانڌي وچي ڪونہ ڪو.
فقيرن جي ٻار کي پنڻ تي ڪهڙو شرم.

فقيرن جي گودڙي ۾ پنچن ۾ بہ پڌري.
فقيرن پنڊين، ڪُتن ڀهنڊي ورهہ گذري ويا.
ڦاڙهو جتي ڪاٺي، اوجهہ بہ اُتي ڏٺي.
ڦٽائي نہ ڪک سان متان اُڏامي اک ۾ پوي.
ڦلهيار ۾ ڦوڪون ڏيڻ سان سون ڪونہ ملندو پر اُٿلو منهن ميرو ٿئي.
ڦهر نہ ڪر پيءُ جي نگري آهي.
ڪاڪو ڏنو ڪٽنب ڏنو.
ڪٽي محمد خان مختيارڪار ڪٽي مٽرن جي دال.
ڪوسو پاڻي ڪک نہ ساڙيندو.
ڪچيءَ ڪَنا نہ وريا ٽنهنجا پڪيءَ ڇا ورندا.
ڪَم پوي تہ ڪَلَ پوي.
ڪنهن کي ڏان ڪنهن کي ڏڪا.
ڪٽي مان خبر پئي تہ ديگ پڪل آهي.
ڪڳا کوهر ۾ مريون مانڊ پيون ڪُٽجن.
کير جو ڪاٺيل لسي بہ ڦوڪي پئي.
کُنيو واٺيو ونهيون ڳولهي.
ڪنٽي گهران ڪونہ واٽان ڦريو. (ڪنيائين گهران ڪونہ ڇٽي واٽ تي ڦُريس.).
گڏهہ جو کير ڪوديءَ لاءِ پورو.
گُونگن جو آجون مائٽ سمجهن.
گڏهہ جي لتَ کان گهوڙي جي لتَ ڀلي.

ڳُنڊئين ڪير ملي تہ مينهن ڏارڻ جو کھڙو ضرور.
ڳِلاخور جو ڪائيجي پَرَ مينهڻي خور جو نہ.
ڳالھہ نہ ماري پَرَ ڳالھہ جو مامرو ماري.
ڳُڙ بہ منو تَئي بہ تِکي.
ڳِجھہ جي نظر ڊوندَ تي.
گھوٽ ماءُ گھر آئي انئيار ماءُ اُٺي بيٺي.
گھوٽ ماءُ گھر آئي ڪُنوار ماءُ ڪتڻ ويٺي.
گھوٽ ماءُ کان انيئار ماءُ کي تکڙ جَجھي.
گھر ۾ نهي ڪونہ ڪُڪڙ (مُڙس) سنئين ڳالہ پيو اچي.
گھر ۾ ڪڏ هجي تہ ٻاهر اُڃلڻ جو کھڙو ضرور.
گھوڙو پڇي توبري کان توبرو سامھون.
لِيکا ڏي ٻنوري وارن کي.
لِيمي ايندي لِڇڻ سان.
لِيمي وڃي پَر لڇڻ نہ وڃن.
لِيمي تڏهن وڃي جڏهن لڇڻ وڃن.
ماءُ کِجي ڏيءَ کي ڏيءَ کِجي ڏکن لاءِ.
ماءُ ويامي هڪ پيرو زبان ويامي سئو پيرا.
مُنهن کان مٽي ڪياڙي توروئي آهي.
مُڙس تہ وير.
مردن کان سواءِ ڪي ويھون ٿيون.
ماريءَ جي گھر هڏا.
مُئا ڪي مسائڻ مان موٽيا آهن.

موچيءَ جو گهڙيو موچيءَ جي مُنهن تي.
مور گهٽئي سهٽو پر پير وِنگا.
مرشد کي گهر ۾ ويهاري کو تکي جي کنڊ ونڻ نہ وجي.
مينهن وسي هڪ دفعو ڇَنُو ٿمي ڇهہ پيرا.
مِينهن گهٽائي وٺا پَر ههڙيون گپون ڪڏهن ڪونہ ٿيون.
نالي چڙهيو واٺيو کٽيو ڪائي.
ننڊ نہ ڏسي هنڌ، بک نہ ڏسي طعام.
نُهن سان ڇجي، تنهن لاءِ ڪاتيءَ جو ڪهڙو ضرور.
نهيرڻ تکي تڏهن بہ نُهن لاهي.
وڙهيا وايا اَڙيا آهتي.
وِهہَ جو واپاري وِهہ مان ڪائي.
وجي تَـتَرِ تَڏِ (يعني روزي لاءِ ڪوشش).
وڻ ڏنا تہ ڏيهہ ڏٺو.
ويٺي سنگن لاءِ، آئي ڪَنَ ڪپائي.
وات جي پُلاءَ کي داغ جي ڪهڙي ضرورت.
وات گڏيئي کان نالو ذات ضرور پُڇجي.
وٺيءَ کي وَرَ گهٽا.
واهَ ڙي بابڙا تنهنجي پَتَ ۾ گيهہ.
هتيار هت ۾ ناٺو ڳِٽ ۾، (ڳِٽ يعني چيلهہ).
هڪ گهر، بيو ڳنگهرِ.
هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا ڪندي؟
هُو نِين نہ نِين پَر آئون پَيلهہ چڙهان.

هُو چئي منهنجي هٿ تي نہ چڙهہ، هُو چئي ڪمندو تور.
يارن سان بہ پنبئون.

**منظُوم چوَٽيون:**

آسُور، اُٿي بہ ٿي ڳتا ڳُور.
پيٽ تي پراڙ، سچو ڏينهن مَن ڪراڙ.
انڌيون ٿيون رِلهيون سِبَن.
ٻُڪئي ڪي ٻَصَر سان روٿي رڪيائي.
ٻَدو- ٻڪن ڪَدو. (هنديڪو ڇهون مهينو).
جي ننڊان ڪَرَ نہ وريا، تہ ڏينهن ڪريا وري نہ وريا.
پيڻ ڙي پيڻ، پاڻ مَرندي ڪهڙا سيڻ.
پتڙ تہ ٻڪيو، غريب تہ گدِو، خاشو تہ خاصخيلي، تونگر تہ طاهرائي.
تن توڏانهن، مَن گنديئن واري ڏانهن.
اڪيون آٽر هيٺ، گهورِيس اُن تان جيڪو سُتل آهي سُڪل ڍنگر هيٺان.
ٽَڪَ عيسيٰ جي، ٽَڪَ موسيٰ جي، ڏڻ مڙوئي ڏُنڌڻ جو.
ٽَلهو چِٽُو، وڃي گهٽو، لار ڪونهيس لَڏي گهٽو.
پلو، سيري ڪان پلو، سيري نڪو ساءَ پَلو گوڏا ڪوڙي ڪاءَ.
پوهَ، لاٿا لوهہ (پوهَ هندي ڏهون مهينو).
جيئري هَٽنئي ہت، موئي وِجهنئي پَٽ، هاءِ ڙي مُئي جا مِٿَ.
جيڪو وڃي جائي (جاوي) سو وَل نہ آئي (آوي) جي آئي (آوي) آئي تہ پڙ پوٿا ڍائي.
ڄيٺ لِڳَنِ ميٺ (ڄيٺ هندڪو ٽيون مهينو).

جهوري جَهڻ جي، موسو مکڻ اهو ڪنيوئي ڪوٽ ۾.

چيٽ، لڳن ميٺ، نندي وڏي پيٽ. (چيٽ هندي پهريون مهينو جنهن ۾ نندي وڏي ميڄي آنيءَ سان هوندي آهي).

دريا پيرڊا دِلا، گجي ڪر گهوڙ، گونگاٽيءَ تان پيرو ڪري اچي بهاديپور بوڙ. (هڪ گمنام درويش).

ڏئي اُن ڪي ڏيٺي، ڏيئي جي جاٺن، متان ساڻ ٻئن، ڏئي ڏک پرائين.

سياري سورٺ پلو، اَر اونهاري گجراهہ (گُجرات)، ورِ سياري ڪَڇرو پلو، سنڌڙي پارو ماهہ.

سيري جي سڏ تي ٻہ ٻہ ڪنيائون ٻار. هڪڙي کي گپايائون گپ ۾ ٻئي کي ڪڍيائون مار، جڏهن تي سيري جي سَنپارَ تہ ٻہ، ٻہ چماٽون ٻار کي.

سيد سپاهي تہ غضب اِلاهي، جي تئي کَري جي لائي تہ ڏيڻ ڏٿي سان آئي.

سيد تيو نوڪريءَ ۾ تہ ڪندو ٻاڻ کي گُڏي، جي تيو بروچ (بلوچ) تہ ڪندو هُڏي ۽ جي تيو شيدي تہ ٻيڙي ئي ٻُڏي.

سُمهِ انهن سان سُمهٽي سُمهي جي جاٺن. متان ساڻ ٻئن سمُهي سُورَ پرائين.

سُلهِ اُنهن سان سُلٽي سُلِي جي جاٺن، متان ساڻ ٻئن، سُلي سکِ ڦنائين.

سَچ چوندي يار رُسي تہ رُسڻ ڏينس، ڦٽي ڏيندي وار ڪُسي تہ ڪُسڻ ڏينس.

ڦڳڻ پوسارو راتيان سيارو. ڏينهان اونهارو. (ڦڳڻ هندي ٻارهون

مهينو).
ڪوچار پَن ڀوڙيا راهين پر ويهي، راهين ڇيو ڪوچار کي تہ ٻچ تہ ٻچون نہ تہ ٻُڌاسين ٻيئي.
ڪَرَمي هَٿ ڪَارِ، ويلي (وانڍي) هٿ وِڃِڻي.
ڪر ٻَند هنيون هنڌ ڪَر کي ڪستوري ڪندي ٻڌي چار.
اڇيس ٻَسُوري- ليٽي پوي لِڏِ ۾.
ڪاءُ اُنهن سان ڪاٺي ڪاٺي جي ڇاڻ، متان ساڻ ٻئن ڪاٺي خلق وڃائين.
ڪِلُ انهن ساڻ ڪلٺي، ڪلي جي ڇاڻ، متان ساڻ ٻئن ڪلي خَلق ڪلائين.
ڪيڙبندي ڪُتين ۾ اڪيون ڄاءِ ڪجن چونيءَ ٻڳي هڪڙي، تٺي تولَ ڪرنَ، هارين هر ڪُلهي تي ڇڙيا ڏاند چَرن.
ڪاري جي ڊوري، ماڇر جي چوري، ٻاهر سوڙهي، هيٺ اوڙهي.
گونگاٺين جي گام ۾ رَتي مَ رهو، تڏو ملندي ڪونہ ڪو، ڪُتي وانگر ڀَهو، مانيءَ ٻدران موچڙا- گاهہ ٻَدران گٺو. (گونگاٺين جو ڳوٺ تعلقي شاهبندر ۾ آهي).
گڏهہ لاءِ سونٺو ڀلو، مهاٺي لاءِ پونو ڀلو.
گهوٽڻ مَهل گونگا، ڇاٺڻ مَهل ڇتا. ٻيٺڻ مهلِ ائين جيٺن گونگاٺين جا ڪُتا.
گُهمر انهن سان گهمٽي گُمهي جي ڇاڻ، متان ساڻ ٻيٺن گُمهي گهر ڦنائين.
ماءُ جنهن جي جَهڙي ڏي تنهنجي تهڙي، ڳالهہ ڪجي ڪهڙي، آڪهہ

ٺي اهڙي.
مانگهہ، ڇوڙا ڏاگ.
مانگهہ اڏين ڪَمر ڪَڏين وَريا اُتر پانڌ، رُنڙيون سي مُنيون، جن نوان ويهاريا ڪانڌ. (مانگهہ هندن جي يارهون مهينو).
مُلان تہ پَتِ، گهوڙا تہ پَتِ، هو جي ڪَسيا تہ رَسيا، وينا تہ ڇَٽُ.
وياهَ وياٽي، پيرا پاٽي. (وسياگ يعني وياهہ هندي ٻيو مهينو).
ونيو وڃان واٽ، تہ ڪپڙ ۾ ٺيو ڪُڙڪو جي هٽان لوٹون تہ گدڙ ۽ ڄرڪو ڪليو پيا ڪيرا ٿين.
هَلَ انهن سان هلٽي هلي جي ڄاڻن، متان ساڻ ٻڻن، هلي حال وڃائين.
هيڪوٽي هندو ڪري، ٻيٽي مُسلمان، ٽيٽي سو ڪري جنهن ڪنڌ تي قرآن.
گڏيل:
پارسي نہ ڪارسي ڪارسي تبِ گهوڙي چاڙهسي.
پنهنجا سِنگ، پَرايون سيرائِيون.
تڏهن تي ملير مرڪي، جڏهن مول (مُٺل) اٿس ماءُ.
جيڏي رات اوترو سوڻ ڪونہ ڪبو.
جي ٿابو اڇي جَتَ کي تہ ڇوي مُئو چانگ.
جهڙا مائٽنِ جوَ، تهڙا سائورن.
حُبَ ڪان سواءِ هوڏ بہ ڪوڙي.
خود ثنا، آخر فَنا.
خَس ڪَم جَهان پاڪ.

دامي، درهمي (ڏرمي) قدمي سُخني.
ذات پلي يا زَر پلو.
ذات ان جي پلي جنهن جي گهر مهنڌاڻ پلي.
زن، جهيڙي جوڙين.
سُتو طعام وسري ويندو، پَر ڪڙو وڻ ڪونہ وسرندو.
سوپارو نُو سوا لاک، لِمبُو لئي لک چار، آمي واتو پارنهين.
چيڙ ڏوڪڙ چار.
ساهہَ ماريِ ڪو سائو ٿيو آهي.
شيخن کي پَتَ جاڳيا.
شرم وڏي شئي ڏاتار جنهن کي ڏئي.
قَدِ مِثلَ هاذا، ماذا مِثل هِيَ.
شَلَڪ- مَلڪَ. (حمام دستي گهڙڻ لاءِ هتان جا ماڻهو عربي محاوري ۾ اِهو جملو ڳالهائين).
ڪانگ کي وُهہ ٿئي تہ ڪري سانياهو سمونڊ ڏي.
ڪَتي کي مزوري ڪوڙ.
لڳي نہ هوئيي تہ لڳي والي نون پوڇهہ.
لوٽي ڪان ڀهڳڻ ڳرو.
ميمڻ جي وجي مڪي، تڏهن بہ ڪاٺي توري تڪي.
ڪاهياري ٻلي ڪوئي سندي.
واندو ڪُتو ٻُت وينو چٽيندو.
هيڏي نہ سمن ڪئي نہ سومرن ڪئي.

# باب بارهون
# مقامي لوڪ گيت

ٻين خِطن جيئان لاڙ جي هن خِطي، (ماچر، ڪڪرالي ۽ ڪاري) ۾ پڻ "لوڪ گيت" هر خوشيءَ جي ڏينهنَ تي ڳايا ويندا آهن. لوڪ گيتن جي بيشمار قسمن کي هتي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ اُهي جيڪي شادي کان سواءِ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي ڳايا وڃن ٿا ۽ ٻيا رسمي گيت جيڪي صرف شاديءَ جي موقعن تي ڳائجن ٿا.

شادين مرادين کان سواءِ ڳائيجندڙ لوڪ گيتن ۾: جمالو، گولاڙو، مورو، لولي، ڏانڊئي جا گيت، ڇيڄ جا گيت، ليلالو، گڏيون، مارئي، اورائو يا اولاڻي جا گيت، لاباري جا گيت، ٻليءَ جا گيت ۽ همرچو وغيره شامل آهن. (١)

رسمي لوڪ گيتن ۾ شادين، مرادين جا خاص گيت شامل آهن، جن ۾ گهوٽ ڪُنوار جي شخصي خوبين سونهن سوڀيا ۽ هڪ ٻئي لاءِ پيار محبت جا نيڪ جذبا، اُمنگون ۽ خيال سمايل هوندا آهن. انهيءَ موقعي تي ڪيل ساڻ سَنَوڻ، هارَ سينگار ۽ پاتل زيورن، ڳهن ڳِنن جو پڻ خاص طرح سان ذڪر ڪيل هوندو آهي. ان کان سواءِ ٻنهي خاندانن (ساهورڪي ۽ پيڪي) جي هڪ ٻئي سان ميٺ محبت ۽ گهوٽ ڪُنوار جي دائمي خوشحالي ۽ خاندان جي واڌ ويجهه جا نيڪ نيتيءَ وارا سُهڻا احساس بہ ٻُڌڻ وٽان هوندا آهن. اِهڙن گيتن مان مڱڻي جا گيت، مڱڻي جي ڪير پيارڻ وقت جا گيت، ڏينهن

(١) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- مصنف: ڊاڪٽر غلام علي الانا.

ٻڌجڻ جي موقعي جا ڳيچ، مينديءَ جا ڳيچ، ڄاڄين جي اچڻ ۽ آجيان جا ڳيچ، موڙ ٻڌڻ جا گيت، پڙي ڳارائڻ جا گيت، لانوَن ڏيڻ جا گيت، ترگس (سرگس) جا ڳيچ، ڪنوار کي گهوٽ سامهون ويهارڻ جا ڳيچ، نِڪيتيءَ جا گيت، ساٿَن سَنوٽن جا ڳيچ، سانجهيءَ ڏيڻ جا گيت، ڏاوڻ جي ساٽ جا گيت، لاڏن (لاڳ وٺڻ وقت لنگهيون چون) جا گيت، دعائن جا سهرا ۽ هيرا (جيڪي عورتون خوشيءَ وقت مذاق طور هڪ ٻئي کي ڏين) وغيره قابلِ ذڪر آهن.

## ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جا غير رسمي مشهور گيت:

ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جي علائقن ۾ مختلف خوشيءَ جي موقعن تي جيڪي لوڪ گيت ڳايا وڃن ٿا انهن ۾ مقامي توڙي غيرمقامي زبان استعمال ٿيل آهي.

**جمالو:** ٻين علائقن جيئان ٺٽي ضلعي جي ماڃر، ڪڪرالي، ڄاتي ۽ ڪاري وارن علائقن ۾ ”جمالو“ بہ ڳايو وڃي ٿو. هن ۾ حُسن واري جي تعريف بيان ڪئي ويندي آهي، هن ۾ ”هو جمالو“ ورائي طور هر بند کان پوءِ ورجايو ويندو آهي. هنن علائقن ۾ پهروڪي جملي جي ورائيءَ ۾ حرف ”ڙ“ جو بہ بعضي استعمال ٿئي ٿو، مثلاً: جمالڙو جتن جو هو جمالو“. جيڪو هتان جي خاص سڃاڻپ آهي:

جمالڙو جتن جو هو جمالو
جمالڙو پنهنجن جو هو جمالو
هن ٺٽي واري پُل تان– هو جمالو
سو لهي نہ منهنجيءَ دل تان– هو جمالو
جنهن جون اکيون ڪجليون ڪارڙيون– هوجمالو

جنهن مُيون دليون جيارڙيون– هو جمالو
جنهن جي چيله چيتي وانگر– هو جمالو
جنهن تان گهور شاهبندر– هو جمالو
جو ککرالي جو کَندِ ڏٺي– هو جمالو
جنهن سان کير ملائي اک کٺي- هو جمالو
جيڪو مير آهي ماڇَر سندو– هو جمالو
جيڪو جُوان آهي جاتيءَ جو– هو جمالو
جيڪو کٿي آيو کاري مان– هو جمالو
کيٽي بندر کاري مان– هو جمالو
ڙي جمالڙو جتن جو– هو جمالو
جمالڙو پنهنجن جو– هو جمالو.

گولاڙو: هي گيت خوشيءَ جي موقعي تي ڏانڊئي جو ناچ ڪندي چوَن، جمالو وانگيان هن جي مصرعه جي پڇاڙي ۾ لفظ "گولاڙو" استعمال ڪيو ويندو آهي:

آلا گولاڙو ڙي، واه، واه گولاڙو
واه، واه گولاڙو ڙي– آلا گولاڙو
چڱا ياڻر گهرائي ڏئي گولاڙو
آلا گولاڙو ڙي– واه واه گولاڙو
امان گولاڙو ڙي، ادي گولاڙو
گولاڙي گُل گهوريان– آلا گولاڙو
واه– واه– گولاڙو– آلا گولاڙو.

گاڏيءَ چوان سيٽي، پوءِ پيرن پر بيٺي
لوليون کي ڏيندي جاني، لوليون ويٺي ڏيان
گاڏيءَ چوان چيلو، کونہ ڪيمر حيلو
لوليون ويٺي ڏيان، سائين لوليون ويٺي ڏيان
گاڏيءَ چوان بابُو- قربن ڪيٺي قابو
لوليون ويٺي ڏيان- دلبر لوليون ويٺي ڏيان.

**ڏانڊائي جو گيت:** هيءُ گيت ڏڪر جيڏن ڪانيءَجي ٽُڪرن (ڏونڪن) کي وڄائي ڳايو ويندو آهي. گيت ڳائيندڙن مان هر هڪ جي هٿ ۾ هڪ، هڪ "ڏونڪو" هوندو آهي، پوءِ چوڌاري ڦرندا ۽ نچندا ويندا آهن ۽ ڏونڪو هڪ ٻئي جي ڏونڪي تي هڻندا ويندا آهن. هي ناچ خاص ڪري عورتون ڪن ۽ هڪ ٻئي سان ڪِلَ پوگ بہ ڪن. ماڇر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جا ماڻهو هن ناچ کي خاص نالي "پيڇن جو پاڙو" سان سڏين ۽ گيت کي "پيڇ" جو گيت ڪري چون. گيت جا ٻول:

هينئين پاڙي آءُ، هينئين پاڙي آءُ
مٿيون پاڙو پيڇ جو آيو لٿي راڻل آيو
ڪارڪون ڪاٺي چڏئين، ڪارڪون ڪاٺي چڏئين
ڪکيون تہ لڳيون پيڇ کي- آيو لٿي راڻل آيو
سوڙهيءَ گهٽي آءُ، سوڙهي آءُ
سوڙهيءَ گهٽيءَ سُٽي ڦاٽي سَوَ جي
آيوڙي راڻل آيو، آيو لٿي راڻل آيو.

**ڇيڄ جا گيت:** هيءُ ناچ جو هڪ گيت آهي. هن جا ٻول هن طرح

آهن:

آماريا خان آهيان. مارو مون کي ميهٽا تا ڏين
مان کي طعنا تا ڏين.
مان واڳڻ تي وَلان مارِيا ڪوڙو نہ ٿئي
آمارِيا خان آهيان، مارو مون کي ميٺا تا ڏين
مان کي طعنا تا ڏين.
ادا ڙي سونارا مون کي پانهين گهڙي ڏئي
ماريا ڪوڙي نہ ٿئي، مارو مون کي پاراتا ڏين
مان کي طعنا تا ڏين.
ادا ڙي وادا مون کي کَٽَ گهڙي ڏئي
ماريا سوڙهي نہ ٿئي، مارو مون کي طعنا تا ڏين
آماريا خان مارو مون کي ميهٽا تا ڏين.

هيءُ گيت هڪ پير تي نچي ڳائبو آهي.

ماڪوڙا ڙي ماڪوڙا ڪان ڪيڏي ڏئي
ڪانِ هـَٽان پير ۾ چـٽي پـون ٿـئي
هن پاسي جي مور مچي هن پاسي جا ڪارا ڪڳا
جام صاحب (١) سوپ کَٽي مَنگل (٢) اُتي يـڳا
واهہَ، واهہ چيٽا هَم چٽيڳا آجا چيٽا هَم چٽيڳا
پَمپَا چيٽا هـَم چـٽيڳا.
واهہَ، واهہَ (٣) چيٽا هَم چٽيڳا

(١) جام مان مراد ڪڪرالي جو جام. (٢) مَنگل مان مُراد ڪڪرالي تي مغلن جي ڪاهہَ آهي. هي گيچ ڪڪرالي (تعلقي شاهبندر ۾ خاص طرح) ۽ ڪاري طرف خصوصا ڳائجي (مصنف). (٣) چيٽُو خاص ڪاري جو ڏٽ آهي. مٿان کَلَ هئيدي ٿيس اندرانِ اڇو ٿئي. چانورن وانگر رڌي کائجي، چون تا هن کي ست کلون ٿين.

ڪوراڙي ڙي ڪوراڙي، ڪوراڙي ڙي ڪوراڙي
منهنجي ياءُ ماري ڪِنگرَ ۾ ڪوراڙي
ڙي ڪوڙاڙي ڙي، الله (لا بہ چوَن).

**ليالو:** هي انتظار ۽ اوسيڙي جو گيت آهي، هن جا ٻول هن طرح آهن:

لَيالوڙي ليالو اسين ماڻهو ماڃر جا ليالو
ڪڏ ڪٽيو تي سڏ ڪريان ليالوڙي ليالو
ٻير چڙهي تي ڏير ڪريان ليالوڙي ليالو
ڄار چڙهيو تي يار نهاريان ليالوڙي ليالو
اڪَ چڙهيو تي ٻُڪَ ڪٺان ليالوڙي ليالو.

**گُڏيون:** ننڍين ورني وجڻ وقت پنهنجي ماءُ کان موڪلائيندي هي گيت آلاپيندي آهي:

هي منهنجون گُڏڙيون پيتيءَ ۾ جانڪي رکَج امان
جڏهن ايندم جيدڙيون تڏهن پوندئي پور امان
هنيئڙو نہ لوڏ امڙ ڏئيڙي پرائي
هنئيڙو نہ لوڏو ماءُ ڏيئڙي پرائي.

**مارئي:** هيءُ بہ وچوڙي جا گيت آهن. اڪيلي يا عورتون گڏجي مارئي ڪُجَن. اُن بعد مارئي واري ٽيهن ڏينهن جا بيت واري واري سان چون. ننڍين نويلي ڪُنوار ساهورن وجي مائٽن کي ياد ڪندي بہ آلاپي.

**ڪافي واري مارئي:**

ديس وسي دلدار ملڪ اباڻو آهي بَتيُون، بَتيُون

قلمر وَهي ويو ڪَلدار خاص وٺن ۾ ڪتيون، ڪتيون
مارئي گهڙو ڪٿي هلي هُئي جا ڪوهہ تي نصيب آٿي اڙائي
لوئي اباڻي لِيرَ خاص وٺن ۾ آهي ڪَتيُون، ڪٿيُون
پَٽَ پٽِيهر مور نہ پايان، لوئي اباڻي لاڏُون نہ لاهيان
ملڪ اباڻو مير آهي بتيون، بتيون
فقير گل شاهہ چئي، اِيَ جڳ فاني ٿيندو
ڪَمر نہ ايندو ظُلم زور ملڪ اباڻو پتيُون، پتيُون. (١)

## گيت واري مارئي:

پانهيڙ واري اسان جي مٺي مارئي
مارئي، ماري تنهنجي مينهڻن
سُتي ننڊ ڪٿي ڪانہ نيڻن
اڪيون آرامر سي ڪيڻن ڪن.

ورائي: ڍُهريءَ واري اسان جي مٺڙي مارئي
مارئي- مارئي تنهنجي مينهڻن
اڪيون آرامر سي ڪينءَ ڪَن

ورائي: نٿ واري منهنجي مارئي- مٺي مارئي.

بينسر واري منهنجي مارئي، مٺي مارئي
مارئي ماري تنهنجي مينهڻن
اڪيون آرامر سي ڪينءَ ڪن.

## ڏورن واري مارئي:

پهرين رات پڙهہَ ۾ اٺايس عُمرَ

---

(١) فقير سيد گل محمد شاهہ جي مٿين ڪاني عورتن ڪان ملي ليڪن فقير سيد گل محمد شاهہ بابت ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي آهي، تہ هُو صاحب ڪٿان جو هو؟

وِيمَ سڀ وِسري ڏاڍايون ڏمرَ
ٻِيءَ جا باباڻا سُتي مون ساريا
پيرا ڏيو پِنن تان وَلـرَ مون تي واريا
ٽيئيءَ جو ٽِڪَڙ ٽيو اسان وَٽ اُهنجو
پيرا ڏيئي پِنن تان پاتيان پاءَ پنهنجو
چوٿينءَ جا چاڙهيڪا ڪوٺن ۾ ڪيا
ڪريان ڪُوڪَ ڪِن ڪي ماڻهو ٽر ٽيا
پنجين جا پري مارو مَنجهه مَليرَ
خاشا هٿا ڪاهوڙ ۾ اباڻا اميرَ
ڇهينءَ ڇانگ ڇيلا. جيڏيُون ياد پيا
واري واڳ وطن تي وَلر مون ڪيا
سَتين جون سنگهارون ٻولي نہ ٻجهَنِ
آئيو جو اُنهن ڪي وڇوڙو وِجهَنِ
آنين آب آڙو ڪٽيو جُڙ جَمَنِ
پربنءَ جي پَسَڻ لئي ويڳاڻيون وَتنِ
نوئينءَ جون نهارون ڪَنمَ ڪَرَ مٿي
اکين جون اُميدون تيَمِ تَر مٿي
ڏهينءَ جي ڏسڻ سان اباڻن مِلان
اُڪنڊيون انهن ڪي ٽوليون ٽيو ٽِلان
يارهينءَ جي ڪوٺن ۾ ڪري دِل دانهون
هرڙا ڏيئي هٿن سين ڪٽان ٻئي ٻانهون
ٻِڳو ٻَر ٻارهينءَ اچي ٽيا اولٹُون

پڪا جي پَنهورن گوُندا منجهه گولن
تيرهينءَ تاڪ تاڙيون لڳا ڏوهه مُون تان
گهوري وڃان "ڳُلو" جٺي، ماروئڙن مٿان
آيو چُوهڙ چوڏهينءَ جو وطن جا ويندي
پيڙي جا پائرن سان هميشه هوندي
پيو پوهڙ پندرهينءَ جو اسان تان اچي
لُٽن مَرَ لوهيارا پيا ڏُٺ پچي
سورنهينءَ جون ساراهون اسان وٽ آيون
ويهي ڪينءَ وساريان وطن جون وايون
سترهينءَ جا ڏينهڙا سائيهه منجهه سِڏا
ڏکيا ڪي ڏينهڙا لاکيٺي لڏا
ارڙهين جو آگو اِلاهيون ڪري
پڇن شَلَ ماڙيون منهنجي پَٽ پَرِي
اوڻهينءَ جا وِچوڙا وسَن تان هتي
ميوا منهنجي ملڪ جا لڳن تال تي
وِيهينءَ جون وِچٺيون، وسن ٿيون هتي
سَرتيون سارين ٿيون سائيهه مَنجهه سُتي
ايڪيهنءَ جا اباڻا چيڙ ٿا چڪَنِ
ميڙيو جا مُٺي لئه رتا ٿا رکن
لڳي ٻُٽ ٻاويهنءَ جي سائيهه جي صفا
لڳي هڪ لڳن کي منهنجي جيءَ جفا
پَڪا تول ٽيويهينءَ جا ڇَنن مِ ڇاڻا

الله ڪارائي انهن آئون ڪي اِئين ٿي ڀانئيان
عمر داب دڙڪا ڏنم لوڪ جا
چوويهن جو چوڪا لڳم لوڪ جا
پيو پوهَ پنجويهينءَ گهونگهٽ جو ڪجي
ڀهر لوڪ سارو تماشو ڏسي
پيو چِرڪ چويهين اسان مٿان اچي
انهن ڪي الله اکين هي ڏيکاري
ستاويهين سومرا سرتيون سڏي
پيڙيءَ جا پائرن سان هميشہ گڏي
اٺاويهين اُپ ۾ ڪري ڪيلَ ڪِنَوڻِ
ڪَڪَر هي ڪاچيلان وارا ڏيو وَسن
اوڻٽيهين جا اباڻا وَڻو ٿي مُلڪ
لٿو درد دِل تان ڪَڙو ٿيو قَلَب
پُورو ٿيو پنهوارن مَهينُو ميان
گهوري وڃان "گُلو" جئي ماروئڙن
مٿان. (١)

**چولو:** چولي جي گيت جا ٻول:

لالُون ڳِتايان لالُون ڳِتايان
ريشمَ دار چولو ڳِچيءَ پايان
لالُون ڳِتايان، لالُون ڳِتايان
چولو ادا جو موتين سان مڙهايان

(١) هي هڪ سگهڙ عورت کان مليو آهي.

ريشم دار چولو ڳچيءَ پايان
لالُون ڳتايان- لالُون ڳتايان.
يا چَون:
چولو ادا جو پوپٽ پَٽ جو
او لڳيس هيري هزار
آيلَ آمان سِبان چاڪَ چولي جا
جيجَلَ ماءَ سِبان چاڪَ چولي جا.

**اوراڻو يا اولاڻو:** ماءُ پنهنجي ٻارَ کي سمهارڻ واسطي اولاڻو يا اوراڻو ڏيئي ۽ کي قرآن شريف پڙهيل مسلم عورتون وري قرآن شريف پڙهي ٻار کي سمهارين. اوراڻي يا اولاڻي جي لوليءَ جا ٻول هن طرح آهن.

لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ حَق لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ
مُحَمَّدُ رَسُولُ الله. حَسبِيْ رَبِّيْ جَلَّ اللهُ
مَافِيْ قَلْبِيْ خَيْرُ اللهُ
پينگهو گهڙيو عَقِيْقُ اللهُ
جنهن ۾ لُڏي مير مُحَمَّدُ شاهَ
حَق لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ- حَق لاَ اِلٰهَ اِلاَّ اللهُ
جيئين پُٽڙا وڏو ٿئين
پَرڻجي شَل ٻنُو ٿئين
آئون اِلاَّ اللهُ جي ڏيان ٻچڙي کي لولي
ستن پائرن ۽ پيٽين جو پاءُ ٿئين
شير پُٽ تون شاهَ ٿيئن

جيترا اٺئي سڄي بَدن تي وار
تيڏي شَلَ ٿئنئي جَمارَ
حَق لاَ اِلهَ اِلاَّ للهُ- حَق لاَ اِلهَ اِلاَّ اللهُ مُحَمَّدُ رَّسُوْلُ اللهُ

**پوکِيءَ جو گيت:** ماڇر، ککرالي ۽ کاري طرف جا ماڻهو زمين کي هَر ڏيڻ وقت بہ گيت چوندا هئا. ليڪن جُستجوءِ دوران اُهو گيت ڪونہ ملي سگهيو، البت پوکي وقت هاري گيت ۾ بہ هر جو ذکر آهي. اُن تصديق ذريعن موجب تہ اهو گيت جيڪو اسان هيٺ ڏئي رهيا آهيون اهوئي هر ۽ پوکيءَ جو هڪڙوئي (دعائيہ) گيت آهي، جنهن ۾ هَرَ ٻج ۽ پوکيءَ جي ذکر بعد برکت لاءِ خدا کان دعائيہ جملا پڻ موجود آهن. ۽ راقم جو خيال بہ اهوئي آهي تہ اِهوئي گيت هر ڪاهڻ جو آهي ڇو تہ هن ۾ هر ڪاهڻ جو ذکر بہ بخوبي ڪيل آهي، هن گيت ۾ وراڻي لاءِ جُدا مصرعہ ايندي، جيڪا هر ٻن مصرعن بعد وراڻيءَ طور استعمال ڪئي وڃي ٿي. "هر هَرين ٿو هلي چلي، او ياءَ هَلي ملي".

گيت جا ٻول   هر، هَرين ٿو هلي- چَلي، او ياءَ هلي ملي
وري ڪيت واڄها سُڌاريون سَنواريون
وري هَـر ڏيئي ٻَنيون اُٿاريون
ڪريون ڇَيت ڳُڙ ٻي ڪو ٻيجو ڪريون
ڪري ڇيتَ ڪَتيون ڪو ڪٿيو ڪريون
هر، هرين ٿو هلي- چلي اوياءَ هَلي ملي
ڪَر ڪيتَ ساوا اي مولا اسان جا!
ٻر پيت ٻکيا اي مـولا اسان جا!

هر، هرين ٿو هلي چلي اوياءُ هلي مَلي

وِجهون ٻج تـا اڄ آسـري الله جي
وِجهج برڪت مولا آنن ۾ اسان جي
هر، هرين ٿو هلي چلي او ياءُ هلي مَلي
گورا ڙا پَٽي ڪورڙن مان ويرهيون ڪريون
وري ياڻ، پاڻيءَ ۾ نـہ ديريون ڪـريون
هر، هرين ٿو هلي چلي، اوياءُ هَلي مَلي.

**لاباري جو گيت:** ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جا هاري پوک پچڻ بعد، جڏهن اجتماعي انداز ۾ لابارو ڪن تـہ عورتون ٽوٽي مرد گڏجي هي گيت ڳائين. گيت جا ٻول هن طرح آهن:

لاهـيـارا لابارن تي لَميا وري
ٻُوڙهن ۽ ٻُنگن تي تہ نَميا وري

وراڻي: لابارن جي لڳل آتن لَرِي لَرِي
ڳُرِي، مورئي پاڻيءَ لابارا لوئين
وِجَهن وَڍَ سـاريـن ۾ تـا ڏانتـا ڏوئين
وِجَهن وَڍَ وجَهنَ تا وري وري
ڪـن ناڙان پـاڙان لاهيارا لابارا
ڪَن چَتِ ساعت ۾ ٻارا سگهارا
ڪَن خَبَرَ خوشين جي ڪَرِي ڪري.

**همرچو:** هن گيت کي عموماً ”ڳاهہَ جو گيت“ چئجي ٿو. لاباري کان پوءِ هَلرَ ڪاهڻ ۽ ڏِڳن کي هڪلڻ وقت ڪُجَن. هن جي وراڻيءَ بہ پوکيءَ واري مصرعہ جيئان آهي، ليڪن هن ۾ ”هَلر هرين ٿي

هلي مَلي" چوَن، گيت جا ٻول هن طرح آهن.

هَل يارَ ڏاندا- وَهِي ٿيندا واندا
ڳاهي يار گوڏا جوانيءَ جا جوڏا
ڏيون يارَ يليڪارَ يَلي- يلي
هَلرَ هرين ٿي هلي ملي، هلي ملي
ڳاهي آن اُڏائيون، پڇاڙيون، پُوهاٺيون
ڪاٺي خوش ٿي ڪاٺون ڪِلي- ڪلي
هَلرَ هرين ٿي هلي ملي، هلي ملي.
هي ماڃَر جا موتيا ۽ ڪارائي گنجا
رڏي ڪيڻ ڪايون ۽ ملٺون ڳِلي، ڳلي
هَلر هرين ٿي هلي ملي، هلي ملي،
وري پوک پوکيون وِجهون ٻجَ ٻارا
وري ٿِين آباد مڙئي ڪيتَ سارا
لهون سار هر ڪنهن، سلي، سلي.
هَلر هرين ٿي هلي ملي، هلي هلي.

## ماڃر، ڪڪرالي ۽ ڪاري جا مشهور رَسمي لوڪ گيت:

رسمي گيتن جو ذڪر اسان مٿي بيان ڪري چڪا آهيون غيررسمي گيتن ڏيڻ کان پوءِ اُهي گيت پيش ڪنداسون جيڪي خاص طور تي شادين مرادين جي موقعن تي ڳايا وڃايا ويندا آهن، هتي اسان مڱڻي جي رسم کان وٺي شاديءَ جي آخري مرحلي تائين جيڪي بہ گيت ڳايا ويندا آهن جن ۾ مقامي زبان، محاورو ۽ لهجو ملي ٿو، پيش ڪجن ٿا:

**مگٽيءَ جو ڳيچ:**

آمَ ٽارڙي رنگ لايو
جوڙ جڙيَس لاڏو سَرهو
هن مومل جي اڱڻ ڏاري راڻل ڪو پيرو ڏئي
لاڏي ڪي لڪڙي- آم ٽارڙيءَ رنگ لايو- جوڙ جڙيس...
جيڪا لاڏي جي مَنَ ۾ آم ٽارڙيءَ رنگ لايو جوڙ جڙيس...
اسان آسون پُنيون آم ٽارڙي رنگ لايو جوڙ جڙيس، لاڏو سَرهو.

**مگٽيءَ جي ڪير پيارڻ جو گيت:**

ٻانهين گهَرايمَ سُوَهڻي آ ڙي رَاڻلَ تون هَلي آ
ساهورين گهر تُون ڙي سِيباڻي تون هَلي آ
آ ڙي راڻلَ ڪير پيارئين
آ ڙي آبَلَ موڙَ ٻَڌايئين
ساهورين تون سيباڻي هَلِيَ آ
آ ڙي راڻلَ تون هلي آ
آڙي راڻل سيج ويهارئين
نياڻيون گهراءِ تون هلي
آڙي راڻل تون هلي آ.

**ڏينهن ٻڌڻ جو ڳيچ:**

ڌُرِي گهَرَائي ٻينَيس اُتر سامهِين، ايندَمِ منهِي ياءِ وراڻي:
ساري ڏيندم سڪڙيون موڪِيُون، مارَلَ ماءِ

هـيڏي آباڻي راڄ مـان پيرو ڪَندَمِ ياءَ
ساري ڏيندم سـوڪڙيون موڪِيُون- مارَل مـاءَ
نٺ گهڙائي بينَيسِ اُتر سامهين، ايندمِ مُنيِي ياءَ
ساري ڏيندم سوڪڙيون موڪيون مارَلَ ماءَ
بانهين گهڙائي بِنَيسِ اُترر سامهين، ايندمِ مُنيي ياءَ
ساري ڏيندمِ سُوڪڙيون، موڪيون مَارَلَ ماءَ.

**هَنجَ جو ڳِيچ:** ڏينهن ٻَڌِجَڻَ بعد رَسَم مطابق ڪُنوار کي وَنهاءُ ۾ ويهاريو ويندو آهي ۽ پهروڪي رسم موجب گهوٽيتن پاران ڪُنوار کي گندي پيش ڪئي ويندي آهي جيڪا ڪُنوار کي مٿان ڪرائڻ بعد ان جي هنج (جهول) ۾ مٺائي رکي ويندي آهي ان کي "هَنجَ" ڪوٺيو وڃي ٿو. اُن موقعي تي جيڪو ڳيچ ڳايو ويندو آهي، اُن جا ٻول هن طرح ماي سگهيا آهن:

هَنج سوناري گهڙيو- سَرِ سون جو هَنجَڙو
جهڙيون لاڏي مَنَ ۾ هَنجِ سوناري گهـڙيو

ورائي:

سَرِ بہ سون جو آلا هنجڙو سوناري گهـڙيو
اسان آسُون پُنيون، هَنجِ بہ سوناري جَڙيـو
سَرِ بہ سون جو آلا هنجڙو سوناري گهڙيو
ساٿن آيون سومـريون، لاڏا سـاٿ سَنگهارڙيون ڪن
ڙي لاڏا ســارو لـڪــيـو بـنـرِيءَ ســان
سَرِ بہ سون جو آلا هَنجڙو سوناري جڙيو.

**وَنـهَاءُ جو ڳِيـچ:** ڪُنوار کي شاديءَ لاءِ باقاعده گهر جي هڪ

ڪُنڊ ۾ ويهارڻ کي ”وَنهاءُ“ چوَن. ونهاءَ جي ڳيچَ جا بول هن طرح ملي سگهيا آهن:

وراڻي: راءِ جا رَتڙِيامِ لـوهـَ، قـَيصـَر پِنَڙيامِ لـوهـَ جِلِيَا جيڏَل وٽ تِليا مُومَلَ وَٽِ راڻل محل ۾ وَناهيڙو جيءُ لاڏو ماءُ سهاڳڻ جائو، راڻل محل ۾ وَناهيڙو تـنهنجي محل ۾ مون گهڙي کـٽ تنهنجي چپر چانيڙي کٽ

وراڻي:

راڻل محل وَناهيـڙو..................

اسان آسُون پُنـيون- راءِ جا رَتڙيامِ لـوهـ

قيصر پنڙيامِ لوهـ

باجهت پايو پُنبِ تي ڙي لاڏا اُبڙو نـائج ڪـنـڊ ڙي لاڏا لاڏي کي جا لِکڙي.... راءِ جا رتڙيامِ لوهـ- قيصر پنڙيامِ لوهـ.

**ميـنڌيءَ جا ڳيچ:** مينڌيءَ بابت مختلف قسم جا گيت ملن ٿا، هڪڙا اُهي جن ۾ پهريائين مينڌي هٿ ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ ٻيا اُهي گيت جن ۾ مينڌي پُسائڻ جو احوال آهي ۽ ٽيان اُهي گيت آهن جن ۾ گهوٽ يا ڪنوار کي مينڌي لائڻ جو تذڪرو اچي ٿو:

**مينڌي هٿ ڪرڻ جو ڳيچ:**

وراڻي: آچڙي پـونڙي مينڌڙي پـوڪايو

رُوبي جَنڊڙي هلي مينـڌي پـيهايـو

سوني ڊاڪونءَ هلي مينڌي پڄايو
ليليٰ جي هلي مَجنُي کي لايو
مَجنُي جي مينڌڙي هلي پينر پڄايو.

### مينڌي پڄائڻ جو گيچ:

وراڻي: مينڌي آنديَمِ ملير مان بچين ياءَ چانگي تي چاڙهي
بچين ياءَ مينڌڙيءَ خاشو رنگ
مينڌڙي هٿڙن لوءِ، مينڌڙي پيرڙن لوءِ، مينڌڙي لووڻ ڏي.
اسان آسون پُنيون، مينڌڙي آنديَم ملير مان بچين ياءَ
چانگي تي چاڙهي (کي عورتون چانگي کي به چون).

### مينڌي گهوٽ کي لائڻ جو گيت:

وراڻي: مينڌي شهر بندر جي هلي منهنجي لاڏي کي لايو
لاڏو منهنجو سوداگر، هلي منهنجي لاڏي کي لايو
بينسر جوڙائج نُهري، هلي منهنجي سوڍي کي لايو
مينڌي شهر بندر جي هلي منهنجي بنيِن کي لايو
ملها جوڙائج نُهري، منهنجي سوڍي کي هلي
مينڌڙي لايو
مينڌڙي شهر بندر جي هلي منهنجي لاڏي کي لايو.

**جڃَ اچڻ جا گيت:** ماجر، ڪڪرالي، جاتي ۽ ڪاري طرف شاديءَ ۾ جڃَ اچڻ وقت جيڪي گيت چيا ويندا آهن انهن جا ٻول هينئين طرح ملي سگهيا آهن:

وراڻي: نياڻيون گهُرايم بنگلي آلا
بنگلو تہ قادر پير جو روضو شَلَ روز ڏسان

چند، سَچَ بي بيءِ هَنجَ ۾ آئون مدينـي
جو مير ڏسان
نياٽيو گهُرايَمِ بَنگلي آلا....
پائر گهُرايَمِ بَنگلي آلا.....

وراڻي: پانهين گهڙائيندو، سونو چٽ بنايو، ماڙيءَ
۾ راڻي راءَ ريجهايو
ڍوليو ڏکيءَ رات اُچيءَ جَيَجَ سان آيو
ماڙيءَ ۾ راڻي راءَ رِيجهايو
ڏُهرِي گهَڙائيندو، سونو چٽ بنايو
ماڙيءَ ۾ راڻي راءَ ريجهايو
نَٿَ گهڙائيندو، سونو چٽ بنايو
ماڙيءَ ۾ راڻي راءَ ريجهايو
ڍوليو ڏکيءَ رات اُچي جَيَجَ سان آيو

**گهوٽ کي وهنجارڻ جو گيت:** گهوٽ وِهنجارڻ وقت جيڪو گيت هن علائقي ۾ جهونگاريو وڃي انهيءَ جا نموني طور بول هن طرح آهن:

وراڻي: آبا توکي پائر ٿا رانيئنِ، ڙي آبا هلي آ بنگلي
سير صابڻَ جو تنهنجي چوٽي لڳي
آبا توکي پائر ٿارانئين ڙي آبا هلي آ بنگلي
سير عَطر جو تنهنجي وڳي لڳي
آبا توکي پائر ٿا رانئينِ ڙي آبا هلي آ بنگلي

**ڪُنوار کي وهنجارڻ جو گيت:** ڪُنوار کي وهنجارڻ وقت جيڪو گيت چوَن اُن جا ٻول هن طرح آهن:

ورائي: پوري مٽڙو ڏوئي، ڪليو ڪُهنو ڪوئي
هن مارُل جو- هن جيڏل جو لکيو انگ، گهرِ تيو
پُوري جُتي پير ۾ آئين هرين هلو ڪو پير ڪٿو!
اسين هلندڙي آسَ سچڻ- هرين، هرين هلو....
گج تو تي پاتو، مَن منهنجو ٺريو.
پاءِ چندن هارِ، سهٽو پتارِ، ٻائي توکي جُڙيو
پوري مٽڙو ڏوئي ڪِليو ڪُهنبو ڪوئي
نت تو تي پاتي، من منهنجو ٺريو
ڏهرِي تو تي پاتي، مَن منهنجو ٺريو
ورائي: پاءِ چَندَنِ هارِ لاڏي ٻائي سهٽو پتار توکي مليو.

**پڙي جا گيت:** گهوٽ ۽ ڪُنوار جا ڪپڙا ڌار ڌار جن ٿالن ۾ وِجهي رکن، اُنهيءَ ڪپڙن واري ٿال کي "پڙو" چون. گهوٽ ۽ ڪنوار جا پڙا وري ڳارائجن، پڙي بابت جيڪي ڳيچ ملي سگهيا آهن، اُهي حاضرِ حذمت جينءَ جو تئين لکيا ويا آهن:

**گهوٽ جي پڙي جو ڳيچ:**

ورائي: هيءَ جو سُٺڻ موڪِيان (موڪليان) منهنجو رائِلِ تو پرهي
وَرِسي اسان جي مير جي شلَ اوڃَڻَ ۾ اوڊي
جنهن گهر آيو نانئيڙو، هي ڪپڙا موڪيان منهنجو رائِلِ
تو پَڙهي

ورسي اسان جي مير جي شَلَ اوچڻ ۾ اوڍي
جنهن گهر آيو نانيڙو، هي ڪپڙا تو پَرهي.

**ڪُنوار جي پڙي جو ڳيچ:**

کُهنين ساڻ پڙو سو تہ لاڏي ماءُ هيرَ سَنيايو
وراڻي: يا مولا! مان سِين ميڙ هلو- اونـِي اورَب پار جا
ساٿ جُڙيو سـَردار .... يا مولا.....
نياڻين ساڻ پڙو- سو تہ لاڏي جي ماءُ هير سنيايو
ساٿ جڙيو سردار جو اونـي اورب جا ساٿ جُڙيو سردارِ.

**موڙ جو گيت:** گهوٽ کي موڙ ٻڌڻ وقت جيڪو ڳيچ ڪُچَن انهيءَ جا ٻول هن طرح آهن:

وراڻي: پـلـيـن گـهـوٽ آيـو، پـلـين گـهـوٽ آيـو
موڙ ادا جا مليران جي آيا، آئين ڪوني ڪوناري
هلي موڙ ٻڌايو
پلين گهوٽ آيـو- پـلـين گـهـوٽ آيـو
پلـين گـهـوٽ آيـو- پـلـين گـهوٽ آيـو.

**نَرگسِ (سرگسِ) جو ڳيچ:** گهوٽ کي نرگس گهُمائڻ بعد جڏهن اُن کي گهر آندو وجي ٿو تہ عورتون دروازي تان گهر اندر وني اچڻ لاءِ گيت چون ۽ ٻيو گيت وري، وڃايل سيج تي پهچائڻ تائين چون، جن جا ٻول هن طرح آهن:

**دروازي اندر وني اچڻ وارو گيت:**

وراڻي: گهوٽ گُهمِي گهر آيو، هـي رنگ لال، لاکَڻِ لايو

پـلـيـن گـهـوٽ گـهـمـي گـهـر آيـو
جهڙو گهوڙو گهوٽ جوڙي ميان تهڙا ساجَ سنيايو
گهوٽ گُهمِي گهر آيو، هي رنگ لال، لاڪَڻِ لايـو
چارئي يار رسول جاڙي ميان، پَنج تن پاڪَ پڙهايو
گهوٽ گهمي گهر آيو- هي رنگ لال، لاڪَڻ آيو
مائڪي محمد مير جي ڙي ميان چَشمنِ ساڻ چُمايو
هيءَ رنگ لال، لاڪَڻِ لايو- گهوٽ گهُمي گهر آيو
تِڪڙي سِيرَ سَمُوندَ جي ڙي ميان لحظي سان لنگهايو
هي رنگ لال، لاڪَڻِ لايو، گهوٽ گهمي گهر آيو
آسي عبدالرؤف جَئي ڪلمون پاڪ پڙهايو
هي رنگ لال، لاڪڻِ لايو، گهوٽ گهمي گهر آيو.

**سيج تائين پهچائڻ وارو گيت:** هن کي عورتون ”جاڳائڻ“ وارو گيت بہ چون:

دِوليو ماٺهــو ڏَنَ جوڪِ پـَٽ جو، آئين جاڳي چونـ جاڳايـو
آيلَ ماٺهو نندَ ۾ ڪَ سڪَ ۾، آئين جاڳي چونـ جاڳايــو
لاڏي جا لِڪڙي، دِولو مـاٺهـو ڏَنَ جو ڪَ پـَـٽَ جو
دِوليو ماٺهو ڏَنَ جو ڪَ پَٽَ جو، آئين جاڳي چونـ جاڳايو.

**سيج جو گيت:** هيءَ گيت گهوٽ کي سيج تي ويهارڻ وقت چون:

وراڻي: گُل چُونـديـان راڻــل گـهــوٽ تـــان
بانهين سَنـديـن سجي سـونَ جي مَٽس گُلَ گُلاب جا
چوڙين رانـئـيـو هــلـي گـهـــوٽ کـي
گُلَ چونــديـان راڻــلَ گـهـوٽ تـان

پرڻي رات رسول جي پنج تن پاڪ پڙهايو
حضرت آنديئون سيج تي او گُل چونديائون گهوٽ تان
بينسر سنديس سڄي سون جي مٿس گُل گلاب جا
حُورين رانيُو هلي گهوٽ کي، اي الله! محمد آنديئون
سيج تي
گُل چُونديان راڻلَ گهوٽ تان.

**لانون جا گيچ:** گهوٽ ڪُنوار کي سيج تي ويهارڻ بعد شاديءَ ۾ آيل ڄاڃين مان سَتَ عدد پرڻيل عورتون گڏ تي ڀريان، اُهي واري واري سان گهوٽ ۽ ڪُنوار کي لائون ڏيارين ٿيون، جن کي ”سَتَ سُهاڳڻيون“ سڏين، انهن لانئُن کان پوءِ ٻيون آيل عورتون ۽ مرد لانئون ڏياري، ان وقت، عورتونجيڪو گيچ چوَن تنهن جا ٻول هن طرح آهن:

ورائي:

ڀِهرڙي لانَ چَندِ ٻابوري اسان سوين ڏنا سيج چڙهندي
سيجڙي سومائي چوڻي ياوي ڏيٿس گُجرڙي رات گورڙي ساري

ٻي لانءِ:

ٻيءَ لانءَ چندِ ٻابوري اسان سوين ڏنا سيج چڙهندي
ماڻهتون سائيلڙي ماڻِ مائي وريو صاحبڙو وَنوُ

ٽين لانءِ:

ڏوڙڙي ڏهه ڳنديون لاڏا ڏونرڙو ڪينءَ چُٽي
ٽين لانءِ: چَندِ ٻابوري اسان سوين ڏنا سيجَ چڙهندي
تِرَ تِترڙيان ماڻِ، تُون آن نندڙي ڪُنوار جيڪي لاڏو ڏئي.

سو لاڏو وٺي......................

چوٿين لانءِ:

هيءَ چوٿين لانءِ چَندَ پاپُوري، اسان سوين ڏنا سيج چڙهندي رَتَا پَدڙا مائي، تون آن ننيڙي ڪُنوارِ جيڪي لاڏو ڏئي سو لاڏو وٺي............................

پنجين لانءِ:

چُون مسنديئڙي مکڻ، ميڙيو مَنڊِئيڙو پنجين لانءِ چند پاپوري اسان سوين ڏنا سيج چڙهيندي سَمَرِ، سَمَرِ وِنجهِلي، وِنجَهِلِيءَ واوُڙو، سرتيءَ نيڻ نَرن

ڇهين لانءِ:

هيءَ ڇهين لانءِ چند پاپُوري، اسان سوين ڏنا سيجَ چڙهندي ڪِر، ڪِرِ ڪُڏڙيءَ راندِ، جيڪو ڪني سو ڪائي، هَٿَ اُگهي وَنڙِيءَ نيڻ نَرِن

ستين لانءِ:

هيءَ ستين لانءِ چند پاپُوري، اسان سوين ڏنا سيج چڙهندي

ان کان سواءِ لانئن جا پيا بہ ڪيترائي گيت شادي جون مختلف رسمون ادا ڪندي گيت ڇون.

**نِڪيتيءَ جاڳيا:** شاديءَ بعد نِڪيتي ٿيندي آهي، اُن موقعي تي بہ هتان جون عورتون پنهنجا خاص گيت ڪُڇَن ۽ گهوت، ڪُنوار کي لانئون بہ ڏين، هيءَ موڪلائي وار لانءِ ڪري ڇوَن جن جا بول هن طرح آهن:

**لانئن وارو ڳيو:**

وراڻي: ڀھرڙي لانءَ چَندَ بابُوري چَتَڙي پَرٽجيءَ چِٽي چُوڙي
آلا، آلا چُوڙي ڏِيءَ چمارَ، جڏھن جاٺو لَڏن ماروڙو مول
(مھل) سين آيو
ھيءَ ٻي لانءَ چند بابُوري چَتَڙي پَرٽجيءَ چِٽي چُوڙي
جھڙِي وَنِي ڪوٽ جھڙو وَنُو. پَرَٽي وَرِيو ھھڙو وَنُو
نوٽ: اھڙي نموني سَت لانئون پوريون ڪن.

موڪلاڻي وارو ڳيو:

وراڻي: لاھہَ ڪڙولو ڪوٽ جو اسين مُومَلَ نِينداسون
مومل نِينداسون، اسين سات (ساعت) نہ سوندا
(سھندا) سون
ھَڪَل بابو بِجليءَ تي اسين اوتي پوندا (لَھندا) سُون
وراڻي: لاھہ ڪڙولو ڪوٽ جو اسين جيڏل نِينداسون

ٿَڏو چِنُو: نِڪيتيءَ واري لانئُن بعد اڳي (ھاڻي بہ ڪن برادرين ۾ آھي) اھو رواج ھوندو ھو جو ڪُنوار کي مائٽاڻا ڪَپڙا لھرائي، ساھورن جي گھران آيل ڪپڙا پھرائي چَني جي وچ ۾ ڪُنوار کي ويھاري، ھڪ جيڏيون سھيليون ۽ پوڙھيون، پڪيون عورتون ڪُنوار جي چوڌاري ويھي جيڪو ڳيو چونديون آھن، ان کي "تَڏو چَنُو" چون. انھيءَ ڳيي جا ٻول ھن طرح آھن:

تَڏو چِنُو، اڏڙيون آڏڙيون تي يانيانسِ ڙي
وراڻي: ساھُلَ ھيءَ جا ننڍڙي- ڙي- ساھُل ھيءَ جا ٿُتڙي ڙي
سياري جوڪُتي اونھاري ٻي رات ڙي
ساھُلَ ھيءَ جا نَنيڙي ڙي، ھيءَ جاڳورڙي- ڙي

سيٽين گهوڙو ڏينديءِ- ڙي. اوچي ڏاند چڙهندڙي- ڙي
ساهُلَ هيءَ جا نہ ڏيندڙي- ڙي وارڙي ڙي
جوڏ جُواڻڙي، ٻول تون ٻانيڻ ٻول ڙي
ساهُلَ هيءَ نہ ڏيندي ڇتڙي وارڙي- ڙي

**گهر مان ڳارائي ٻاهر ڪڍڻ جو ڳيو:**

اُٽ. اُٽِ ڏيئڙي ٻائي نِڪَر ٻاهَر ڇڏ اباڻا گهر
ماءُ ڏِنَئي موڪَلَ پِيءَ پَرتيءَ رب کي
وراڻي: هاڻي لاهيو ڪڙو هن ڪوٺ جو اسان جيڏل نيندا سين
اسان سات (ساعت) نہ سوندا (سهندا) سين
هاڻِ ڪوڙِ تنبُو (طنبو) هِنَ ريل (ٻٽ) تي اسان جيڏل
نينداسين

هاڻي لاهيو ڪڙو هن ڪوٺ جو اسان جيڏل نينداسين.

**لاڏيءَ جو گيت:** گهوٽيتا جڏهن گهوٽ پَرڻائي پنهنجي گهر اچن تہ خوشيءَ مان عورتون پنهنجي اُميدن ۽ آسن پورين ٿيڻ بابت گيت چون، جنهن کي عام طرح "لاڏو" چيو وڃي.

وراڻي: اسان آسُون پُنيون، ڪيرول سَجِڻيءَ رات
سَجَڻِ آيو ينسڙيءَ رات، ڪِلي ڪُڏي سارڙيءَ رات
حَسنَ ميارو لاڏو هيرَ (هِتير) تو (تو) اچي
اسان آسون پُنِيُون، ڪِيرولَ سَجِڻيءَ رات.

**ٻيا مختلف گيت:**

رسمي گيتن کان سواءِ هن علائقي ۾ شاديءَ جي حوالي سان ٻيا بہ ڪيترائي اهڙا گيت آهن، جيڪي شاديءَ جي رسمن دوران

ڳايا وڃن ٿا. انهن ۾ "سانجهي"، "لاڏا"، "ڏاوڻ"، "سات سنوڻ" ۽ "گهوٽ کي ڏکڻي پچائڻ" کان سواءِ پوڳ چرچي مذاق ڪرڻ وقت جيڪي گيت چون اُن کي "هيرا" چيو وڃي، ۽ ڪُنوار کي ڳڙا ۽ زيور پارائڻ وقت ۽ ٻيا اِهڙي قسم جا ڪي گيت آهن، جن مان ڪي هيٺ ڪن ٿا:

**سانجهي:** ڪُنوار کي وَنواهه دوران ڇهي ڏينهن، روزانو سانجهيءَ ٽاڻي عورتون گڏجي نصيحتون ڪن. اُنهن منظوم نصيحتن کي هُو "سانجهي" سڏين. سانجهيءَ واري گيت جا ٻول هن ريت آهن:

وراڻي: سانجهي، سانجهي سانجهيڙو ڏِجي
جنهن گهر سَنجهڙو، سو گهر وَسي
سانجهي، سانجهي، سانجهيڙو ڏِجي
پير سين پينگهڙو نہ لوڏِجي
سُتڙو، پُٽَڙو نہ جاڳائِجي
سانجهي، سانجهي، سانجهيڙو ڏِجي
نندي وڏي جي نَمتا ڪَجي
اُڪري موئيلَڙو نہ اورانگِجي
سانجهي، سانجهي، سانجهيڙو ڏجي
تتڙو گيهہ نہ تور جي
ٻوهاري سوهاري گهر ڪنڊ نہ رکجي
سُتڙي ڪُتَڙي، نہ اُٿارجي
سانجهي، سانجهي، سانجهيڙو ڏجي
جنهن گهر سَنجهڙو، سو گهر وَسي.

**ٿَنبِ واري سانجهي:** هيءَ سانجهي بہ ڇهہ (٦) ڏينهن سَتَ سهاڳڻيون ڪنوار مٿان اچي ويهن ۽ اُن تان پنهنجي گنديءَ پَلئو وجهندي، جيڪا گيت جي مصرعہ ڪُڇن، اُن کي عورتون ”ٿنب“ چون. هن گيت جي هڪ مخصوص مصرعہ اِها آهي جو پهرئين ڏينهن چون ”اُت لَئي ڏيئڙي بائي ڇوڙ ڪَنگڻِي بَدِ اکيو....“اهڙي طرح آخري يعني ڇهين ڏينهن چون: بَدِ ڪَنگڻِي ڇوڙ اکيو....“ ”ڪَنگڻِيءَ“ مان مُراد ڪُنوار جي ويڙهيل ۽ ڳُتيلَ چوٽي آهي، اِنَ ”ٿنبن واري سانجهي“ جا ٻول هن طرح آهن: اِهي ٿنبَ ڪُل سَت ٿين.

ورائي: ٿنبِ ٿَنبيان، ٿنبين ٿُوٽي هيرو جَڙيو ماءَ پَسِي
موتي مَڙهيو
اُت لَئي ڏِيئَڙي بائي ڇوڙِ ڪَنگڻي، بدِ اکيو، جج آئي
ساهورين
ٻَهريون ٿَنبِ ٿِنبيان، نانا جي ٿنبِ- ٿنبيان..........
ورائي: ٿنبِ ٿنبيا ٿنبين ٿوٽي، هيرو جَڙيو ماءَ پَسِي موتي
مَڙهيو
ٻيو ٿنبِ، ٿنبيان- ڏاڏا جي ٿنبِ ٿنبيان
ٿنبِ ٿنبيان ٿنبين ٿُوٽي هيرو جَڙيو ماءَ پسِي،
موتي مَڙهيو
ٽيون ٿنبِ، ٿنبيان ٻُڦا جي ٿنبِ ٿنبيان
ٿَنبِ، ٿنبيان ٿنبين ٿُوٽي.....................

چوٿون ٽنپ ٽنپيان- چاچا جي..................
ٽنپ، ٽنپيا ٽنپين ٽوٽي..........................
پنجون ٽنپ، ٽنپيان ماما جي......................
ٽنپ، ٽنپيا ٽنپين ٽوٽي..........................
ڇهون ٽنپ، ٽنپيان ڏاڏا جي.......................
ٽنپ، ٽنپيان ٽنپين ٽوٽي.........................
ستون ٽنپ ٽنپيان ڪُرَمَ سَبَ ڪُرَم ٽنپيان........
ٽنپ ٽنپيان، ٽنپين ٽوٽي، هيرو جڙيو ماءَ پَسي
موتي جَڙيو.

**پَلاندَ واري سانجهي:** هن سانجهيءَ کي پَلاند واري سانجهي چوَن، هيءَ بہ سَتَ سُهاڳڻيون ڪُجن، سانجهيءَ ٽاڻي ڪُنوار توڙي گهوٽ جي ساٽن وقت ڪُجنِ، هن جا بول ڪجهہ هن طرح آهن:
وراڻي: مَٿس لُونگڙيءَ پاندِ، مَٿس چُنڙي پَاندِ، توتان ڪَنيئڙي
رَتو توتان ڏوپٽڙي ڏوتو
اسان جو نَبِي سگورو سيجَ چَڙهندو
پهريون ٽَنپ جو آڏڙي آڏڙيا مورڙي ساري تون تان وَنڙيءَ
سُهاڳڙو جِيءَ لاڏو جي مائيندو
سائڻي طرح بيا ٽنپَ بہ انَ وانگيان عورتن چون ۽ اهڙيءَ طرح سَتِ ٽنپَ پورا ڪَن، جن ۾ رڳو وَرِجاءُ آهي.

**لاڏا:** عورتون خصوصا شاديءَ جي موقعي جيڪي خوشيءَ جا گيت ڪُجَن اُنهن کي "لاڏا" چوَن. انهن لاڏن ۾ گهوٽ ۽ ڪُنوار جي

ڪپڙن، سونهن سوڀيا ۽ ڪُنوار جي زيورن، ڳهن، ڳنن جو به خاص ذڪر هوندو آهي.

وراڻي: آيل ڀُوري، ماءُ ٿي پنهنجي پٽ کي پرڻايو
آيل ڀُوري، پيءُ ٿي پنهنجي ڀاءُ کي پرڻايو
ويس واري اسان جي لال ڪُنوار.........
پوچڻ وارو اسان جو لاڪـٽيـو لاڏو
آيل ڀوري ماءُ ٿي پنهنجي پٽ کي پرڻايو
آيل ڀوري پيءُ ٿي پنهنجي ڀاءُ کي پرڻايو
اسان جي لاڏي ڌُريءَ جيڏي ٿَٽ ته سُهرو ڏيندو
مارَلَ تنهنجو ورڻو وَر سين ايندو، ور ته سلامت هوندو
وراڻي: آيل ڀوري ماءُ پنهنجي پٽ کي پرڻايو
آيل ڀُوري پيءُ پنهنجي ڀاءُ کي پرڻايو
اسان آسون ڀُنيون، سون جو ٻيڙو ڙي آبا تنهنجو ڀاڳ
سون جو ٻيڙو ڙي آبا تنهنجو ڀاڳ
موتين چانٺيو مارَلَ تنهنجو ڪانڌ
هَنجَرلَ جيٺو چام جَراڙ (١)
اسان آسون ڀُنيو، سون جو ٻيڙوڙي آبا تنهنجو ڀاڳ
وَرِنا ٻائي ٻُو ٻنا ٻائي (٢) توکي لڳڙي جا جَٽَ
جراڙَ جي
لاڏي کي جا لِکڙي وَرنا ٻائي، ٻُو ٻنا ٻائي- توکي جا
لڳڙي چَٽَ جَڙار جي
سُونهي ڪُنوار ٻانهين ۾ ٻانهي ٻارِتَڙو جويَنِ هيلُون ڏي

سُونهي وَاڻِ ڪُلهي تي ڪانهين ٻاريئڙو جوين هيلون ڏي
سونهي ڪُنوار کي نَڪَ ۾ نٿڙي...............
سُونهي ڪُنوار کي ڪَنَڌ ۾ ڏُهري...............

**ڏاوڻ جو ڳيت:** گهوٽ ترگس (سرگس) تان موٽي گهر اچي ٿو تہ گهوٽ جون سالِيون، هڪ زَريدار ڏاڳو ڪٽي اچي گهوٽ مٿان جَهلين ۽ پوءِ جيڪو گيت چوَن اُن کي "ڏاوڻ" جو گيت چوَن، ان جا ٻول هن طرح آهن:

راڻـَلِ آيـو راڄَ ۾ طنبـو کوڙيـنـدو بـاغ ۾
ڏارون ساڙيندو ساڻورين، سـونا ڏاوڻ ڏائيـنديون سالـيون

ورائي:

سالين ڏاوڻ ڏايو، سـونو ڏاوڻ رُوپي ڪـڙي
اي حضرت! مـوڙ سـون جا ٻَنايمَ تـو لـئي
مـحـمـد مـوڙ ٻـَنـايـَمِ تـو لئي
سـالين ڏاوڻِ ڏايـو، سـو ڏاوڻ رُپي ڪـڙي

**ڍِڪـِيءَ پِجڻ بعد جو گيت:**

ورائي:اُٿِ، اُٿِ مـيـان ڊولِـيـا رات موچاري
اسـان آسـون پُنـيُون مـير مـون گهر آيو
پير مون گهر آيو، ڪارڙي ڪُڏيلَ ريل چنيسرَ هـيل آيو

ورائي:

اُٿ، اُٿِ مـيـان مـيرَ ڊولـيـا رات مـوچاري
الله منهنجو دودل آڻِ، مولا منهنجو چنـيسر آڻِ
ٻـچين ڙي مـيـر چامَ جَـنَ سـويلـڙي آڻ

اسان آسون پُنيو اُتِ، اُتِ منهنجا ڍوليا.

هيرو: هيءُ گيت، عورتون شاديءَ جي ڪمَ ڪار ۽ شاديءَ جي رسمن کان وانديون ٿي چون، اُن گيت کي عورتون "هيرو" چون. هن گيت ۾ عورتون هڪ ٻئي سان مذاق، مسخري ۽ کِلَ ڀوڳ وارو بول ٻولين گيت جا بول هن ريت آهن:

وراڻي: واههَ، واههَ منهنجو ٻَپيهَلِ، ٻولي ٿو مَنَ ۾ ڳالهه
ٻُڌائيندو ڪَنَ ۾
راڻو منهنجو منڙو ڪوهه موهيو اِٿي، سُهڻا منهنجي
دلڙي ڇو جَهلي اٿئي؟
سودو پُٽ سورهي جو سوريهه ساماڻو
اچيا پاتائين ڪپڙا جهڙو موتيءَ ڏاڻو
ها... ها... منهنجو ٻَپيهَلِ ٻولي ٿو مَنَ ۾..........
اچي ڇُني ڇِٽ گهٽا، چوڙ ڇٽي ٻانهين وَرَ صُبح جا
سائين، ٻيڙي گُل غيرب جي
ها... ها... منهنجو ٻَپيهَلِ ٻولي ٿو مَنَ ۾..........
پيرِ تي ٻه ڇَٽا بينا گهٽ گهڙين، آئون گهُران هيڪڙو
ٻانڪر يريو ڏين
ها... ها... منهنجو ٻَپيهَلِ ٻولي ٿو مَنَ ۾..........

راڻو: عورتون اڌي رات کان پوءِ، گهوٽ راڻي لاءِ جيڪو گيت چون اُن کي هو پنهنجي "زناني ٻوليءَ" ۾ "راڻو" چون، جنهن جا بول ڪجهه هن طرح آهن:

وراڻي: آ، راڻا ٻچين راڻا، منهنجي گُلابي راڻي کي آڻي مَنَ الله

راڻو، راڻو، مَ راڻو آهي پَروس..................

ادي منهنجي گلابي راڻي کي آڻي شال الله
امان مون ڏي موڪليو، ٻيڙيءَ چاڙهي شينهن
شينهن تہ پاڻ پنجري ۾ مارِيس تنهنجي نِينهن
آ راڻا ٻچين راڻا، منهنجي سوڍل راڻي کي آڻي مَن الله
امان مون ڏي موڪلي سُونگهي ۾ ٻانهي
ٻانهين پاڻ ٻانهن ۾ سُونگهو نيشاني
اديون منهنجي صورت جي سوڍي کي آڻي مَن الله.

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

علم

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو